ڪتابيءَ ڪان پرولتاري تائين

فيض محمد شيدي

ڪالا ادب پبليڪيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابيءَ ڪان پرولتاري تائين

فيض محمد شيدي

(سنڌ ايڪسپريس جي سنڌي ميگزين ۾ شايع ٿيل قسط وار مضمونن جو مجموعو)

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

ڪتاب جا جملي حق محفوظ

ڪتاب جو نالو: ڪتابيءَ ڪان پرولتاري تائين

ليکڪ : فيض محمد شيدي

ڇاپو پهريون : ڊسمبر 2015ع

ڪمپوزنگ : ڪانشڪا

ڇپيندڙ : همت پرنٽنگ پريس، حيدرآباد

پبلشر : ڪالا ادب پبليڪيشن

قيمت : 100.00 روپيا

KHUTHAABI KHAAN PROLITAREE TAEEN

(Autobiographical Notes & Memories of Struggle)

By: Faiz Muhammad Sheedi

Composed by : Kanishka

Publication: Kala Adab Publication

Printed by: Himmat Printers, Hyderabad

Edition : 1st December 2015

All Rights Reserved

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

مامي فيضوءَ جي ڪهاڻي (مهاڳ) 6
پڙاڪر 10
هڪ منفرد ڪهاڻي 12
پنهنجي پاران 14
اميدن جو فصل 16
منهنجو ننڍپڻ 19
پرولتاري جو سفر 24
خورشيد قائمخاني 34
جوڳي بستي 39
شهيد هوش محمد شيدي جي مزار 43
ڪامريڊ خديجه گوهر 57
شهيد حسن ناصر 65
حيدرآباد جا مير برادران 76
چمبڙ ۾ هارين جي بغاوت ۽ هاري جدوجهد 82
خانه بدوش ۾ 93
ڪيمو جوڳي جي ڏکوئيندڙ پڄاڻي 109
پوئتي پيل طبقن ۾ شعوري ڪم 113
ڪامريڊ عاصم 123
سوئي گئس مان رٽائرمينٽ 125
آخري لفظ 126

books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

ارپنا

ڪامريڊ اعزاز نذير،

ڪامريڊ خديجہ گوهر،

ڪامريڊ خورشيد قائمخاني،

ڪامريڊ احمد علي لغاري

۽

ڪامريڊ عاصم جي نانءُ

سو ڪافي ڪهاڻيون ذهن جي ڪينواس تي ٿوهر جيان پاڙون هڻي بيٺيون هيون پر قلم جي جنبش سان انهن کي سلي نه سگهيس. ڪافي اهم واقعا ۽ دوستن جا احوال پڻ هاڻ ياد نٿا رهن ۽ پنهنجي ڪهاڻي پڻ مڪمل طور لکڻ کان قاصر آهيان. ڪافي يادون وڃائجي پڻ ويون آهن ۽ ڪافي وقت ملڻ دوران اهي ڪجهه يادون پڻ مس مس ذهن تي تري آيون ۽ هڪ بي ربط ڪهاڻي لکڻ ۾ ڪامياب ويس

اب اپني حقيقت بهي ساغر بي ربط ڪهاني لگتي هي،
دنيا ڪي حقيقت ڪيا ڪهيي ڪچهه ياد رهي ڪچهه بهول گئي.
(ساغر صديقي)

مهاڳ

مامي فيضوءَ جي ڪهاڻي

هن ڪي ماڻهو هوچي من وانگر مامو سڏيندا آهن. مامي فيضو ، پنهنجي نالي سان گڏ مامو شامل ڪرڻ جي ڳالهه ٻڌائيندي چيو هو ” ابو بلال بينجو وڄائڻ جو وڏو فنڪار هو ، سعيد آباد ۾ شيدين جي پروگرام ۾ مون تي ماما نالو رکيو هو، جيڪو سدائين لاءِ پڄجي ويو. هاڻ مونکي ننڍو وڏو ماما چئي ٿو فيضو ٻڌايو هو“.

فيضو شيدي هڪ اداري طور ڪم ڪندو رهيو آهي.هن نہ رڳو پنهنجي جيون ڪٿا ڪي ڪتابي صورت ۾ لکي، پنهنجو قصو بيان ڪيو آهي، پر اها ڪهاڻي چڻ هڪ دور جي تاريخ بہ آهي. جيتوڻيڪ هن پنهنجي جمڻ واري ڳوٺ جمڙائو لڳ سيد مقيم شاهہ جو نالو ضرور ڄاڻايو آهي، پر مقيم شاهہ جيڪو پاڻ بہ هڪ وڏو ڪردار هو. ان جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو آهي. ساڳي ريت هن پنهنجي انهيءَ قصي ۾پنهنجي پٽي ڳوناٽي وڏي ڌاڙيل طور سڃاڻپ رکندڙ ۽ حيدرآباد سينٽرل جيل ڪي پنهنجي هٿ ۾ ڪري ويٺل مراد علي مير جت جو بہ ڪو ذڪر نہ ڪيو آهي جتي هو سينٽرل جيل ۾ قيد ٽيڻ ساٽس مليو هو. پر هن جهڙي ريت دلچسپ پيرا ۾ مدرسي مان ڀڄي نڪرڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي آهي، اها تمام گهڻي دلچسپي واري آهي . جو مدرسي جي مولوي جي پٽ ڪي ڪوهہ مان ان عيوض ڪڍيو تہ ڪيس مدرسي مان ڀڄڻ ۾ رڪاوٽ نہ بڻبو ۽ مولوي پٽ جي عيوض ان لاءِ تيار بہ ٿي ويو.” ان ڪان پوءِ هو پيءُ جي خوف ڪان گهر وڃڻ جي بدران حيدرآباد جي روڊ تي سمهي گذاريو ۽ جنهن ڪان پوءِ صدر جي جامع مسجد وٽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ شربت وڪڻن جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو ۽ حڪمت جي ڪم سان لاڳاپيل قاسمي صاحب ڪي شربت جي نسخي ۾ تبديلي لاءِ قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن جي ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپ قصو اهو بہ هو تہ هو ان ڪان پوءِ فرانس هليو ويچي ٿو. هن جي زندگي ۾ حيرت ناڪ قصا بہ آهن۽ هن جي جستجو جي ڪهاڻي بہ آهي.اهوئي سبب جو هن جي جيون ڪٿا ۾ ڪئين پهلو ملن ٿا. هڪ طرف هو شيدين جي غلامي واري درد ناڪ ۽ تڪليف ڏيندڙ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.تہ ٻئي طرف هو ان ڪيفيت مان جنهن بهادري سان نڪرڻ جي ڳالهہ ٻڌائي ٿو ، اها وڏو خوصلو ڏيندڙ آهي. مونکي فيضو شيدي جي بي باڪي ۽ همت سان ڳالهہ ڪرڻ تي حيرت بہ ٿيندي آهي. هن جي جيون ڪٿا ۾ هڪ طرف 60 سال اڳ واري ملڪ جي سماجي ۽ سياسي ڪهاڻي جو بہ ذڪر ملي ٿو . هن جي جيون ڪٿا ۾ سياسي هلچل ، سماجي سرگرميون، مزدور تحريڪ، ڪميونسٽ تحريڪ ۽ سنڌ جي هيرو هوشو شيدي جي قبر ڳولڻ وارو تحقيقي ڪم. هن جو مثالي ڪمن ۾ شامل آهي.هن هوشو جي قبر جي ڳولا جديد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاريخي گھرجن جي بنياد تي ڪئي. اها سڄي مهم تاريخي نوعيت واري آهي. هن ڪميونسٽ پارٽي ۽ مزدور تحريڪن ۾ پڻ سرگرم ورڪر طور ڪم ڪندو رهيو آهي.هن جي جيون ڪتا ۾ ڪامريڊ حسن ناصر کي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مختلف هنڌن تي روپوشي جي حالت ۾ لڪائڻ وارو قصو پڻ هڪ دور جي تاريخ سان شناسائي وارو آهي. هن پارٽي جي تنڻ کان پوءِ شيدن ۾ سجاڳي وارو ڪم هٿ ۾ کنيو. جنهن کي ئي هن بنياد بنائي ڪتا لکي آهي.جيڪي اڳم هو اسان سان ذاتي ڪچهرين ۾ ٻڌائيندو رهيو آهي.

هو چوندو رهيو آهي تہ" سنڌ ۾ شيدي جسماني طور تي هاڻ غلام تہ نہ آهن، پر ذهني غلام ضرور آهن. ان ڪري انهن کي ذهني غلامي مان ڪيڻ وارو ڪم هٿ ۾ کنيو .هن وقت تہ غلام جي قانون اجازت نتو ڏئي، پر سنڌ ۾ شيدين کي مينهن ۽ ٻڪري وانگر ڏاج ۾ ميل في ميل شيدي ڏيڻ جو اجان بہ رواج موجود آهي. ان کان سواءِ سنڌ جا وڏيرا شيدين کي رڇ ۽ مرن سان ويڙهائي سندن تماشو ڏسڻ وارو ڪم ڪندا رهيا آهن. ان ڪري شيدين ۾ سجاڳي جي ضرورت سمجهي انهن کي منظم ڪيم . "

." ماما فيضو انهيءَ ڪم جي شروعات هوش محمد شيدي جي مزار جي ڳولا سان ڪئي.جيتوڻيڪ هاڻ تہ پ پ جو چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري بہ هوشو شيدي جي مزار تي حاضري ڀرڻ لاءِ پهچي ٿو.پر انهيءَ دور ۾ هوشوءَ جي مزار هٿ ڪرڻ وڏو مسئلو هو.جيڪا هن مستقل مزاجي سان ستن سالن جي تحقيق ۽ ڳولا کان پوءِ لهڙي واري علائقي ۾ ڳولي هٿ ڪئي هئي . جتي هن مزار جوڙائي هر سال ورسي ملهائڻ ۽ ميلي جي مناسبت سان شيدين جا ميلا ڪرائڻ جو رواج وڌو . ڪئين سال بيسنت هال ۾ ورسي جا پروگرام ڪرايا. جيڪي پوءِ ٻين هنڌن تي بہ ٿيڻ لڳا. مامي فيضوءَ کي شيدين جي سڃاڻپ وارا هنڌ ۽ ڳالهيون وڏيڪ عزيز رهيون آهن.ان سلسلي ۾ گاڏي ڪاتي ۾ يعقوب شيديءَ جي ڪڏ، قاسم آباد ۾ شيدي ڳوٺ ۽ ڪوٽڙي ۾ ناگو لائين ، شيدين جا اهم هنڌ آهن." هو ٻڌائيدو رهيو آهي تہ شيدين جا ڏڻ ۽ ميلا ملهائڻ جو رواج وڌو آهي. انهن ڏڻن تي پنهنجو رسمون رواج، ناچ ، مگرمان تي راڳ ڳائڻ جو رواج شروع ڪرايو. منگهي پير جو ميلو، هوشو شيدي جو ميلو، ناگو فقير شيدي اولياءَ جو ڪوٽڙي ۾ لڳندڙ ميلو، مڪي شاه جو ميلو ،شيدين جا اهم ميلا آهن. ناگو فقير ٽپالي هو جيڪو ڪوٽڙي کان روزاني پيادل ٽاٽو بولا خان ويندو هو. هو پيادل طور ايڏو تہ تکو هلڻ وارو هو جو ماڻهو هن کي هلندي ڏسڻ لاءِ ايندا هئا."

خورشيد قائم خاني ۽ مامي فيضوءَ کي هڪ ٻئي کان الڳ نٿو ڪري سگهجي. خورشيد ، ماما فيضو علي نواز گانگهري ۽ اسان گڏيل طئہ ڪيو تہ هر آچر تي علي نواز گانگهري جي ڪتابن جي دڪان تي ڪچهري ڪنداسون.ماني بہ اتي

گڏجي ڪائيندا هئاسين.(هڪڙي دال ۾ ان جي گريبي ۾ پن چانهين مان چار ڪوپ ٺاهڻ) خورشيد تنڊو الهيار مان ريل جي زريعي حيدرآباد ايندو هو.انهيءَ دوران خورشيد ۾ فيضو ڪي مون ڪئين دفعا وڙهندي ڏٺو. ويڙهہ ان ڳالهہ تي ٿيندي هئي تہ خورشيد جو زور هوندو هو تہ هو اسٽيشن تي پنڌ ويندو ۽ ماما فيضو جو زور هوندو هو تہ آئون رڪشو ڪرائي آيو آهيان، تون سان اسٽيشن تائين هلان ٿو، پوءِ واپس ايندس. پر خورشيد ان لاءِ تيار نہ هوندو هو. پوءِ عام طور تي جهيڙو وجي ان ڳالهہ تي ختم ٿيندو هو تہ ، آئون خورشيد کي بائيڪ تي کڻي اسٽيشن تي ڇڏي ايندو هوس" . خورشيد قائم خاني جي ورسي واري ڏينهن تي حيدرآباد ۾ پولي اختياري هال ۾ خورشيد جي اڻ ڇپيل ناول جوڳي بستي جي مهورت رٿي ويئي هئي. ان جا سڀ انتظام مامي فيضو ڪيا. ان ڏينهن اچانڪ ٿيتا روڪ هڙتال تي ويئي. صلاح آئي تہ پروگرام ملتوي ڪجي، پر مامي فيضو کي اها ڳالهہ ڪير چئي. خورشيد صاحب جا پٽ وڏا فوجي آفيسر رهيا آهن. پر هو مامي فيضو کي پروگرام ملتوي ڪرڻ واري ڳالهہ چوڻ جي همٿ نہ پيا ساري سگهن. مهورت جو تمام سٺو پروگرام ٿيو. پر مهورت ٿيندڙ ڪتاب جي فقط هڪڙي ڪاپي پهچي سگهي.(علي نواز گانگهري جي بيمار ٿي پوڻ سبب ۽ هڙتالون ٿيڻ جي ڪري ان جي ڇپائي ۾ دير ٿي) ناول جوڳي بستي جي هيروئن جوڳياڻي پڻ اسٽيج تي وينل هئي. هن ڪتاب هٿ ۾ کڻي ٽائيٽل ڏيکاريندي چيو تہ هيءَ منهنجي تصوير آهي. ائين چئي هن ڪتاب پاڻ وٽ رکي ڇڏيو ۽ ڪنهن کي بہ ڏيڻ جي لاءِ تيار نہ ٿي. فوٽو گرافر پريشان ٿي هر هر چوڻ لڳا تہ ڪتاب هٿ ۾ کڻو تہ فوٽو ڪڍون ، پر جوڳياڻي جوڪري ڪتاب نہ ڏنو." ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ ماما فيضو ان مهورتي پروگرام ۾ ناول نہ ڇپجي سگهڻ تي اخبار ۾ آرٽيڪل لکيو. جنهن تي علي نواز گانگهرو ناراض ٿي پيو ۽ مونکي چيائين فيضو شيدي کي تہ خبر نٿي پئي، پر توکي ۽ خورشيد جي پٽن کي تہ خبر هئي، آئون بيمار ٿي پيو هئس ۽ اهو ڪم بہ الائجي ڪيئن منهنجن پٽن پڄي ڊکي ڪيو هو ۽ پروگرام ۾ منهنجو پٽ ۽ ڏيءُ بہ آيل هئا" پوءِ بہ فيضو وجي اخبار ۾ لکيو آهي. مون اهڙي ڳالهہ خورشيد جي وڏي پٽ کي فون ڪري ٻڌائي تہ گانگهرو صاحب ناراض ٿي پيو آهي. توهان فون ڪيوس. هن مونکي چيو تہ گانگهري صاحب کا ناراضگي تي معافي لاءِ فون ڪيان ٿو، پر چاچي فيضو کي تہ نٿو چئي سگهان تہ توهان ائين چو لکيو.مطلب تہ خورشيد صاحب جا پٽ مامي فيضوءَ جو ايڏو خيال رکندڙ آهن". مهورتي پروگرام جي ختم ٿيڻ کان پوءِ مامي فيضو کي پروگرام جي مبارڪ ڏنم تہ ، چيائين خورشيد مون سان جهيڙو ڇڏيئي نٿو. مون حيرت ۾ ڪائنس پڇيو ڇا ٿيو.؟ چيائين هو مون تي پنهنجو فوجي ڊسيپلن لاڳو ڪرڻ گهري ٿو. اسان شيدي ماڻهو پنهنجي انداز ۾ اٿڻ ويهڻ وارا، ڪوشش تہ گهڻي ڪيان ٿو ، پر پوءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ رهجيو وڃي. پوءِ ڇا ڪريان. هو مڙي ئي نٿو. هن واقعو ٻڌائيندي چيو ميٽنگ ۾ هڪ مينٽ بہ دير سان پهچندس تہ چوندو تہ ٻاهر وڃي ويهہ ، ميٽنگ ختم ٿئي پوءِ ملون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعي هينءَ ٿيو تہ چنبڙ ۾ هارين سان ميٽنگ رکيل هئي.انهيءَ ڏينهن منهنجو پيءُ فوت ٿي ويو. اسان جو راڄ پاڳ ، مت مائٽ اچي پهتا،مون تي چمبڙ جي ميٽنگ ۾ پهچڻ جو دٻاءُ هو. مون مائٽن کي چيو بابا کي توهان دفنائي ڇڏجو ، آئون وڃان ٿو. پڇي ، پڇي ٽنڊو الهيار مان ٿيندو چنبڙ پهتس.پر ميٽنگ جي ٽائيم کان ڪجهہ مينٽ دير ٿي ويئي. مونکي ميٽنگ ۾ ويهڻ نہ ڏنائين. آئون ٻاهر وڃي ويٺس.جتي بابا جون ڳالهيون ياد اچڻ تي رنس پيو، تہ ميٽنگ جي ختم ٿيڻ کان پوءِ مون کان روئڻ جو سبب پڇاياڻون. مون سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. جنهن تي وري خورشيد مون سان وڙهڻ لڳو تہ پوءِ ڇو آيو آهين. وري ڏس اڄ هن جي ڪتاب جي مهورت آهي، هاڻ ان پروگرام ۾ آئون نہ هجان؟ هن مونکان سوال ڪندي پڇيو هو. آئون تہ ويٺو آهيان، پر منهنجي زال جو ڪراچي ۾ اڄ آپريشن آهي. اها ڪاوڙجي پوندي ، پر بچي ويئي تہ پوءِ پرچائي وٺندوسانس. ”

خورشيد قائم خاني پنهنجي زندگي جو اٽڻ ويهڻ ايڏو تہ سادو ڪري ورتو هو ،جو مليشي ڪپڙا پائڻ کي ان ڪري اهميت ڏيندو هو تہ اهڙا ڪپڙا جلدي ميرا نہ ٿيندا. هو پنهنجي لائف اسٽائيل ۾ فيشني ۽ نمائشي انداز رکندڙ نہ هو . هن ڪڏهن بہ پاڻ کي اديب، دانشورن وارو مروج انداز قبول نہ ڪيوءِ نہ وري اليڪٽرانڪ ميڊيا جي چڪرن ۾ آيو. . هن جڏهن صحافتي طور تي فيچر لکڻ شروع ڪيا تہ هن جي فيچرز ۾ پڙهندڙ هن سان گڏ هئڻ محسوس ڪندو هو. ان جو سبب اهو هو تہ هن ڪڏهن بہ ٻڌل سڌل ڳالهين تي لکڻ جي بدران ذاتي مشاهدي جي بنياد تي لکيو . جوڳي، شيدي، ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ، گرگلا، شڪاري ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ جپسي طور سڃاتا ويندڙ هن جو موضوع رهيا. هن جي لکڻ ۽ تحقيق جو انداز فيلڊ ورڪ هو. جن ۾ ڪتابن جي بدران جيئرا جاڳندا ماڻهن پڙهڻا هوندا هئا. فيضو شيدي سان سندس ملاقات ۽ دوستي جو پڻ اهوئي سبب هو.”

مامي فيضو شيدي پنهنجي ڪتاب جي ڪهاڻي جيتوڻيڪ گهڻو مختصر انداز ۾لکي آهي، پر ان جيون ڪٿا ۾ ڪامريڊ عاصمہ جو قصو تہ صفا مختصر ڇاٽيل آهي. جڏهن اهو قصو مامي فيضو جي جيون ڪٿا جو اهم باب هو. مون کيس چيو تہ ان قصي کي اجان تفصيلي لک. مون کي زباني طور تي ڪامريڊ عاصمہ جون ٻيون ڳالهيون بہ ٻڌايون، پر اهي ڪتاب ۾ الائي ڇو اچي نہ سگهيون آهن. ڪامريڊن جي جدوجهد ۾ مامي فيضو ۽ ڪامريڊ عاصمہ جو قصو جيڪڏهن تفصيل سان لکيل هجي تہ ڪامريڊن جي تربيتي ڪلاسن ۾ نصاب جو درجو رکندڙ قصو آهي.

اسحاق مگريو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

پڌ اکر

دنيا جي تاريخ ۾ حڪمران طبقن هميشه ڪان وٺي عوام جي حقيقي ڪردارن کي مسخ ڪندي پنهنجي درباري تاريخدانن هٿان هٿ ٺوڪي تاريخ لکرائي پنهنجي وڏن کي ديوتائن جي روپ ۾ پيش ڪري عوام جي ايندڙ نسلن کي انهن تي ٽاڪي رکيو آهي. اهو غلامي جو تسلسل نسل در نسل ذهني غلامي جي شڪل ۾ جاري رهندو اچي.

ان صورتحال ۾ چاچا فيض محمد شيدي جي ذاتي مشاهدن کي قلمبند ڪري ڪتابي صورت ۾ حقيقتن کي رڪارڊ تي رکڻ يقين سان هڪ وڏي مثبت تبديلي آهي. هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ مڪمل تاريخي حقيقتون ته سمائي نٿيون سگهجن پر حقيقي لاڙن ۽ پورهيت سماج جو عڪس ضرور ان تحرير ۾ پسي سگهجي ٿو.

چاچا فيض محمد شيدي پاڪستان جي 68 سالن جي تاريخ جو اکين ڏٺو شاهد آهي، هن ورهاڱي کي پنهنجي اکين سان ڏٺو ۽ بعد ۾ زوال ڏانهن ويندڙ سماج ۾ ان جي ڪردارن کي ڪيس ويجهڙائي کان ڏسڻ جو موقعو مليو، نه صرف ايترو پر هو سماج کي برابري ۽ انصاف پرٺي دڳ لائڻ واري قافلي جو پڻ هڪ عملي ۽ نظرياتي سپاهي هو. ننڍپڻ جي معصوم ذهن ئي هن کي جاگيرداري جي عياري واري نظام کان باغي بڻايو ۽ خوشقسمتي سان ان باغي ذهن کي هڪ سماجي تحريڪ ۽ نظريو مليو جيڪو هن جي زندگي جو مقصد بنجي ويو ۽ هو اڄ تائين ان ئي مقصد سان واڳيل آهي.

چاچا فيض محمد شيدي هڪ ليکڪ ناهي هو پنهنجي پوري زندگي عملي مورچي تي هو، شهيد حسن ناصر ۽ ڪامريڊ اعزاز نذير جو ساٿي رهيو آهي، آخري وقت ۾ هن پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪيون ۽ جيڪو ڪجهه ڏٺو اهو ئي لکيو، جيتوڻيڪ چاچا فيض محمد شيدي پاڻ به واضع ڪيو آهي ڪجهه تلخ يادون ۽ واقعا چاهيندي پڻ لکي نه سگهيو، ان جو سبب اهو آهي ته هن کي پنهنجي مقصد سان ئي سروڪار هو دوستن جي غدارين ۽ دغائن توڙي دشمنن جي ڏاڍ ۽ ڌڪاءِ کي هو نظر انداز ڪندي سچ جي راهه ۾ پنهنجي سفر ۽ سندس ساٿين جي يادن کي ئي هن قلمبند ڪيو.

چاچا فيض محمد شيدي جي عظمت اها آهي ته هن ڪڏهن پڻ سمجهوتو نه ڪيو ۽ نه وري مايوس ٿيو، طبقاتي جدوجهد جي هر محاذ تي هو هميشه اڳيرو ئي رهيو، ٽريڊ يونين توڙي هارين جي جدوجهد ۾ هن جو ڪردار فراموش ڪرڻ جهڙو ناهي. خورشيد قائمخاني سان گڏجي شهيد هوش محمد شيدي جي مزار کي گمنامي مان ڪڍي نروار ڪيو، اهو وڏي ۾ وڏو تاريخي ڪارنامو آهي. چاچا فيضو شهيد هوشو جي قبر

ڪي نہ صرف نروار ڪيو پر هن باقاعدگي سان شهيد هوشو شيدي جون ورسيون ملهائي سنڌ جي هڪ عظيم سورمي کي خراج پيش ڪيو.

ذوالفقار علي ڀٽو کان وٺي سنڌ جي مڙني سياستدانن شهيد هوشو کي ٽشو پيپر وانگر استعمال ڪيو ۽ شيدي قبيلي کي غلام سمجهي اڇوتن کان پڻ بدتر سمجهيو ويندو هو ۽ سماجي برابري سميت ڪي بہ حق ان قبيلي کي اڄ تائين ميسر ناهن. اقتداري پارٽي کي جڏهن سنڌين جا سور ياد آيا تہ بلاول ڀٽو زرداري کي پڻ شهيد هوشو شيدي ياد آيو ۽ هن پنهنجي اقدراري مفادن جي حاصلات لاءِ شهيدن جي صدا (مرويسون مرويسون سنڌ نہ ڏيسون) جا نعرا هنيا.

حڪمرانن ان ڏس ۾ چاچا فيض محمد شيدي سان رابطو ڪيو تہ اسان کي اجازت ڏيو تہ شهيد جي مزار تي حاضري ڀريون ۽ ان جي تعمير ڪرايون تہ چاچا فيض محمد انهن تي واضع ڪيو تہ هو ٻين وانگر قبرن جو مجاور ناهي ۽ شهيد هوشو شيدي تي هر سنڌواسي جو پورو حق آهي ۽ شهيد هوشو جو پڻ هر سنڌ واسي تي حق آهي.

چاچا فيض محمد شيدي پنهنجي پوري عمر عملي جدوجهد ۾ گذاري هن پنهنجي ان ننڍڙي ڪتاب ۾ پنهنجي ساٿين جو پڻ احوال ڏنو آهي. ڪامريڊ احمد علي لغاري کان وٺي شهيد حسن ناصر، ڪامريڊ اعزاز نذير تائين ۽ اصول پرست سياستدان (حيدرآباد جي مير برادران) جي يادگيرين کان وٺ ڪامريڊ عاصمہ جي ساٿ تائين ۽ پنهنجي ساٿي خورشيد قائمخاني سان گڏجي پڻ هن ڌرتي ڌڪاٽڻ ڄپسين، جوڳين، حبشين، ڪولهين، ڀيلن، ميگهواڙن ۽ باگڙين، پاليشاهن سان روح جو رشتو اٽيو جيڪو اڄ تائين جاري آهي.

خورشيد قائمخاني جو اڌ ۾ ڇڏيل مشن پڻ چاچا پنهنجي هٿ ۾ کنيو ۽ هو 80 سالن جي عمر کي پار ڪرڻ باوجود پڻ جوان آهي. چاچا فيض محمد شيدي اسان لاءِ مشعل راهہ آهي سندس اورچائي ۽ جذبن جي جواني اسان لاءِ رشن مثال آهي.

ڪوثر جاويد قائمخاني

بهادرآباد، ڪراچي

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

هڪ منفرد ڪهاڻي

چاچا فيض محمد شيدي گذريل سال جڏهن پنهنجون يادگيريون سهيڙڻ شروع ڪيون تہ هن سان ان معاملي تي ڳالهيون ٿينديون هيون، چاچا فيض پنهنجي دور جو هڪ يگانو ڪردار آهي جنهن پنهنجي سموري عمر هڪ نظريي ۽ مقصد کي ارپي ڇڏي. ان جدوجهد دوران ڪيس ڪيترن ئي دورن مان گذرڻو پيو ۽ زندگي ۾ ڪيترائي موڙ پڻ آيا پر سندس رستو ۽ منزل ساڳئي رهي. 1947ع جي هان ڌاريندڙ ورهاڱي جو پڻ هو اکين ڏٺو شاهد آهي تہ ان کان پوءِ واري زماني ۾ هو 1967ع ۽ 68ع واري زماني ۾ ڪاڏي ڌر جي اپار جو پڻ هو سرگرم حصو هو. سوويت يونين جي زوال کان پوءِ ڪيترن ئي ڪامريڊن سچائي جي منزل کان توبهہ تائب ٿي عالمي سامراج جي نئين سوشل آرڊر کي دل سان قبول ڪري اين جي اوز جي وهندڙ گنگا مان هٿ ڌوئڻ تي مجبور ٿيا پر چاچا فيض انهن چند ڪامريڊن مان هو جن کي پنهنجي منزل تي ذري برابر پڻ شڪ نہ هو ۽ اڄ پڻ هو ان ساڳئي سفر جو راهي آهي.

چاچا فيض محمد شيدي جي پيدائش هڪ انقلابي گهر ۾ ٿي، هو هڪ پورهيت جو پٽ هو ۽ پنهنجي پيءُ کي پنهنجي ننڍپڻ واري معصوم عمر ۾ ڏاڍن سان گڏ ٻني تي هر ڪاهيندي ڏٺائين ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ جاگيردارن جڏهن زمينن تي قبضو جمائي ڪين لڏايو تہ اڏيرو لعل شهر ۾ پاڻيبندن جي گودامن تان جانورن جيان وهندي ڏٺائين. ان دور ۾ مائٽن ڪيس ابتدائي تعليم ڏياري ۽ پوءِ وري مدرسي ۾ پڻ پڙهايو ويو. مدرسي ۾ پڙهڻ دوران هن جيڪي يادگيريون ونديون آهن اهي پڻ انتهائي دلچسپ آهن. مدرسي مان نڪرڻ کان پوءِ ئي هن جيءَ عملي زندگي جي ابتدا ٿئي ٿي ۽ اهو ئي سبب آهي جو چاچا پنهنجي ڪهاڻي جو عنوان ئي ڪتابيءَ کان پرولتاري رکيو آهي. مدرسي مان نڪرڻ کان پوءِ چاچا مزدوري ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ان ئي دور ۾ هو ڪاڏي ڌر جي طبقاتي جدوجهد سان واڳجي ويو ۽ اڄ تائين اهو رشتو جاري آهي. چاچا فيض محمد شيدي پنهنجي پوري زندگي غريبن، هارين، مزدورن ۽ ڌرتي ڌڪاڻن سان ناتو ڳنڍيو.

چاچا فيضؔ جي ان ڪهاڻيءَ ۾ ان جي ڪيترن ئي انقلابي ساٿين جون يادگيريون پڻ سمايل آهن، خورشيد قائمخاني سان چاچا فيض جو روح جو رشتو هو جيڪو ڪڏهن پڻ ختم نٿو ٿي سگهي. چاچا فيض محمد پاڻ بہ اعتراف ڪيو آهي تہ هي ڪتاب باقائده سوانح حيات ناهي پر ڪجهہ يادگيرين تي ٻڌل مضمون آهن ۽ اهو پڻ تہ عمر جي ان ڏهاڪي تي ڪائنس ڪيتريون ئي يادون ذهن جي پردي تان غائب پڻ ٿي چڪيون آهن.

سندس زندگي فيض احمد فيض جي ان شعر وانگر ئي آهي تہ:

غمِ جهان هو رخ يار کہ دستِ عدو،

سلوک جس سي کيا هم ني عاشقانہ کيا.

ٽريڊ يونين جي جدوجهد وارو زمانو هجي يا سنڌ جي ٻهراڙين ۾ جاگيردارن خلاف مهاڏو اٽڪائيندي هارين جي هٿياربند بغاوت يا وري ڏرتي ڏڪائڻ نسلي تورائي وارن قبيلن جي حقن جو مسئلو هن هميشہ ثابت قدمي سان پنهنجو ڪردار نڀايو. چاچا فيض پاڪستان جي هر علائقي ۾ ڪم ڪيو ۽ خاص طور سنڌ جي ٻهراڙين ۾ هارين ۽ خانہ بدوش قبيلن ۾ تہ هن پنهنجي زندگي جو اڪثر وقت گذاريو. شهيد هوش محمد شيدي جي قبر دريافت ڪرڻ هن جو وڏو ڪارنامو آهي. پنهنجي ذاتي زندگي ۾ هن ڪڏهن پڻ سمجهوتو نہ ڪيو ۽ نہ وري شارٽ ڪٽ جو متلاشي رهيو. هو هڪ يگانو ڪردار آهي ۽ هن جي ڪهاڻي هڪ منفرد ڪهاڻي آهي. اهڙو ڪرو، سچو، بي باڪ ۽ انقلابي ڪردار وري پيدا ٿيڻ ۾ شايد سنڌ کي ڪئي زمانا انتظار ڪرڻو پئي.

گنپت راءِ

مٺي

❊❊❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

اسان جي دور جي مقبول عوامي شاعر استاد بخاري پنهنجي شاعري جو هڪ پورو مجموعو پنهنجي زندگي کي ارپيو آهي ان ۾ پڻ زندگي هڪ زندگي جي عنوان سان هڪ طويل نظم شامل آهي. زندگي جي عنوان کي هڪ نظم ۾ سمائيندي هن ڪيترين ئي لازوال سٽون تخليق ڪيون. اهو سڀ ڪجهه شاعري ۾ تہ ممڪن ٿي سگهي ٿو پر نثر ۾ پنهنجي زندگي جو احوال لکڻ ڪنهن بہ صورت ۾ ممڪن ئي ناهي.

گذري ويل پل ڪڏهن تہ اکين جي اڳيان هڪ گهڙي لاءِ پڻ ڏور ناهن ويندا تہ ڪڏهن وري يادن جو هڪ سمنڊ ڇوليون هڻڻ لڳندو آهي جنهن مان ڪجهه يادن جون سپون ۽ ڪوڏ گڏ ڪرڻ انتهائي مشڪل آهي.

سنڌ ايڪسپريس جي هفتيوار سنڌي مئگزين ۾ دوستن جي اسرار تي پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪرڻ پڻ هڪ خوشگوار تجربو هو. ان مئگزين لاءِ هر هفتي مضمون لکڻو پوندو هو ۽ وڏي عرصي تائين يادگيرين تي مشتمل مضمون قسط وار شايع ٿيندا رهيا ان مان هڪ فائدو اهو پڻ ٿيو جو رسي ويل يادون پڻ ذهن جي ڪئنواس تي تري آيون ۽ ڪافي يادگيريون گڏ ڪري ورتم.

مون پنهنجي زندگي ۾ ڊائري لکڻ ۽ دوستن جا خط وغيره پڻ ساهہ سان سانڍي رکيا هئا ۽ ڪي املهہ تصويرون پڻ هيون. پر آخري وقت ۾ طبيعت جي ناسازي ۽ گهر جي تبديلي وقت اهو سمورو مواد پڻ هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويو جنهن جو مون کي وڏو افسوس آهي.

منهنجي زندگي مختلف دورن جي تبديلي واري زماني سان تعلق رکي ٿي. پنهنجي شعور سنڀالڻ وقت مون هن ننڍي کنڊ کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏٺو ۽ انساني ورهاڱي جي الميي کي بيوسي سان ڏسڻ ۽ ڀوڳڻ کان پوءِ ڀوهہ جواني ۾ مزدور جدوجهد جي روپ ۾ اميدن جو ڪرڻو پڻ نظر آيو ۽ ان سان ئي پنهنجي پوري زندگي واڳيل رهي. اسان جو يقين آهي تہ هن نا انصافي جي دور جي پڄاڻي سوشلسٽ انقلاب سان ئي ممڪن آهي ۽ سوشلسٽ انقلاب ئي انسانن جي درميان اهي ديوارون ڊاهي سگهي ٿو.

مون کي پنهنجي يادگيرين بابت ايتري گهٽي خوشفهمي ناهي پر پر مون پنهنجي ساٿين جون يادون ئي سهيڙڻ خاطر قلم کنيو هو منهنجي زندگي پڻ انهن عظيم ساٿين جي مرهون منت آهي جنهن جي ساٿ سان مون کي منزل سان شناسائي ٿي. ڪامريڊ اعزاز نذير، ڪامريڊ خورشيد قائمخاني، ڪامريڊ خديجہ گوهر، شهيد حسن ناصر، ڪامريڊ احمد علي لغاري ، ڪامريڊ عاصمہ ۽ ٻيا ڪيترائي ساٿي هئا جن جي ساٿ سان حق جي جنگ ۾ پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻ جي قابل بڻيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجھہ ڏينهن اڳ ساٿي اسحاق مڱرئي صاحب ڪتاب جي مواد تي ڳالهائيندي چيو هو تہ ڪامريڊ عاصم جي زندگي تي هڪ پورو باب لکو تہ بهتر آهي. پر هاڻ اهي پراڻا زخم کولڻ جي همت ڪٿان آڻيون. ڪامريڊ عاصم انقلاب لاءِ پنهنجي پوري زندگي ارپي ڇڏي، هو ڪراچي جي هڪ ترقي پسند گهراڻي جي فرد هئي ۽ ان ڪامريڊ خاندان جو مون تي ايترو پروسو هو جو هن ڪامريڊ عاصم جو هٿ مون کي ڏئي ڇڏيائون ۽ ڪامريڊ عاصم ۽ آئون پنجاب، سنڌ ۽ بلوچستان ۾ گڏجي زير زمين ڪم ڪندا هئا سين. جيڪڏهن زندگي ساٿ ڏنو تہ ڪامريڊ عاصم سان گهاريل گهڙين جون يادون پڻ قلمبند ڪبيون. هن پوري عمر شادي نہ ڪئي. هو اسان کي زندگي جي معني سمجهائي وئي.

ڪافي يادگيريون ۽ دوستن سان گهاريل پل ۽ واقعا قلمبند نہ ٿي سگهيا آهن اميد آهي تہ جيڪڏهن زندگي ساٿ ڏنو تہ هن ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ۾ واڌاري سان گڏ ڪجھہ رهجي ويل منظر پڻ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي.

هن ڪتاب جي اشاعت کان اڳ اسحاق مڱرئي صاحب ۽ ارشاد لغاري صاحب جهڙي ريت قرب سان اهي يادگيريون سنڌ ايڪسپريس ۾ قسطوار ڇاپيون اهي ٿورا ڪنهن بہ صورت ۾ فراموش نٿا ڪري سگهجن. هن ڪتاب جي اشاعت ۾ ڪامريڊ خورشيد قائمخاني جي فرزند ڪوثر جاويد قائمخاني جي پڻ محبت شامل هئي جنهن لاءِ آئون ٿورائتو آهيان.

انقلابي تمنائن سان

فيض محمد شيدي

***

اميدن جو فصل

سب کان پهريائين اها وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان ته پنهنجي عملي زندگي دوران مون ڪڏهن به لکڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي باوجود ان حقيقت جي ته آئون خورشيد قائمخاني ۽ خديجه گوهر جي تمام ويجهو رهيس جيڪي لازوال قلمڪار هئا.

آئون جيتوڻيڪ پنهنجون يادگيريون به ونڊڻ نٿو چاهيان پر ماضي جا اهي ڦٽ بهرحال کولڻ چاهيان ٿو جن ۾ اميدن جي روشني موجود هوندي هئي جنهن جي ڪري ايذاءُ پڻ لطف جو باعث بڻبا هئا ۽ ڏاڍ به ڏڍ ڏيندو هو. اڄ مايوسي ۽ اپراهي جي ڪن ۾ غوطا کائيندي ايندڙ نسل لاءِ اميدن جي چراغ کي روشن ڪرڻ جي هڪ بيجا ڪوشش کي فرض سمجهي قلم کڻي رهيو آهيان. مون کي يقين آهي ته انسان جو آئيندو روشن آهي ۽ ظلم و ستم جي ديوار ۽ سرمائي ۽ طاقت جو حوس، سچائي جي قوت آڏو نيٺ اٽڪ مچيندو ۽ انسان نا انصافين ۽ بربريت جي هن دور مان پار پوندو.

اها حقيقت پڻ تسليم ڪرڻ ۾ ڪو هرج ناهي ته سياست ٺڳي جي علامت بڻجي وئي آهي، انقلاب، آدرش ۽ عظيم خواب ٿامس مور جي يوٽوپيائي قصن وانگر پاڳلپڻي جي ذمري ۾ اچي چڪا آهن ۽ پاڳلپڻو هن دور جي هڪ معتبر حقيقت بنجي چڪو آهي. اسان وٽ بدقسمتي سان تباهي جو بنياد انگريز سامراج جي عطا ڪيل نام نهاد سوراج سان شروع ٿئي ٿو ۽ اها اونداهي رات وهامڻ جو نالو ئي نٿي وٺي. نسل در نسل اسان تباهي کي پوکيو آهي ۽ تباهي جي ابتڙ تعمير ۽ ترقي جا سپنا ساپيان نه بڻجي سگهيا آهن.

فيض احمد فيض، 60 واري ڏهاڪي دوران منٽگمري جي بنديخاني ۾ اميدن جي فصل جي غارت ٿيڻ تي هڪ تاريخي نظم لکيو هو جيڪو اڄ پڻ اسان لاءِ اتساهه جو سبب بڻيل آهي. ڇا اسان مايوسي جي ڪن ۾ جيئڻ جي هر اميد کي ختم ڪري ڇڏيون؟ مايوسي جون ڳالهيون ڪندڙ ڏرين وٽ بدقسمتي سان وڏو مواد موجود آهي ۽ سماجي تباهي جي علامتن جا قصا ۽ انسانيت جو ڏچيون اڏائيندڙ حقيقتون پڻ موجود آهن. پر ڇا ڏاڍ جي اڳيان هار مڃڻ سان اسان جا سڀ مسئلا حل ٿي ويندا؟ ڇا جنونيت ۽ پاڳلپڻي جي وحشتن جي سامهون سر خم ڪرڻ سان سماج کي ڪو لاڀ پلئه پوندو؟ تباهي جي داعين کي برداشت ڪرڻ به هڪ قسم جي تباهي آهي. هر شي جو پنهنجو منطقي انجام به هوندو آهي ۽ جنونيت ۽ سرمائي جي حوس جي قوتن جو پڻ هڪ انجام آهي جنهن تي اهي ڪڏهوڪا رسي به چڪا آهن جنهن جو مثال انهن کي پلئه پوندڙ

نيڪنامي مان محسوس ڪري سگهجي ٿو پر اسان جنهن مايوسي جي ڪن ۾ ڏڪيا ويا آهيون ان ۾ غوطا کائڻ لاءِ پلي ڪيترا به بهانا گهڙجن پر هن گولي ۾ حق جو ڪٽي به طبل وڳو تہ پوءِ انهي فيل مست ۾ نسلن کي ڳاريندڙ ڪَن جا بہ هاڪڙي جي پچاڙڪين ڇولين وانگر پويان پير هوندا.

جنونيت اسان جي صحرائن ۾ وڏي واڪي پنهنجا خوني پر ڪٽي لامارا ڏئي رهي آهي ۽ اهو پاڳلپڻو لاڙ جي ڪلراٺن پوٺن ۾ لئين ۽ لاڻن جيان ڦٽي رهيو آهي. توڙي جو انهن کي ملڪ پار جي پيٽرو ڊالر جو پاور هجي يا پيو سبب پر آخر ڪار حق ۽ سچائي جي طبل کي وڏي واڪي جاري رکڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ اهو ئي اسان جي انصاف پري جدوجهد جو واحد هٿيار ۽ اڪيلو ميدان آهي.

سامراجي قوت پنهنجي مڙني هٿيارن سان هيٺي ثابت ٿي رهي آهي توڙي جو ڪيس للڪاريندڙ قوت بہ ناهي پر اها پنهنجي خونريز پنجن سان ڪنهن خونخوار درندي وانگر وحشت ۽ بربريت جا آخري داستان رقم ڪري رهي آهي. تباهي جي حدن جي بہ حد ٿي چڪي آهي ۽ اهي ڪنهن رڪاوٽ جي نہ هئڻ باوجود ناڪامي ۽ نامرادي کي پوڄي رهيا آهن.

سرمائي جو دور پڻ شاهد آهي تہ ڪهڙي نہ ساهہ بوساتيندڙ جاگيرداراڻي ۽ غلامي جي گهڻ چڪر مان نئين دور جو آغاز ٿيو تہ هاڻ سامراجي جبر مان پڻ نجات جو امڪان ڪو ديواني جو خواب نہ پر هڪ حقيقت آهي. ماضي ۾ اسان جي قافلي مان جيڪي غلطيون ٿيون انهن کي فرقيواريت جي بنيادن تي درست سمجهڻ ۽ دفاع ڪرڻ جي بدران وڏي دل سان تسليم ڪري اڳتي وڌڻ جي ضرورت آهي. اسان کي سڀ کان پهريائين پنهنجي پاڻ کان شروعات ڪرڻي پوندي. مڊل ڪلاس ۽ ساڃاهہ وند طبقي مان اميدون بدران اسان کي پنهنجي پورهيت طبقي ڏانهن موٽ ڪائڻي آهي.

مون گذريل ڪيترن ئي سالن کان محسوس ڪيو آهي تہ تہ اسان جي ڪاپي ڏر ۾ تبديلي جي مهندار هئڻ جا دعويدار دوست پنهنجي سموري توانائي ڪانفرنسن، فوٽو سيشن، ميڊيا جي اڳيان پاڻ کي نمايان ثابت ڪرڻ ۾ صرف ڪري رهيا آهن، اسان جو ڪو بہ دوست هڪ گهڙي لاءِ پورهيتن ۾ ڪم ڪرڻ نٿو پسند ڪري ۽ پوءِ بہ مياڙون ۽ مايوسي جا پاشڻ پيا ڏجن تہ هي بغداد تي ويو آهي. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ اسان ڪنهن آسماني قوت تي پاڙي رهيا آهيون جيڪا اسان جي طرفان جنگ جوٽي اسان کي نجات ڏياريندي.

جنونيت ۽ پاڳلپڻي جون داعي ڌريون ڪهڙي ريت پورهيت طبقي ۾ سرايت ڪري پنهنجا مقصد ماڻي رهيون آهن ان مان اسان کي سبق سکڻ گهرجي. جيڪڏهن

ڪو دوست تڪليف برداشت ڪري سنڌ جي ٻهراڙين ۽ صحرائن جو سفر ڪرڻ جي همت ڀڏي تہ ڪيس خبر پئجي سگهي ٿي تہ ساحلي پٽي ۽ صحرائي ڳوٺن ۾ موسيقي تي پهرن جي تاريخ جا طويل داستان آهن ۽ اتي ڪيتري عرصي کان ”ڪم“ ٿي رهيو هو جيڪو اسان پنهنجي ڪوتاهہ نظري جي ڪري نظرانداز ڪيو ۽ خيرن سان اهي پلارا هاڻ نتيجا بہ ڏئي رهيا آهن ۽ اسين وري ساڳي غلطي ڪندي ڪبوتر وانگر اکيون بند ڪري پنهنجي سر تي آيل دشمن کان فرار ٿيڻ جي حماقت ڪري رهيا آهيون.

اميدن جو فصل پلي غارت بہ ٿئي پر وري نئين سر ڪيتي ڪرڻ جي ضرورت آهي. پنهنجي پگهر ۽ رت جو ريج ڏئي ايندڙ مند جي فڪر ڪرڻ ۾ ئي اسان جي نجات آهي. مايوسين جي اوڙاهہ ۾ ڪري پوڻ سان وحشت جي واپارين کي مفت ۾ ميدان مهيا ڪرڻ بہ هڪڙو ڏوهہ آهي جيڪو اسان کان اڻڄاڻائي ۾ سرزد ٿي رهيو آهي.

***

منهنجو ننڍپڻ

وه ڪاغذ ڪي ڪشتي، وه بارشون ڪا پاني

ڪافي وقت کان پنهنجي ماضي جي تلخ ۽ خوشگوار يادن تي لکڻ جو سوچي رهيو هئس اڄ هن مضمون ذريعي پاڻ گذريل 60 يا 70 سال پوئتي ويندا سين. اهي يادون نہ صرف منهنجي زندگي جو حصو آهن پر ٻي حوالي سان انهن يادن جي پويان سنڌ جي قديم (گهٽ ۾ گهٽ اڌ صدي پراڻي) سنڌي سماج جي جهلڪ ضرور پسي سگهبي.

منهنجو اصل ڳوٺ مقيم شاهہ آهي جيڪو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي ڳوٺ (جمڙائو) جي بلڪل سامهون آهي، ڳوٺ جي سيدن سان اسان شيدين جو ديني پاڻپي وارو رشتو هو، اسان جو شيدي نسل غلامن جي صورت ۾ ڪلهوڙن يا ان کان بہ اڳ عربن سان گڏجي سنڌ ۾ آيو هو، آفريڪي شيدين جا بہ مختلف نسل مختلف وقتن ۾ سنڌ آيا هئا ، ٽالپرن وٽ پڻ شيدي غلامن جو وڏو انگ موجود هو ۽ اهو سلسلو انگريزن تائين جاري رهيو، اهڙي ريت شيدي بہ مختلف تاريخي بنيادن تي پنهنجي بڻ بڻياد جي سڃاڻپ رکن ٿا. ٽالپرن ۽ ان کان پوءِ انگريزن جيڪي آفريڪي لوڪ آندا اهي پاڻ کي ساحلي شيدي سڏائيندا آهن. جيڪي سنڌ ۽ مڪران جي ساحلي پٽي تي اڄ تائين آباد آهن، اهي ويچارا انهي آس ۾ ساحل تي ئي رهي پيا تہ من وري پنهنجي اصل وطن (آفريڪا) ڏانهن وري سگهن پر اها آس اڻپوري ئي رهجي وئي ۽ اهي ماڻهو سنڌ جي خمير ۾ ئي سمائجي چڪا آهن. اڄ پڻ قومي حوالي سان آفريڪي سڃاڻپ سنڌ جي شيدين مان بلڪل ختم ناهي ٿي، بدين ضلعي ۾ تہ اسان جي پراڻي وڪيل دوست جون تہ ٻہ نياڻيون سنڌ يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ آيل آفريڪي نوجوانن سان ازدواجي ٻنڌڻن ۾ ٻڌجي پنهنجي اصل ملڪ بہ پهچي ويون ۽ اهي اڄ پڻ تمام خوش آهن. انساني زندگي جي تاريخ مان اسان کي اهو ئي سبق ملي ٿو تہ لڏپلاڻ ۽ هجرتون انتهائي جبر جو نتيجو هونديون آهن پوءِ اهو جبر فطري هجي يا انسانن جو پيدا ڪيل، بهرحال انهي موقعي تي هڪڙو دلچسپ واقعو ياد اچي رهيو آهي شايد 94 يا 95 جو سال هو، شارجہ ۾ شارجہ ڪپ ٽورنامينٽ جو فائنل ڪيڏيو پئي ويو، فائنل مئچ ۾ پاڪستان ۽ ويسٽ انڊيز جو مقابلو ٿي رهيو هو ۽ ويسٽ انڊيز جي ڪپتاني رچي رچرڊسن ۽ پاڪستان پاران جاويد مياناداد هو ۽ اها مئچ ويسٽ انڊيز کٽي وئي تہ بدين ۾ ڪجهہ جذباتي شيدي نوجوانن ويسٽ انڊيز جي فتح تي ريلي ڪڍي، ان ريلي ۾ رچي رچرڊسن آوي آوي ... جاويد مياناداد هاءِ هاءِ ... سان گڏ زنده باد ۽ مرده باد جا نعرا پڻ لڳا هئا پر جڏهن اها جرئت ڪين ڳچي ۾ پئي تہ ان وقت جي هڪ شيدي استاد ٻئي ڏينهن گذريل رات جي ريلي جي جواب ۾ حب الوطني جي جذبي هيٺ ريلي ڪڍي ۽ پاڻ کي سچو مسلمان ۽ پڪو محب الوطن ثابت ڪرڻ لاءِ ڪيس اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻو پيو. ان وقت ڪافي شيدي برادري جي ماڻهن کي اها بہ خبر ڪو نہ هئي تہ ويسٽ انڊيز سميت دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ رهندڙ شيدي غير مسلم آهن. مزي جهڙو پيو واقعو هڪ دوست اهو بہ ٻڌايو تہ ڪجهہ

ڍاڪا اڳ هن جو انڊيا وڃڻ ٿيو تہ اتي هن کي دڪانن ۾ پين جاين تي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهن کي ڏسي ڪو تعجب نہ ٿيو پر هن لاءِ وڏي دلچسپي جي ڳالهہ اها هئي جو اتي هن کي شيدي مليو جنهن جو نالو رميش هئس ۽ ذات سيدي (شيدي) ٻڌائي رهيو هو ۽ هن دوست کي اجا بہ يقين نہ آيو تہ اهو شيدي ڪيس پنهنجي گهر وٺي ويو جتي بلڪل هندن جي گهرن وانگر هندو ديوين ۽ ديوتائن جون تصويرون لڳل هيون ۽ هن جي محلي ۾ ويهہ کن گهر بہ هندو شيدين جا هئا ۽ ڪيس پڻ تعجب لڳو تہ پاڪستان ۾ شيدي مسلمان بہ هوندا آهن. چوڻ جو مقصد اهو تہ انسان مختلف حالتن دورن مان گذري اڳتي وڌندو رهيو آهي ۽ اهي واقعا نيٺ تاريخ ۾ روايتن جو حصو بڻجي ويندا آهن. انسان کي پنهنجي ماضي کي نہ وسارڻ گهرجي چاهي اهو ڪيڏو نہ دردناڪ ڇو نہ هجي.

اسان جي وڏن جي ڇهہ ست سو ايڪڙ زمين پڻ هئي جيڪا جمڙائو جي منڊ واري هنڌ هئي پر اها زمين جڏهن قيمتي ٿي تہ مختلف حيلن بهانن سان بااثر ماڻهن شيدين کان کسي ورتي تان جو منهنجي جمڻ وقت اسان شيدين وٽ صرف 60 ايڪڙ زمين ئي بچي، اهو پڻ دلچسپ قصو آهي تہ ننڍڙا ٻار پاڻ ۾ ڏاڏي راند ڪري رهيا هئا شايد اڪي ٻڌي واري راند هئي جنهن ۾ ڪنهن شيدي ٻارڙي هڪ سيد ٻار کي راند دوران ڌڪ هنيو ۽ ان ٻاراڻي ڳالهہ کي بنياد بڻائي سيد سڳورن شيدين کي لڏائي ڇڏيو ۽ سندن بچيل زمين پڻ ڦري ورتي ۽ پوءِ اسان جا وڏا اڏيرو لعل اچي رهيا جتي گذر سفر لاءِ محنت مزدوري ڪندا هئا. منهنجو بابا بہ پهلوان هو ۽ حمالي (بار ڍوئڻ) جي مزدوري ڪندو هو ۽ ڪراچي ۾ مزدوري دوران ڪين مقابلو ڪٽڻ تي قائداعظم ٽرافي پڻ ملي هئي. ان دور ۾ روڊ رستا يا موٽر گاڏيون بلڪل نہ هئڻ جي برابر هيون پر ريل گاڏي ضرور هلندي هئي.

مون پنهنجي اک کولڻ کان وٺي پاڻ تي جاگيردارن جي استحصال کي حاوي ڏٺو، مون کي ياد آهي تہ هڪ پيرو جڏهن اسان جا ڍڳا زميندار جي چرچ تي چوري ڪيا ويا ۽ زميندار منهنجي والد کي چورن جي پويان وڃڻ ۽ ڍڳا ڳولڻ کان بہ روڪي ڇڏيائين ۽ ان ڏينهن مون ان کي آلين اکين سان ڍڳن جي جاءِ تي پاڻ هر ۾ جوٽيل ڏٺو، امان پويان هر جي نالي مان ٻج ڇٽي رهي هئي ۽ بابا ڍڳن جي جاءِ تي هر ڪاهي رهيو هو. منهنجي عمر ان وقت پنج يا ڇهہ سال کن هئي سو آئون ان وقت شرارت ڪندي بابا جي ڳچي ۾ رسو وجهي ڳٽڪارون ڪندي ڪيس پٺن تي لٺون هڻندو ويس تہ امان مون کي ڏاڍو ماريو هو ۽ چوندي رهي تہ هڪ طرف ظالمن اسان سان هي ڦهر ڪري ڍڳا چوري ڪرايا پيو وري نياڳي اولاد کي مشڪري لڳي آهي پر بابا مون کي پرچائي وري لٺ هٿ ۾ ڏنائين تہ بابا پنهنجي ڍڳي کي هڪل ۽ پورا بہ سال بابا ڍڳن جي جاءِ تي هر سان جوٽيل هوندو هو. بابا گهران نڪرندو هو تہ ڪلهي تي هر کنيل هوندو هو ۽ ٻني ۾ وڃي پوتڙي جو سندرو ڇيلهہ سان ٻڌي هر سان جٽي ويندو هو.

ڪافي سال پنهنجي پارو ڪرڻ کان پوءِ بابا شهر ۾ مزدوري جي ڪرت ڪئي ۽ بابا اسان کي انهي ظلم جي گهاٽي مان آزاد ڪرڻ لاءِ اسڪول ۾ داخل ڪرايو.

فيض احمد فيض جو هڪ شعر آهي ته نه ان ڪي رسم نئي هي اور نه هي اپني ريت نئي، بلڪل ساڳي طرح اسان لاءِ نه جاگيرداري ۾ سور نوان هئا نه وري شهر جي نيم سرمائيداري جا سور نوان هئا. بابا جڏهن شهر ۾ مزدوري ڪرڻ آيو ته اسان جا مالڪ رڳو تبديل ٿيا پر ريتون رسمون ساڳيون ئي هيون. بابا هڪ پائيبند وٽ مزدوري سان لڳو جنهن جو نالو ته ڪو پيو هو پر بابا کيس مذاق وچان سيٺ ٽوپڻ داس سڏيندو هو، همراهه ٿورو پاتو هو پر وڏو ظالم ۽ ڪنجوس هوندو هو. بابا ان جي گودام کان دڪان تائين سڄو ڏينهن بار ڍوئيندو هو، جاگيردار وٽ ته زمين ۾ ڏڪن جي جاءِ تي جو ٿيو پيو هلندو هو پر شهر ۾ پڻ ان کي هڪ ڪاٺ جي گاڏي کي گهيلڻو پوندو هو، منهنجا چاچا الهڏتو شيدي ۽ محمد شيدي پڻ ايئن جو ٿيل هوندا هئا. منهنجو وڏو ڀاءُ الهبخش شيدي (جيڪو پوءِ حيدرآباد جي ٽريڊ يونين ۾ تمام گهڻو سرگرم پڻ رهيو) بابا جي مدد ڪندو هو. آئون پڻ هاڻ ڪجهه هوش سنڀالڻ جي عمر تي وڃي رسيس سو هاڻ بابا کي ڳتڪارون ڪندي هڪلڻ جي بدران ان جي اها حالت مون کان ڏٺي نه ٿيندي هئي ۽ آئون شام جو بابا سان بحث ڪندو هئس ته بابا توهان مزدوري ڇڏي ڏيو هاڻ آئون ۽ الهبخش ئي ڪم ڪندا سين پر بابا ضد ڪيو ته تو کي پڙهائڻ کان پوءِ ئي اسان جي زندگي ۾ ڏک سور ختم ٿيندا سو تون پڙهه. بابا مون کي اسڪول موڪليو ۽ اتان فائنل پاس ڪرڻ کان پوءِ مدرسي ۾ داخل ٿيس........

اهڙي ريت ڏينهن ۽ راتيون گذرنديون هيون. اسان جو سماجي طور غريب پاڙيسرين سان مائٽن جيان رشتو هوندو هو، اسان جا پاڙيسري جن مان هندو ۽ مسلمان سڀ هوندا هئا. ميگهواڙ چاچو جنهن جو نالو وسري ويو اٿم ته مون کي پنهنجي اولاد جيان سمجهندو هو. آئون اڪثر ڪري ان جي گهر ويندو هئس ۽ اتان ئي پڪل ماني کائي پنهنجي گهر ايندو هئس. بابا ٿورو مذهبي خيال رکندڙ هو پر ان جي باوجود هن ڪڏهن پڻ ان ميگهواڙ پاڙيسري کي نه چيو ته اسان جي ٻارن کي چو پنهنجي ماني کارائي اٿئي پر مون کي چوندو هو ته تون چو ميگهواڙن جي ماني کائي آيو آهي ته آئون ان وقت به کيس اهو جواب ڏيندو هئس ته اهو جاگيردارن ۽ پائيبندن کان ڀلو ماڻهو آهي. پاڻ وانگر غريب آهي ۽ پيو ته اهو ماني مون کي عزت سان کارائي ٿو ته پوءِ ان ۾ ڪهڙي خراب ڳالهه آهي. حيريت جهڙي ڳالهه آهي ته اهو ميگهواڙ چاچو پڻ مون کي روڪيندو هو ته بابا پٺهين کي خبر پئي ته تون اسان جي گهران ماني کائي آيو آهين ته پوءِ هو اسان کي وڙهندو. آئون هن کي هميشه چوندو هئس ته مون کي ماني کائڻ چو نٿا ڏيو؟ هن جو اهو ئي جواب هوندو هو ته پٽ توهان مسلا آهيو. جيم نه اسان توهان وانگر غريب آهيون. ننڍپڻ ۾ ئي مون کي درد جي رشتن جو احساس ٿيو. اهي تجربا ۽ تلخ يادون ئي هيون جن منهنجي اندر احساس بيدار ڪيو. ڪي اهڙا به ڏينهن آيا جو ان ميگهواڙ چاچي جي گهر مون کي ماني نه ملندي هئي، چاڪاڻ ته گهر ۾ ڪاڌي لاءِ ڪجهه نه هئڻ سبب هو ماني نه پچائي سگهندا هئا ته پوءِ آئون پنهنجي گهران اتو ڪٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن وٽ پهچي ويندو هئس تہ ماني کائو ۽ مون کي بہ کارايو. هڪ ڏينهن آئون ڪجھ اٽو کڻي ان جي گھر ويس تہ بابا کي خبر پئي تہ هو منهنجي پويان آيو ۽ ان جي هٿ ۾ وڏي اٽي جي هڙ هئي ۽ اها ان کي ڏنائين ۽ چڙپ بہ ڏنائين تہ ويلا لنگهڻ ڪاٽيو ٽا پر ڪنهن کي چئو بہ نٽا. پچڙن کي چو بکيو رکيو اٿو. مون کي پڻ ياد آهي تہ هڪ پيرو جڏهن اسان جي گھر کاڌڻ لاءِ ڪجھ نہ هو تہ آئون چاچي ميگھواڙ جي گھران ڪجھ پڪل مانيون کڻي پنهنجي گھر ويس تہ بابا اکين تي رکي پاڻ بہ کاڌائين ۽ اسان کي پڻ ڏنائين. اهي ڏک هئا جن جو ڪو بہ ڌرم يا مذهب نہ هو ۽ نہ وري ڪا ذات هئس ۽ ٻي طرف جاگيردار ۽ پائيبند وٽ ڍڳن جي جاءِ تي جانورن جيان وهڻ پڻ رسم هئي جن جي اڳيان پڻ عقيدا ۽ ڌرم بي معني هئا.

. منهنجا اهي ذاتي تجربا هئا پر هاڻ ڪجھ بي خبر دوست اها پروپيگنڊا ڪندي ٿڪجن ئي نٿا تہ ورهاڱي کان اڳ هتي کير ۽ ماکي جو نديون وهنديون هيون ۽ خير ۽ خيرات جا دور هلندا هئا ۽ اسان جا شهر گلابن جي پاٽي سان پيا ڌوپيا هئا. ايئن تہ قطعي نہ هو ان وقت پڻ جاگيردار ۽ مڊل ڪلاسي تاجر طبقي جو ڪردار بلڪل عوام دشمن هوندو هو. اڪثر جاگيرون پڻ گروي هونديون هيون، مسلمان جاگيردار ايڏا تونگر نہ هوندا هئا، واڻين کان وٺون ويندا هئا، پنهنجي عياشي جي ڪري هو قرض کڻي واڻين جون تجوڙيون ڀريندا هئا ۽ پوءِ سڄو سال غريب هارين (جن ۾ ڪولهي، ڀيل، ميگھواڙ ۽ مسلمان غريب ماڻهو پڻ هوندا هئا) کي جانورن وانگر پيا هلائيندا هئا. حيدرآباد جو هڪ وڏو جاگيردار (جنهن جو اولاد اڄ وڏي سياسي حيثيت رکي ٿو) بابت مشهور هو تہ ورهاڱي کان اڳ هن جو ڪو تنيڙو مسئلو دفترن ۾ هلندڙ هو، همراھ هارين جو وڏو جلسو وٺي گھوڙي تي چڙهي وڏي شان شوڪت سان اچي حيدرآباد جي ڪليڪٽر آفيس جي اڳيان پٽ تي ويهي رهندو هو ۽ همت ئي نہ ٿيندي هئس جو هو اندر آفيس ۾ وڃي عملدارن سان بہ لفظ ڳالهائي ايئن هو ڪيترائي مهينا فقيرن وانگر پنهنجي مخصوص پڙي تي ويهندو هو تان جو ڪنهن واڻئي عرضي نويس اچي سندس اهو معمولي مسئلو حل ڪرائي ڏنو. پر اهو ئي همراھ پنهنجي غريب هارين ۽ علائقي واسين لاءِ وڏي قيامت ۽ عذاب الاهي هوندو هو.

تنديڻ ۾ مون کي ڳوٺ ۾ ئي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو جتي ست درجا فائنل پاس ڪرڻ کان پوءِ وري بابا مون کي مدرسي ۾ داخل ڪرايو ان عرصي ۾ ۾ مون سان هڪ حادثو پيش پڻ آيو اسان ٻارن پکين جي شڪار لاءِ هالان ڏي وياسين جتي مون کي پکين جي شڪار واري بندوق جو ڇرو اک ۾ لڳو ۽ ان وقت هيراباد ۾ اکين جو هڪ ئي مشهور ڊاڪٽر هو جنهن منهنجو آپريشن ڪيو آئون اڃا زير علاج هئس تہ ڊاڪٽر دولت رام مون کي پڏايو تہ بابا مون کي معاف ڪر آئون هاڻ هتان لڏي وڃي رهيو آهيان تنهنجو علاج مون ڪافي ڪري ڇڏيو آهي پر پوءِ بہ مون هڪ ٻئي ديوان ڊاڪٽر کي تنهنجي پارت ڪئي آهي جيڪو تنهنجو علاج ڪندو. اک جي آپريشن ڪرائڻ کان پوءِ مون کي بابا نصرپور ۾ قاضي عبدالرحمان جي مدرسي ۾ داخل ڪرايو، مدرسي جو اهو اصول هوندو هو تہ شروعاتي چار مهينا اسان کي مدرسي ۾ رهڻو پوندو هو ۽ مولوي اٽي

اسان کي سيپارا پڙهائيندو هو ۽ ڏينهن جو اوڙي پاڙي مان اسان کي ماني پوڙ وٺڻ لاءِ موڪليو ويندو هو ان وقت ڪتابين وري اهو ڪم ڪيو تہ منهنجي مٿي تي هڪ وڏو ٿالهہ رکي ڇڏيندا هئا ۽ پوءِ گهر گهر وڃي جيڪي مانيون ملنديون هيون اهي منهنجي مٿي تي رکندا هئا. چار مهينا گداگري ڪرڻ کان پوءِ مون کي تبليغي دوري تي موڪليائون. تبليغ دوران مون اها ڳالهہ محسوس ڪئي تہ اهي حضرات ڳالهيون تہ سٺيون ڪندا هئا پر ماڻهن جي جڏهن دنياوي مسئلا سامهون ايندا هئا تہ پوءِ اهي ڳالهہ کي ٻي رخ ۾ موڙي ڇڏيندا هئا. تبليغ کان موٽي اچڻ کان پوءِ مون کي وري نصرپور جي مدرسي ۾ رهڻو پيو ۽ وري ساڳيو ٿالهہ منهنجي انتظار ۾ هو ان دوران آئون بہ پيرا مدرسي مان ڀڄي بہ ويو هئس پر بابا منهنجي ٺاهوڪي مرمت ڪري مون کي واپس مدرسي ۾ وٺي آيو. هڪ ڏينهن مدرسي جي اڳيان کوهہ ۾ قاضي عبدالرحمان جو ننڍڙو ڇوڪرو ڪري پيو ان وقت ڪتابين کان سواءِ پيو ڪو بہ ويجهڙائي ۾ ماڻهو نہ هو ۽ قاضي صاحب پاڻ ڪافي ضعيف هو هن وٽي ڪتابين کي کوهہ ۾ لهڻ لاءِ منٿون ڪيون پر ڪنهن بہ دل نہ ٻڌي نيٺ مون چيو تہ قاضي صاحب آئون هڪڙي شرط سان تو کي ٻار کوهہ مان ڪڍي ڏيندس. قاضي صاحب ان وقت ڏاڍي مشڪل ۾ هو سو چيائين تہ تنهنجي هر شرط قبول آهي پر جلدي کوهہ ۾ لهي پئو، مون کيس پڪو ڪندي چيو تہ ٻار کي کوهہ مان ڪڍڻ کان پوءِ تون مون کي مدرسي مان موڪل ڏيندين. قاضي صاحب ها ڪئي پر مون وري کيس چيو تہ بابا وري بہ مون کي ڪٽڪو ڏئي مدرسي ۾ ڇڏڻ ايندو. قاضي اڳ ۾ ئي خفا ۽ پريشان هو سو مون کي هٿ جوڙي مدد لاءِ واجهائي رهيو هو سو مون بہ بنا رسي جي کوهہ ۾ ٽپو ڏنو جيڪو ٽيهہ فوٽ کان بہ اونهو هو ۽ اتي ٻار کي کوهہ مان ڪڍي پنهنجي ٽنگن ۾ ڦاسائي اوندو ڪيو تہ هن جي ڪنن ۽ نڪ مان پاڻي وهڻ لڳو مون کيس پٺي تي ڌڪ بہ هنيا نيٺ ٻارڙو هوش ۾ آيو تہ قاضي صاحب هڪ وڏو رسو اندر اڇلايو جيڪو مون ٻارڙي جي چيلهہ ۾ ٻڌيو ۽ اهو ٻارڙو سلامتي سان کوهہ مان نڪري آيو.

❊❊❊

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرولتاري جو سفر

چشمِ نم جانِ شوريده ڪافي نهين
تهمتِ عشقِ پوشيده ڪافي نهين
آج بازار مين پابجولان چلو
دست افشان چلو، مست و رقصان چلو
خاڪ برسر چلو، خون بدامان چلو
راه تڪتا هي سب شهرِ جانان چلو. (فيض)

ڪوهه مان ٻاهر نڪرڻ ڪان پوءِ مون کي موڪل ملي مون قميص پائي ڳوٺ وڃڻ لاءِ رستو ورتو مون وٽ ان وقت خرچ پکي لاءِ هڪ روپيو به نه هو ۽ نه ئي مون اتان ڪتابين يا قاضي صاحب ڪان ڪجهه ورتو. شام جا پنج تي رهيا هئا مون پليجاڻي ڪان سڌو ريل جي پٽڙي ورتي ۽ رات جو ڏهين بجي حيدرآباد استيشن تي پهتس ان وقت اتي بلڪل ويراني لڳي پئي هئي سو شهر جو رخ ڪيم ۽ ڪانگريسي اڳواڻ بال ڱنگا ڌر تلڪ جي نالي سان منسوب تلڪ چاڙهي تي وڃي نڪتس جيڪا ان وقت پينو فقيرن جي اڏي طور مشهور هئي، سڄي شهر جا پينو فقير رات جو اتي رهندا هئا سو آئون به اتي رهي پيس ۽ پوءِ فقيرن سان پڪي دوستي ٿي وئي اهي رحم کائي مون کي ماني ڏيندا هئا فقيرن جي ان مهرباني جي ڪري حال في الحال ڳوٺ (اڏيرو لعل) وڃڻ جو ارادو به ترڪ ڪيم. ڏينهن جو شهر ۾ گهمندو هئس ۽ شام جو پنهنجي اڏي تي پهچي ويندو هئس. انهن فقيرن مون کي به پنڻ تي لڳائڻ تي چاهيو پر مون کين چيو ته مدرسي ۾ اڳ ئي منهنجي مٿي تي تالهه رکي مانيون پنائيندا هئا سو انهي آزار ڪان ته ڀڳو آهيان سو محنت مزدوري ڪندس باقي پني کائڻ منهنجي لاءِ ڪنهن به قيمت تي منظور ناهي. سو ويچارن فقيرن پڻ مات ڪئي ۽ جيڪي پاڻ کائيندا هئا سو مون کي به ڏيندا هئا. ان وقت منهنجو چاچو پڻ حيدرآباد ۾ ڪٿي مزدوري ڪندو هو پر ڪافي پڇا جي باوجود هو ملي نه سگهيو. هڪ ڏينهن ڪي همراهه اسان جي اڏي تي آيا ۽ چيائون ته مزدورن جي ضرورت آهي سو مون مزدوري ڏيڻ لاءِ انهن کي چيو پر مون کي جواب مليو ته تون ننڍو آهين ڇا مزدوري ڪندين. نيٺ گهڻي منٿ ميڙ ڪان پوءِ اڌ اجوري تي مزدوري ملي وئي پوءِ آئون تلڪ چاڙهي کي خيرآباد چئي صدر واري علائقي آيس جتي صدر واري وڏي جامع مسجد جڙي رهي هئي مون اتي چار مهينا مزدوري ڪئي ۽ منهنجي ڪم مان مطعمن ٿي اهي مون کي پورو اجورو ڏيڻ لڳا. اتي مزدوري ڪندڙن جا نالا هڪ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پٽر تي لکيا ويا جن ۾ منهنجو نالو پڻ هو. شايد اهو پٽر صدر واري جامع مسجد ۾ اجا به لڳل هجي.

مسجد تي مزدوري ڪرڻ وقت هڪ ڏينهن مصطفيٰ قاسمي صاحب مون کي مزدوري ڪندي ڏسي رهيو ته هي ننڍڙو پار ڪيئن مزدوري ڪري رهيو آهي ۽ ڪم ختم ٿيڻ کان پوءِ مون کي پنهنجي ڏيري تي وٺي آيو جيڪو اتي ئي ويجهو هو، قاسمي صاحب ان وقت شربت ٺاهي هلائيندو هو، هن مون کي شربت جو گلاس ڏنو آئون شربت پي شربت ٺاهڻ واري چوڪري وٽ بيهي رهيس جيڪو شربت جي صفائي ڪري رهيو هو اتي مون کي قاسمي صاحب چيو ته هتي ڇا ڏسي رهيو آهين؟ چيو مانس ته توهان شربت مان ڪچرو غلط طريقي سان صاف ڪري رهيا آهيو، مولانا قاسمي صاحب چيس ته اهو طريقو غلط ڪيئن آهي ۽ تون هاڻ اسان کي صحيح طريقي سان شربت صاف ڪري ڏيکار پوءِ مون کير ۾ بيضن کي ملائي شربت صاف ڪري ڏيکاريو جنهن کي ڏسي قاسمي صاحب مون کي چيو ته بابا هاڻ تون مسجد تي تغاري کڻڻ بدران هتي مون وٽ شربت جي ٺيلهي تي ڪم ڪندو ڪر ۽ ان وقت مون کي هن ڏيڍ روپيو روزاني اجوري تي رکيو.

اتي ٻه مهينا ڪم ڪرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن انگريزن جي موٽر آئي جنهن مزدورن جي ڳولا ڪئي ان ۾ هڪ گوري مندم ۽ ان جو مڙس پڻ هئا، اتي مون کين چيو ته آئون مزدوري ڪرڻ لاءِ تيار آهيان پر انگريز انڪار ڪيو ته تون اجا ننڍو آهين پر هن جي زال کيس چيو ته هن ڇوڪري کي کڻ ۽ پوءِ آئون موٽر ۾ انهن جي گهر آيس. مندم (جنهن جو نالو وسري ويو آهي) ۽ ان جي مڙس مسٽر پريمليو مون کي پٽ ڪري پنهنجي گهر ۾ رکيو ۽ آئون پڻ ان کي بابا ۽ مندم کي امان (مٽر) سڏيندو هئس، مون هتي هڪ سال کن ڪم ڪيو. اها جوڙي اصل ۾ اطالوي هئي مون ان دوران انگريزي رواني سان ڳالهائڻ سکي ورتي. آئون گهر جو ڪم ڪار ڪندو هئس مٽر (مسز پريمليو) مون کي پنهنجي پٽ وانگر پاليندي هئي جيڪي هن کي ڪارائيندي هئي اهو مون کي پڻ ڏيندي هئي جيڪي هو پنهنجي ٻارن لاءِ خريداري ڪندي هئي اهو مون کي ٻه ملندو هو ۽ آئون انهن سان گڏ موٽر ۾ چڙهي گهمندو ڦرندو هئس، ان وقت موٽرون تمام گهٽ هيون ايڪڙ ٻيڪڙ جي ايم سي ٽرڪون (کيڪڙا) هلندا هئا ۽ باقي ڪنهن نواب يا جاگيردار وٽ ئي موٽر هوندي هئي. اطالوي ڪمپني معدنيات ڳولڻ واسطي نئين ملڪ پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهي هئي. اهو دور 1956ع جو هو. هڪ ڏينهن مون پنهنجي ماءُ (مسز پيريمليو) کي چيو ته مٽر توهان ته هاڻ اٽلي وڃي رهيا آهيو پر مون کي ڪو هنر سيکاري وڃو ها ته بهتر هو آئون ته توهان جي وڃڻ کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعو وري فوٽ پاٿ تي ڌڪا کائيندس. اها ڳالهہ ٻڌي ان عورت کي ڏاڍي تڪليف پهتي ۽ مون کي چيائين تہ هاڻ تون گهران چڪر لڳائي اچ جيڪڏهن اجازت ملي تہ پوءِ اسان سان گڏجي اٽلي هل اتي تو کي ڪم بہ سيکاريو ۽ اتي نوڪري ڪرڻ چاهين تہ نوڪري بہ وٺرائي ڏينداسين نہ تہ وري واپس پنهنجي ملڪ اچجان جتي تو کي آساني سان نوڪري ملي سگهي ٿي. اها ڳالهہ مون کي بہ پسند آئي. آئون ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ انهن سان گڏجي هوائي جهاز رستي اٽلي ويس ۽ اتي قدرتي گئس جي شعبي ۾ تربيت ورتم ۽ سال ڪان پوءِ واپس موٽي ڪراچي آيس.

اٽلي مان واپس اچڻ تي سوئي گئس کي جوائن ڪيم، ان وقت سوئي گئس ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي عارضي بنيادن تي ڀرتي ڪيو ويندو هو جن کي پوءِ وڃي 1957ع ۾ مستقل ڪيو ويو. منهنجو ڪجهہ وقت ڪراچي ۾ گذريو ۽ پوءِ حيدرآباد بدلي ٿي. نوڪري دوران ڪم ختم ٿيڻ ڪان پوءِ فوٽ بال کيڏڻ ۽ رولاڪيون ڪرڻ ئي منهنجي سرگرمي هئي، هي اهو دور هو جنهن ۾ عوام ۾ بي چيني وڌي رهي هئي ۽ سماج ۾ تحريڪ بہ زورن شورن تي هئي جيڪا پوءِ ايوب خان جي اقتدار ۾ اچڻ تي وڌيڪ شدت اختيار ڪري وئي پنهنجي غريب طبقي سان وابستگي ۽ مزدور هئڻ جي ڪري منهنجي بہ انهن تحريڪن سان همدردي هوندي هئي پر ان دور ۾ آئون باقائده ڪاڀي ڌر جي ڪنهن گروپ جو ميمبر نہ هئس، سوئي گئس ۾ مون سان گڏ ڪم ڪندڙ مزدور مون کي ڪميونسٽ پارٽي جو سرگرم ميمبر سمجهندا هئا آئون مزدورن ۽ هارين جي جلسن ۾ باقائدگي سان شرڪت ڪندو هئس، جلسن ۾ ڪامريڊن جي تقريرن منهنجي اندر کي ڌوڏي ڇڏيو ۽ آئون وري اهي تقريرون ياد ڪري پنهنجي مزدور ساٿين سان نجي ڪچهرين ۾ ڪندو هئس، اهڙي ريت اهي مون کي ڪامريڊ سمجهندا هئا. پر حقيقت اها آهي تہ نوڪري دوران جڏهن منهنجي بدلي حيدرآباد ٿي تہ هڪ ڏينهن آئون ڪجهہ دوستن سان گڏجي حيدر چوڪ تي آيس جتي دائود خان جي هوٽل جي پويان ڪميونسٽ پارٽي جو دفتر هوندو هو اتي ڪافي رش هئي ۽ ڇت تي ڪامريڊن جي گڏجاڻي ٿي رهي هئي، ان عمارت جي مٿان ڳاڙهو جهنڊو ڦڙڪي رهيو هو، ان تي نظر پوندي ئي آئون پنهنجي ساٿين سميت ان گڏجاڻي ۾ هليو ويس، ڪامريڊ اتي ليڪچرز ٽائيپ تقريرون ڪري رهيا هئا، ان گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر اعزاز نذير ڪان سواءِ فهميده گانگهرو، حميده گانگهرو، شهيد نذير عباسي، شهيد حسن ناصر، بشير ٻهرا، مرحوم شميم واسطي، ڪامريڊ خورشيد (هيرآباد وارو) ۽ ٻيا بہ ڪيترائي اڳواڻ ۽ ڪارڪن موجود هئا جن جا نالا هن وقت ياد نٿا اچن. مون اتي آفيس سيڪريٽري ڪامريڊ بشير ٻهرا (جيڪو اسٽيج جي ڪاروائي هلائي رهيو هو) کي تقرير جو وارو ڏيڻ لاءِ چيو ۽ ان گڏجاڻي جي صدارت ڊاڪٽر اعزاز نذير ڪري رهيو هو ان پڻ

منهنجي تائيد ڪئي ۽ مون ڪميونسٽ پارٽي جي پليٽ فارم تان پهريون ڀيرو ڳالهايو ۽ پنهنجي تقرير ۾ سوئي گئس جي مزدورن سان تيل استحصال جو ذڪر ڪيم ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي ڳوٺن ۾ جاگيرداراڻي استحصال تي به ڳالهايم. منهنجي اها تقرير ڊاڪٽر نذير (جيڪو ورڪر فيڊريشن جو صدر هو) کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ هو پوءِ مون کي پارٽي جي هر گڏجاڻي ۾ گهرائيندو هو ۽ هن منهنجي نظرياتي تربيت پڻ ڪئي، اهو ئي سبب آهي جو آئون اڄ پڻ هن کي پنهنجي فڪري ۽ نظرياتي استاد مڃيندو آهيان، مون کي ياد آهي ته هن مون کي مئڪسيم گورڪي جو ناول ماءُ جو اردو ترجمو پڙهڻ لاءِ ڏنو، ماءُ ناول ۾ مزدور سماج جو جيڪو نقش چٽيل آهي ۽ مزدور جدوجهد جي جهڙي ريت منظر نگاري ڪئي وئي آهي ان کي هر مزدور جيان مون به پنهنجي ڪهاڻي ئي سمجهيو ۽ جڏهن آئون اهو ڪتاب پڙهي ڊاڪٽر نذير وٽ ويس ته هن مون کان پڇيو ته هن ڪتاب ۾ تو کي ڇا سمجهه ۾ آيو؟ جواب ڏنم ته مون کي هن ناول جي ڪهاڻي پنهنجي ذاتي ڪهاڻي محسوس ٿي ۽ ڪهڙي به ريت مون کي اهو محسوس نه ٿيو ته اهو ناول ڪنهن اوپري ملڪ جو ادبي شاهڪار آهي جيتوڻيڪ نالا مختلف هئا پر اها ڪهاڻي اسان جي ئي سماج جي لڳي ٿي. اهڙي ريت عملي زندگي ۾ گڏوگڏ شعوري تربيت به ٿيندي رهي. پاڪستان ۾ ان وقت به لاهور، ڪراچي ۽ حيدرآباد ڪميونسٽ پارٽي جا اهم مرڪز هئا، حيدرآباد ۾ ٽنڊو مير محمد ڪامريڊن جو محفوظ ٺڪاڻو هوندو هو، اتي جا رهاڪو ڪامريڊن کي پناهه ڏيندا هئا مون کي ياد آهي ته ايوب خان جي آخري دور ۾ جڏهن ڪميونسٽ پارٽي تي عتاب نازل ڪيو ويو ته پوليس جي ڇاپن وقت اتي موجود ڪامريڊن کي علائقي جا رهواسي پنهنجي عورتن جا ڪپڙا ڏئي پوليس جي اکين ۾ سرمو پارائيندا هئا ۽ هڪ ڀيرو مون کي پوليس گرفتار ڪرڻ آئي ته آئون ٽنڊي ميرمحمد ۾ هڪ دوست جي گهر ۾ ستو پيو هئس ته پوليس جي تلاشي دوران هڪ نوجوان عورت پنهنجا پار وٺي منهنجي کٽ تي سمهي رهي ۽ سي آءِ ڊي جا اهلڪار ۽ پوليس وارا پوري گهر جي نوس نوس ڪندي منهنجي کٽ تي آيا ته آئون ڏاڍي مزي سان ننڊ ڪري رهيو هئس ۽ اها عورت پوليس وارن کي گاريون ڏئي رهي هئي ته ”ديکهتي نهين هو بي شرم! هم ميان بيوي سو رهي هين اور تم کتون کي طرح چلي آئي هو، کسي کامريڊ کو هم ساتهه سلائين گي ڪيا“ اهو جواب ٻڌي پوليس وارا موٽي ويا ۽ آئون گرفتاريءَ کان بچي ويس. ڪامريڊن ۾ اخلاقيات ۽ انسانيت هوندي هئي ۽ اهي پنهنجي مقصدن سان انتهائي سچا هوندا هئا، ڀتاخوري ۽ قبضه گيري ته پري جي ڳالهه هئي پر معافي نامو لکڻ به ڪامريڊن لاءِ ٻڌي مرڻ جهڙي ڳالهه هوندي هئي ۽ اهو اسان لاءِ وڏو ڏوهه سمجهيو ويندو هو، ان وقت جي سموري ڪامريڊ سنگت ۾ سچائي جو گڻ مشترڪ هو، اسان وٽ تحريڪ هڪ آدرش ۽ مقصد هو ته ڪن لاءِ وري رومانس، خير رومانس ته سڀني لاءِ هو ۽ انهي خواب جي

پويان پٽڪندي اسان کي پاڻ بابت سوچڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿيندي هئي، ان دور ۾ ئي اسان جي سرگرم ساٿي ڪامريڊ حسن ناصر کي رياستي قوتن هٿان بيدردي سان شهيد ڪيو ويو ۽ اڳتي هلي ڪامريڊ نذير عباسي کان وٺي ڪيترن ئي ساٿين سوليءَ کي سينگاريو . جيتوڻيڪ ڪافي دوست خاموش بہ ٿي ويا تہ ڪن معافيون لکي تبليغ جو ڏِگ پڻ ورتو، مرحوم شميم واسطي پڻ معافي نامو ڏئي توبهہ تائب ٿيو هو پر هن پنهنجي دور ۾ ڪميونسٽ پارٽي لاءِ وڏو ڪم ڪيو هو. مون کي اڄ پڻ چٽي ريت ياد آهي تہ ان وقت اسان جا وڏا وڏا سياسي قبلا سرعام غريب طبقي سان پنهنجي طبقاتي نفرت جو اظهار ڪندي بہ نہ ڪيٻائيندا هئا. هالا پراڻا جي مشهور خاندان جو هڪ همراهہ (حفيظ قريشي) تہ ان ڊيوٽي تي هو تہ هو ڪهڙي بہ ريت هارين ۽ مزدورن ۾ ڪم ڪندڙ دوستن کي پنهنجي راهہ تان هٽائي، هن مهربان لاءِ مشهور هو تہ هو پنهنجي جذبي کي قابو ۾ نہ رکندي جلسن ۾ پڻ سرخن کي ڪچيون گاريون پڻ ڏيندو هو. مٿئين طبقن جا اڳواڻ هارين ۽ مزدورن جي جدوجهد کي قومي راهہ ۾ وڏي رڪاوٽ سمجهندا هئا ساڳئي وقت ڪجهہ مٿئين طبقن مان بہ اهڙا ڪردار موجود هئا جيڪي پنهنجي هڙان وڙان مدد ڪندا هئا ۽ تحريڪ جا سرگرم همدرد پڻ هئا، مجموعي طور ان وقت اها جنگ صاف طور تي امير ۽ غريب طبقي جي هئي ۽ امير طبقو پنهنجي طبقاتي مفاد لاءِ جمهوريت ۽ قومي مفادن جي نعرن جي آڙ ۾ هارين ۽ مزدورن جي حقن سان کوئنس ڪري رهيو هو. ان دور ۾ ٻي بهتر ۽ مثبت ڳالهہ اها هئي تہ سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان تائين عوام ۾ ڪٿي بہ نسلي ۽ لساني نفرت جا جراثيم بلڪل نہ هئڻ جي برابر هئا جن کي بعد ۾ هترادو طور ملڪ جي غريب عوام تي مقتدر قوتن هٿان مڙهيو ويو ۽ رات پيٽ ۾ اسان وٽ اهڙا پراسرار ليڊر پيدا ٿيا جن رتوڇاڻ ڪرائي ۽ عوام جي طبقاتي عڪجهتي کي هڪ وڏو ڇيهو پهتو. ايوب خان جي آخري دور ۾ ذوالفقار علي ڀٽو (جيڪو ايوب خان کي ڊيڊي چوندو هو) کي اسان مٿان مسلط ڪيو ويو ۽ ڏسندي ڏسندي سماج جو وڌندڙ سياسي شعور پاپولر قوتن جي هٿ ۾ اچي ويو ۽ دلفريب نعرن جي آڙ ۾ نظرياتي تحريڪ جون ڌجيون اڏايون ويون. اسان جا ڪافي سرخا دوست پڻ پاپولر نعرن ۾ اچي ويا جيڪي ملڪ جي ذهن ۽ شاطر سياستدانن جي چال کي سنجيدگي سان سمجهي نہ سگهيا. اسان جي سٺ پاران پڻ ڪيترين ئي سنگين غلطيون ڪيون ويون. منهنجو ان بابت اهو نقطہ نظر آهي تہ اسان جا ڪامريڊ ان خدشي کان اڻڄاڻ هئا تہ مقتدر قوتون اسان جي جدوجهد تي هڪ لمحي لاءِ پڻ غافل نہ آهن، پاپولرازم جي وڏي اپار کي اسان جي گهڻن دوستن اهو سمجهيو تہ اهو شايد حڪمران طبقي جي گهبرائٽ ۽ بوکلائٽ جو نتيجو آهي جنهن کي اسان ان اندر ڪم ڪري هارين ۽ مزدورن جي حق ۾ آڻي ويندا سين پر اها خام خيالي بلڪل ابتڙ ثابت ٿي. ان پاپولرازم جا اندروني مقصد اهي ئي هئا جيڪي اڄ جي دور ۾

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

اسان لاءِ ناسور بڻيل آهن. انتهاپسندي، رياست شاهي، ڪرپشن ۽ سماج کي ڏي پوليٽيزائيشن طرف وٺي وڃڻ جا لاڙا ان ئي پاپولرازم جو نتيجو آهن. پاپولرازم جي انهي لهر انتهائي هوشياري سان عوام کي سندس جدوجهد کان الڳ ڪري پنهنجو حامي بڻايو ۽ پوءِ عوام جي ان حمايت کي عوام جي خلاف استعمال ڪيو ويو. هزارين سالن کان وٺي انساني تاريخ ۾ ظالم ۽ مظلوم طبقن جي جنگ کي پٺي ڏئي هترادو دشمن ثاهي هزارين سالن جي جنگ ڪرڻ جا اعلان ڪيا ويا. اهو رد انقلاب دنيا جو تمام پيچيده ۽ خطرناڪ رد انقلاب هو جنهن ۾ هڪ ئي اسٽيج تي ۽ هڪ ئي وقت ساڳئي تقرير ۾ اتي، لتي ۽ اجهي جا نعرا هڻي وري گاهه ڪاٺڻ جي پڻ ڳالهه ڪئي ويندي هئي. هارين ۽ مزدورن جي ڳالهه هلندي امت جي عالمي پڌي بابت فڪر ۽ ويچار پڻ ڪيو ويندو هو. عام کي ان وقت جيڪي رليف مليا سي دراصل مڇي جي تلاءَ ۾ ڪانٽي ۾ پوئيل ڳاهه (مڇي کي ڦاسائڻ لاءِ ڪانٽي ۾ گوشت جو ٽڪرو يا ڪاڏو لڳائبو آهي) ثابت ٿيا. چاليهه سالن جي ان عرصي ۾ اسان سان صرف الميا ئي ٿيا ۽ اڄ پڻ ان روايت کي اسان پنهنجو پاڻ کا پري ڪري نه سگهيا آهيون.

مير رسول بخش ٽالپر اسان سرخن جي ايوب خان واري دور ۾ تمام گهڻي مدد ڪئي ڪيترن ئي موقعن تي هن ڪامريڊن کي پناهه ڏني ۽ جلسن جلوسن جو خرچ هو ئي برداشت ڪندو هو. هڪ دفعو هن جي رهائشگاهه تي ملڪ ۾ نئين وجود آيل پارٽي جو سربراهه ترسيل هو ۽ هن اسان ڪامريڊن کي ان سان ملايو، ڪامريڊ لڏي جي اڳواڻي آئون ڪري رهيو هئس، پارٽي جي قائد جي اڳيان اسان کي مير صاحب چيو ته بابا هاڻ توهان اسان جي ان پارٽي ۾ شامل ٿيو. ته مون ان وقت کيس اهو ئي چيو ته مير صاحب توهان وڏي عرصي کان وٺي اسان تي جيڪي مهربانيون ڪيون ان جو بدلو هاڻ اسان کان ورياج سميت وٺي رهيا آهيو. بهرحال آئون ان پارٽي ۾ شامل ڪونه ٿيس پر اسان جا ڪافي سرخا ان پارٽي ۾ شامل ٿيا. مير رسول بخش ٽالپر سان منهنجي گهري دوستي هوندي هئي ۽ سندس اسان تي ڪيترين ئي مهربانيون پڻ هيون پر ان ڏينهن کان پوءِ کان پوءِ آئون وري ڪڏهن به ساڻس نه مليس توڙي جو هن ڪيترائي ڀيرا مون ڏانهن نياپا به اماڻيا هئا. 1967ع واري دور ۾ مون هارين ۾ ڪم ڪيو سوئي گئس ۾ ڪم ڪرڻ کان پوءِ اتي ويجهڙائي وارن علائقن جي هارين سان ملي پنهنجوڪم ڪندو هئس ان سلسلي ۾ مون پنجاب، سنڌ ، بلوچستان ۽ سرحد جي ڏورانهين ڳوٺن ۾ وڃي هارين ۾ ڪم ڪيو ۽ آئون اڄ پڻ سمجهان ٿو ته هارين جي طبقي ۾ بهتر ڪم نه ڪري سگهڻ جي ڪري اسان جي ڪاٻي ڌر کي اهڙي بدترين ناڪامي ملي، هاري اسان جي سماج جو انتهائي اهم طبقو آهي پر ڪامريڊن ڪجهه ماسڪو نوازي ۽ ڪجهه پين سببن جي ڪري هارين جي جدوجهد کي نظر انداز ڪيو ۽ اسان وٽ هتي ماسڪو يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيجنگ جھڙا ھوبھو ماڊل اڏڻ جھڙي خام خيالي بہ ڪئي وئي جيڪا ڪنھن بہ ريت عمل جوڳي نہ ھئي. ھر ملڪ ۾ انقلاب جو ڪردار مختلف ھوندو آھي. مون کي تمام گھڻو ڏک ٿيندو آھي جڏھن سائنسي نظرين کي فرقن جيان سمجھي ان تي انڌي تقليد ڪئي ويندي آھي ۽ مخالف نظريي جي سچائي کي وري حرام قرار ڏنو ويندو آھي، ھاڻ تہ خير انقلاب جي دعويدار ڌرين ۽ عظيم ڏاھن پڻ تنظيمن تي پنھنجي خاندان جون اجاره داريون قائم ڪري ورتيون آھن. کاٻي ڌر جي ناڪامي آدرش جي ناڪامي ھرگز ناھي ھاڻ تہ دنيا تي روسي ڪميونزم جو پوٽ پڻ اوجھل ٿي ويو آھي پر عوام کي درپيش مسئلن ۾ ڪا گھٽتائي ناھي آئي، جيستائين عوام تي جبر ۽ انڌير ھوندو اوستائين ظالم ۽ مظلوم جي جنگ جاري رھندي ۽ اھو تضاد ڪڏھن بہ پڙڪي اٿندو آھي پر ھر دفعي ان کي انقلاب ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ کاٻي ڌر کي پنھنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ھڪ ڪٺن امتحان جو سامھون ھوندو آھي ۽ جڏھن اھا منزل جدوجھد ۽ صحيح حڪمت عملي ذريعي پار ڪرڻ ۾ ڪاميابي ملندي آھي تہ پوءِ سماج ۾ تبديلي برپا ٿيندي آھي ۽ ناڪامي جي صورت ۾ سماج ويتر رد انقلابن جي ورچڙھي ويندو آھي ۽ مقتدر ڌريون عوام کي ان جدوجھد جو سبق رجعتي انتھاپسندي ۽ ٻين عوام دشمن طريقن سان ڏئي سامراج کي ٻيھر ھڪ دور پويان ڌوڪي ڇڏينديون آھن.

اسان سان گڏريل چاليھہ سالن ۾ ايئن ئي ٿيندو رھيو آھي پر انھي جنگ جو لازمي نتيجو ڪنھن ھڪ طبقي جي فتح جي صورت ۾ ئي نڪري ٿو ۽ سچائي جي قوت جي غالب ٿيڻ تائين اھو قصو ايئن ھلندو رھندو اسان کي پنھنجي سچائي جي قوت تي مڪمل ڀروسو ھئڻ گھرجي. پاڪستان ۾ کاٻي ڌر جو 1967ع ۽ 1968ع وارن سالن ۾ ڀورو عروج ھو جنھن کي ھڪ وقت رجعت پرستن ۽ رياست سان گڏ مقامي قوتن جو سامھون ھو پر ان رجحان کي اصل شڪست پاپولرازم جي سياست ڏني. پاپولرازم وارن اوائلي ڏينھن ۾ ٽريڊ يونينن ۾ ڀيڙاگيري جي بدعت ڀيدا ٿي جيڪا موجوده ڀتاخوري جي رجحان جي ماءُ پڻ چئي سگھجي ٿو. ان ئي دور ۾ اسان وٽ ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڌڙا بندي شروع ٿي، ڪميونسٽ پارٽي جيڪا حڪومت جي بندش ۽ شھادتن جي باوجود ختم نہ ٿي سگھي اھا پاپولرزم جي ڪنفيوزيشن ۽ ڌڙا بندي جي نتيجي ۾ پنھنجي ڪشش ثقل تان ھٽڻ لڳي. ورڪر فيڊريشن ۾ تي ڌڙا پيدا ٿي ويا. ميجر اسحاق مزدور ڪسان پارٽي ناھي ۽ خاموش گل ختڪ وري صفائي جي عملي ۾ ڪم ڪندڙ ٽريڊ يونينن کي ملائي مزدور فيڊريشن ناھيائين ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي بچيل ڌڙي تي وري اصل سرڪار جي سنگت پنھنجو ديرو ڄمايو جيڪو آخر تائين برقرار رھيو. ان دور ۾ مون ھارين ۾ ڪم جاري رکيو سنڌ ۾ بدين ۽ چمبڙ اسان جي تحريڪ جو مکيہ مرڪز ھو. منھنجو وڏو ياءُ ڪامريڊ الھبخش شيدي ۽ ڪامريڊ عثمان بلوچ

حيدرآباد ۾ مزدور يونين ۾ نمايان هوندا هئا. چمبڙ ۾ هارين جي جدوجهد جو ايترو تہ زور هو جو اتي هارين ڪامريڊ محمد لغاري کي هاري ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻايو.

پاڪستان ۾ ڪاٻي ڌر جو 1967ع ۽ 1968ع وارن سالن ۾ پورو عروج هو جنهن کي هڪ وقت رجعت پرستن ۽ رياست سان گڏ مقامي قوتن جو سامهون هو پر ان رجحان کي اصل شڪست پاپولرازم جي سياست ڏني. پاپولرازم وارن اوائلي ڏينهن ۾ ٽريڊ يونينن ۾ پيداگيري جي بدعت پيدا ٿي جيڪا موجوده ٺيڪيداري جي رجحان جي ماءُ پڻ چئي سگهجي ٿو. ان ئي دور ۾ اسان وٽ ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڌڙا بندي شروع ٿي، ڪميونسٽ پارٽي جيڪا حڪومت جي بندش ۽ شهادتن جي باوجود ختم نہ ٿي سگهي اها پاپولرزم جي ڪنفيوزيشن ۽ ڌڙا بندي جي نتيجي ۾ پنهنجي ڪشش ثقل تان هٽڻ لڳي. ورڪر فيڊريشن ۾ ٿي ڌڙا پيدا ٿي ويا. ميجر اسحاق مزدور ڪسان پارٽي ٺاهي ۽ خاموش گل ختڪ وري صفائي جي عملي ۾ ڪم ڪندڙ ٽريڊ يونينن کي ملائي مزدور فيڊريشن ٺاهيائين ۽ ڪميونسٽ پارٽي جي بچيل ڌڙي تي وري اصل سرڪار جي سنگت پنهنجو ديرو ڄمايو جيڪو آخر تائين برقرار رهيو. ان دور ۾ مون هارين ۾ ڪم جاري رکيو سنڌ ۾ بدين ۽ چمبڙ اسان جي تحريڪ جو مکيہ مرڪز هو. منهنجو وڏو پاءُ ڪامريڊ الهبخش شيدي ۽ ڪامريڊ عثمان بلوچ حيدرآباد ۾ مزدور يونين ۾ نمايان هوندا هئا. چمبڙ ۾ هارين جي جدوجهد جو ايترو تہ زور هو جو اتي هارين ڪامريڊ محمد لغاري کي هاري ڪورٽ جو چيف جسٽس بڻايو.

مون کي ڪڏهن بہ پنهنجي زندگي بابت لکڻ تي دلچسپي ناهي رهي ۽ نہ وري ادبي پيشہ وارن وانگر سوانح حيات کي پڻ ڪا ادبي صنف سمجهي پنهنجو پاڻ کي نمايان بڻائڻ جي خبط رهي آهي، مون سنڌ ايڪسپريس ۾ لکيل پهرين مضمون ۾ ئي واضع ڪري ڇڏيو هو تہ خورشيد قائمخاني ۽ ڪامريڊ خديجہ گوهر جي ساٿ ۾ گهڻو وقت رهڻ جي باوجود ڪڏهن قلم کڻي لکڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ڪيم. اڄ پنهنجي زندگي جي پوئين پهر ۾ قلم کڻندي اها ئي ڪيفيت محسوس ڪري رهيو آهيان تہ ڇڻ اهي منهنجا تجربا نہ پر پنهنجي ٿئين نسل کي ڇڻ آخري خط لکي رهيو هجان. هوئن بہ غم‌جهان ڪيا ادبي صنف نہ پر زندگي جو ئي اهم پهلو آهي. ادب پڻ زندگي جو پهلو آهي پر ادب صرف هاڻ نعريبازي تائين محدود ٿي ويو آهي (جدوجهد ۽ حوصلي کان عاري صرف سامراجيات جي حق ۾ ڪيل يا لکيل نعريبازي). اسان کي فخر آهي تہ پنهنجي دور ۾ هارين ۽ مزدورن ۾ سڃاڳي جي جدوجهد سچائي جي جذبي هيٺ جاري رکي. ان جدوجهد ۾ هر ساٿي جو ڪردار مثبت رهيو، او ٽايون ۽ خاميون تہ انسان جي فطرت ۾ موجود رهيون آهن اهي اسان جي سٿ ۾ شامل همراهن ۾ بہ لازمي هونديون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلڪ هيون پر اڄ جھڙي ريت ميدان ملير بٽيل آهي ايئن هرگز به نه هو. اڳ ۾ قربانين جا لازوال قصا ڳٽائي سگهبا هئا، شهيد حسن ناصر کان وٺي شهيد نذير عباسي تائين اسان جو سمورو قافلو چڻ ته شهيدن جو قافلو هو. رنگ، نسل، ذات، قوم، عقيدي يا علائقي جو منجهس ڪو به تعصب يا ڏڦيڙ نه هو. رجعت پسندي، جاگيرداري ۽ رياست شاهي جي باوجود ڪاپي ڏر جو پنهنجو ڪردار هو ۽ اها ميدان مان ايئن غائب نه هئي جيئن اڄ آهي ۽ پين قوتن اڳي اهو خال ڀريو. اسان وٽ موم بتي مافيه (يا پين لفظن ۾ سول سوسائٽي يا ساجهه وندي) جي ماتمي مصروفيتن جي ضرورت پڻ هن وقت پيدا ٿي آهي ۽ اڳ ۾ جدوجهد ئي نجات جو رستو سمجهي ويندي هئي. هي وقت ڪاپي ڏر جو مرثيو لکڻ جو ناهي پر هڪ سگهاري ڪاپي ڏر جي اپار جي ضرورت محسوس ڪرائڻ جو آهي. ۽ اهو اپار عوام جي طاقت سان ئي اچي سگهبو نظرياتي فرقا ۽ رجحان پنهنجي جاءِ تي پر عوام جي نجات لاءِ عوام جي شراڪت اولين شرط آهي ان کان سواءِ هر تجربو صرف تماشو ئي ثابت ٿيندو.

جدوجهد جي اڙانگن رستن تي هلندي ڪيترائي پيرا گرفتار به ٿيس، سموري ملڪ ۾ هارين ۽ مزدورن سان گڏ شاگردن ۾ پڻ بيچيني قمليل هئي جميعت جي شاگردن جو ڪردار بلڪل رجعتي هو ۽ اهي ڪاپي ڏر تي هر وقت ڏمريل رهندا هئا. شاگرد يونين ئي تحريڪ جو مکيه دستو هئي ۽ ملڪ جي تعليمي ادارن ۾ اڪثر شاگرد يونين ۾ ڪاپي ڏر جي حمايتي ڌڙن قيادت حاصل ڪري ورتي هئي ۽ ان جو مثبت نتيجو اهو نڪتو جو لاهور جي شاگردن جي حمايت ۾ حيدرآباد جي اولڊ ڪئمپس پڻ جنگ جو ميدان بڻجي ويندي هئي. صحيح معنائن ۾ اهي حالتون هڪ انقلاب جو پيش خيمو هيون ۽ اهو انقلاب صحيح وقت تي صحيح فيصلا نه ٿي سگهڻ جي ڪري ضايع ٿي ويو ۽ پوءِ پاپولرازم کان وٺي موجوده انتهاپسندي ۽ اين جي او جي رد انقلابي وهڪرن باقي ڪسر پڻ پوري ڪئي. آئون ان صورتحال کي هڪ فصل جي غارت ٿيڻ سان تشبيهه ڏيان ٿو ۽ اسان کي وري نئين فصل لاءِ تيار ٿيڻ گهرجي. موجوده حالتون تاريخ جي ان دور ۾ داخل ٿي ويون آهن جتي سرمائيدارانه نظام گھٽو وقت جتاءُ نٿو ڪري سگهي ۽ رد انقلابي قوتون جهڙوڪ انتهاپسندي وغيره هن نظام کي طول ڏيڻ جي بدران ويتر تباهي جو نظارو پيش ڪري رهيون آهن منهنجو سچائي جي قوتن ۾ پورؤ يقين آهي ۽ اميد آهي ته برابري انسانيت جو مقدر آهي ۽ اها انصاف جي جنگ سچائي جي قوت سان نيٺ هن دنيا ۾ سوڀ ماڻيندي.

منهنجي گذريل مضمون کي پڙهي هڪ دوست مذاق وچان چيو ته ڪامريڊ توهان پنهنجي يادگيريون ونڊڻ بدران گذريل دور جو يادگيريون لکي رهيا آهيو. پنهنجي

جاءِ تي هن مهربان جي بہ ڳالهہ صحيح آهي پر منهنجون يادون بہ ان دور جو هڪ حصو آهن. جيتوڻيڪ ماضي جي جدوجهد واري تاريخ تي ڪافي ڪجهہ لکيو ويو آهي پر منهنجي نظر ۾ اسان وٽ تاريخ کي غلط انداز سان پيش ڪيو ويو آهي. بهرحال آئون هتي نالا وٺي هڪ نئون پينڊورا باڪس کولڻ نہ چاهيندس پر اهو عرض ضرور ڪندس تہ هتي جن کي شاگرد تحريڪ جا سورما سڏيو پيو وڃي اهي مهربان ان وقت ان جدوجهد جو حصو پڻ نہ هئا. ڪامريڊ جام ساقي پڻ ضرور اها شاهدي ڏيندو تہ نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي محاذ تان سنڌي وو ٽر لسٽون ٺاهڻ جي تحريڪ ۾ انهن سورمن مورڳو مخالفت ڪئي، هي اهي ئي سورما هئا جن ايوبي آمريت خلاف تحريڪن ۾ رڪاوٽون وجهڻ شروع ڪيون نعپ جي شاگرد جدوجهد ئي سڀ کان پهريائين وو ٽر لسٽون سنڌي ۾ شايع ڪرڻ جو نہ صرف مطالبو ڪيو پر هڪ زبردست تحريڪ پڻ هلائي. چوڻ جو مقصد اهو تہ قومي استحصال خلاف ڪاپي ڌر هر وقت مهڙ واري دستي جو ڪردار ادا ڪيو پر ڪاپي ڌر جي هارين ۽ مزدورن جي جدوجهد ان نہ صرف اڪيلي سر وڙهي پر ڪيس وڏيرڪي طبقي جي عتاب ۽ سخت مخالفت ۽ شديد رڪاوٽن کي پڻ منهن ڏيڻو پوندو هو. ان دور (1968ع کان وٺي 1971ع تائين) کان ڪجهہ سال پوءِ ملڪ ۾ پاپولرازم جي دعويدار ڌرين کي آمريڪي سامراج سان ڪيل معاهدي مطابق اقتدار ڏنو ويو ۽ ان حڪومت جي وجود کان وٺي اهڙن رجحانن جي آبياري ڪئي وئي جنهن جو لازمي نتيجو اسين صحيح معنائن ۾ اڄ ڀوڳي رهيا آهيون.

پاپولرازم جي اڀار کان پوءِ طبقاتي جدوجهد هڪ وڏو چئلينج هو عوام جي حمايت پاپولر ڌر کي حاصل هئي ۽ ڪاپي ڌر جو ڪيڊر پڻ ان پاپولر ڌر وٽ گروي بنجي چڪو هو ۽ نظرين جي جاءِ تي شخصي ڪردار حاوي بڻجندو رهيو ۽ اها روايت اڄ ڏنهن تائين اسان جو پيڇو ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي. سنڌ ۾ اڄ پڻ نمايان سياسي گروهن جي قيادت خاندانن ۾ موروثي ملڪيت جيان منتقل ٿيڻ لڳي آهي جيڪو ڪنهن بہ ريت مثبت سياسي رجحان نٿو چئي سگهجي.

ڪاپي ڌر تان پوءِ بندش تہ هٽائي وئي پر عملي طور ان جي واڳ اصل قوتن جي منظور نظر ماڻهن وٽ رهي ۽ ڪاپي ڌر جا متحرڪ ڌڙا آهستي آهستي خاموشي اختيار ڪندا ويا جيتوڻيڪ اهو مرحلو غير متوقع نہ هو پر ان کي صحيح معنائن ۾ منهن نہ ڏئي سگهڻ ۽ غلط فيصلا ڪرڻ جو خميازو اسان کي ڀوڳڻو پيو. 1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ آئون انهي زوال کي سامراج جي محڪوم طبقن تي ٿي فتح سمجهان ٿو آخري ڪنهن بہ صورت ۾ نہ............

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خورشيد قائمخاني

عمر بهر ڪا تو ني پيمانِ وفا باندها تو ڪيا
عمر ڪو بهي نهين هي پائيداري، هائي هائي.

خير ان دوران منهنجو ڪم هارين کي منظم ڪرڻ هو جيڪو مون پنهنجي ڊيوٽي دوران خاموشي سان ڪندو رهيس. قدرتي ڳئس جي کاتي ۾ ڪم ڪرڻ جو فائدو اهو ٿيو ته سرحد کان وٺي بلوچستان، سنڌ ۽ پنجاب جي ڀراڙين ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. غالبن 1977ع جو سال هو حيدرآباد ۾ حيدر چوڪ تي هارين جو هڪ جلسو ٿي رهيو هو ان وقت منهنجي تقرير کان پوءِ ٻن همراهن مون سان ملڻ جي خواهش ڏيکاري، هڪ دوست اڳ ۾ به ڏٺل هو اهو هو غلام قادر نظاماڻي (ٽي وي اداڪار قيصر نظاماڻي جو والد) ۽ ٻي دوست سان اها پهرين ملاقات هئي. جلسو ختم ٿيندي ئي اسان ٽنڊو مير محمد واري نڪاڻي تي آياسين ۽ پوءِ پاڻ ۾ ايئن سلهاڙجي ويا سين جو اهو رشتو موت به ڇني نه سگهيو.وچولي قد ڪاٺ، ڀريل جسم، بادامي رنگت ۽ چاليهه کن سال عمر جو اهو حسين و جميل شخص ڪامريڊ خورشيد قائمخاني هو جنهن کي آئون ڊاڪٽر نذير کان پوءِ پنهنجو استاد ، محسن ۽ عظيم ساٿي سمجهان ٿو. ڪامريڊ خورشيد قائمخاني جو نالو مون اڳ به لاهور ۾ ڪامريڊ خديجه گوهر جي واتان ٻڌو هو، خورشيد قائمخاني کي اڄ سموري سنڌ سڃاڻي ٿي، هو ڪجهه سال اڳ فوج مان سينيئر ميجر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي بغير پينشن جي خالي هٿين واپس موٽيو هو. هن کي خالي هٿين پنهنجي حقن لاءِ وڙهندڙ بنگالين سان بي انتها همدردي هئي حقيقت اها هئي ته بنگالين سان نسورو ظلم ٿي رهيو هو ته ٻي طرف اسان وٽ ان جبر خلاف ڪا فيصلائتي رڪاوٽ به نه هئي، مون کي ڏاڍو افسوس ٿيندو آهي جڏهن اسان وٽ هزارين سالن جي تاريخ ۽ تهذيب جي دعويٰ ڪئي ويندي آهي پر اسان کي گذريل چاليهه يا پنجاهه سالن جي اصلي تاريخي حقيقتن کان غفلتِ جي حد تائين اڻڄاڻ ٿي هوندا آهيون. اسان وٽ اڄ جيڪي ڏريون بنگال جي حمايتي هئڻ جو دعويدار آهن انهن مان هڪ ڏرسرعام بنگالين جي خلاف مظاهرا ڪندي هئي ۽ جڏهن بنگلاديش ٺهي ويو ته ان ساڳي ڏر نڪ جي ڀڪائي سان وڏي قلابازي کائيندي بنگالين جي حق ۾ مظاهرا ڪرڻ شروع ڪيا ۽ بنگالين سان ٿيل ناحقين خلاف ڪتاب لکيا. ۽ ٻي سياسي حوالي سان انتهائي لائين رکندڙ ڏر وري شيخ مجيب رحمان کي ان لائين تي لڳائڻ پئي چاهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا سنڌ ۾ ٿي وات هئي يعني اصل سرڪار جي جرنيلن وٽ آشيرواد وٺي انهن جي ئي منشا مطابق پنهنجي سياسي جدوجهد جو تعين ڪرڻ.

اهڙي صورتحال ۾ خورشيد قائمخاني جي استعيفي ڪنهن انقلابي قدم کان گهٽ واقعو نه هو، اهو کليل بغاوت جو اظهار هو پر اسين ڪامريڊ جيڪي پنهنجي پاڇي کان به ڇرڪندا هئاسين سو پهرين ملاقات ۾ مون کيس پڻ آرمي جو ئي ماڻهو سمجهيو جيڪو شايد ڪامريڊن تي نظر رکڻ لاءِ مون سان ملڻ آيو آهي پر جلد ئي اسين هڪٻئي کي سمجهي ويا سين ۽ پوءِ انهي انقلابي ساٿ کي موت تائين نڀايو سين. خورشيد قائمخاني راجستان جي راجپوت گهراڻي جو فرد هو ۽ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي پيِن لکين ماڻهن وانگر هن جي پيرن هيٺان پنهنجي زمين ڪڍي ڇڏي ۽ هو ننڍپڻ ۾ ئي جلاوطن ٿي هڪ نئين رياست ۽ نئين سماج ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ٿيو، خورشيد قائمخاني ڪڏهن پڻ ورهاڱي کي قبول نه ڪيو ۽ جيئن ته ننڍي کنڊ جي عوام کي پاڻ ۾ ورهائي رکڻ لاءِ مذهب جي بنياد تي ورهاڱو ڪيو ويو ۽ اهو ورهاڱو تاريخ جي وڏن الميِن مان هڪ آهي. خورشيد جو خيال هو ته صرف هارين ۽ مزدورن جي طبقاتي تحريڪ ئي هن ورهاڱي کي ختم ڪري سگهي ٿي. جڏهن مون محسوس ڪيو ته هن جو ان خيال جي پويان هڪ وڏو الميو ۽ تاريخ جو هڪ جبر موجود آهي ته پوءِ مون کي خورشيد قائمخاني جي سچائي آڏو هار مڃڻي پئي. خورشيد قائمخاني لاءِ انقلاب هو رومانس ۽ زندگي جو مقصد هو، مون کي هو پهرين ملاقات ۾ حد کان وڌيڪ حساس ۽ معصوم لڳو ۽ ان سان گڏوگڏ انتهائي عزم ۽ ارادي جو پختو پڻ. خورشيد ۽ مون ۾ پڻ ڪافي هڪجهڙايون هيون اسان ضرورت کان وڌيڪ ضدي هئاسين. خورشيد جنهن موڙ تي مون سان مليو ان وقت وڏا وڏا انقلابي سڏائيندڙ پڻ هن کان پڇندا هئا ڇاڪاڻ ته بنگالين جي حق ۾ استعيفي ڏيڻ تي اصل قوتون هن جو موت چاهينديون هيون ۽ خورشيد وري خاموش ٿي وڃڻ بدران انهن جا پول کولڻ لڳو ۽ تاريخ پڻ خورشيد جي نقطہ نظر کي صحيح ثابت ڪيو. خورشيد قائمخاني ، ڪرنل فيض احمد فيض، جنرل بشير، ميجر اسحاق، برگيڊيئر امام گوهر (خديجہ گوهر جو رفيق حيات ۽ آرٽس اداڪارائن مديحہ گوهر ۽ فريال گوهر جو والد) ، سجاد ظهير ۽ شهيد حسن ناصر جي قافلي جو آخري پانڌي هو.

خورشيد قائمخاني ۾ جيتوڻيڪ انقلابي جبلت پيدائشي دور جي وڏن واقعن ۽ سانحن جي ڪري پيدا ٿي هئي پر کيس عملي طور انقلابي ڪم لاءِ تيار ڪرڻ ۽ سنڌ ۾ زندگي ۽ اميدن جي جوت جلائڻ ۾ اهم ڪردار ڪامريڊ خديجہ گوهر جو آهي، ان انقلابي عورت جي به هڪ وڏي ڪهاڻي آهي جنهن جو ايندڙ مضمون ۾ ذڪر پڻ ڪبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خورشيد قائمخاني ۽ منهنجو ساٿ هن جي موت تائين جاري رهيو، ان دوران ڪيترائي لاها چاڙها آيا بقول فيض احمد فيض جي اميدن جو فصل غارت ٿي رهيو هو، اهي اميدون جن جي حاصلات لاءِ اسان آس رکي پنهنجي پنهنجي جواني ۽ ذاتي سکن سهنجن جي سوچ ڇڏي ڪنهن خواب جي پويان پنهنجي زندگي جو سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو. پر انهي مايوسين جي وهڪرن ۾ خاموشي اختيار ڪري مايوس ٿي ويهڻ جي بدران پنهنجي حصي جي شمع جلائڻ جي ڪوشش آخر تائين جاري رهي. گذريل مضمون ۾ پڻ مون ذڪر ڪيو هو منهنجو ڪو به ارادو ناهي تہ ناٽا وٺي ڪو نئون پينڊورا باڪس کوليان ۽ هڪ نئين بحث جي جنگ ڇيڙجي. پر اسان شخصيتن جي ذاتي ڪردار بدران ان جي محرڪن ۽ لاڙن تي لکڻ کي ترجيح ڏني. ذاتيات تي پوڻ بدران ان دور جي ڪردارن ۽ لاڙن تي گهٽو زور ڏيندا اسين. خورشيد قائمخاني پڻ اجائي تضادن ۾ پوڻ کان پاسو ڪندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هن جي زندگي تي لکيل آٽوبايوگرافي اجا تائين شايع نہ ٿي سگهي آهي. ڪجهه واقعن کي هن ڪهاڻين جو روپ ڏئي سپنون ڪا ديس نالي هڪ ڪتاب بہ لکيو پر اردو توڙي سنڌي پبلشر ان جي اصل بايوگرافي کي ساڳي شڪل ۾ شايع ڪرڻ کان ڏاڍو ڇرڪن ٿا.

خورشيد اجائي تنقيد، تشهير ۽ تضاد ۾ پوڻ بدران پنهنجو ڪم ڪندو رهڻ واري اصول تي برقرار رهيو. ان ملاقات کان پوءِ اهو سلسلو وڌندو رهيو ۽ اسان هڪ ٻئي جي سڃاڻپ بنجي وياسين. ان دوران منهنجي بدلي پڻ ٽنڊوالهيار ٿي ۽ ان وقت اسان جو تاڪ تعلقہ اسپتال جي پويان غلام قادر نظاماڻي جو بنگلو (ان وقت اوطاق) هئي جتي اسان ڪامريڊ هارين کي وري منظم ڪرڻ جي جدوجهد ۾ مصروف هئاسين. نظاماڻي صاحب جي اوطاق هاري ڪامريڊن جو محفوظ ٺڪاڻو هئي جتي ڪامريڊ حسين بخاري، غلام قادر نظاماڻي، خورشيد قائمخاني، تنوير راجپوت، احمد خان لغاري، ڪامريڊ محمد لغاري، ڪامريڊ صديق پنهور (گريجيوئيٽ هاري) ۽ حاجي محمد خاصخيلي رهندا هئا.

اسان جو ٽائيم ٽيبل اهو هوندو هو تہ هر ڪامريڊ بہ ڏينهن پنهنجي گهرو مصروفيتن ۽ نوڪري يا ٻني ٻاري کي ڏيندو هو ۽ باقي پنج ڏينهن مان بہ ڏينهن اوطاق تي اسٽڊي سرڪل هلندو هو ۽ ٽي ڏينهن هارين ۾ وڃي ڪم ڪرڻو پوندو هو. منهنجو مسئلو اهو هو تہ ڪامريڊن سان گڏجي ڪافي تقريرون ۽ ليڪچر ڏنم ۽ ڪيترائي ڪتاب پڙهيم، اطالوي انجينيئرن سان گڏجي رهڻ ۽ اٽلي ۾ رهڻ سبب انگريزي تہ رواني سان ڳالهائي سگهندو هئس پر منهنجي اڪيڊمڪ تعليم اجا تائين فائنل ئي هئي ۽

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

ڪامريڊن فيصلو ڪيو تہ آئون ڪم ڪار سان گڏ تعليم کي پڻ اڳتي وڌايان ۽ اهڙي ريت مون تنڊي الهيار مان ميٽرڪ، انٽر ۽ حيدرآباد مان گريجوئيشن پڻ مڪمل ڪئي.

خورشيد قائمخاني سان گڏ منهنجون ڪافي سارو ٽيون آهن جن کي هڪ مضمون ڇا پر هڪ ڪتاب ۾ پڻ سموئي نٿو سگهجي، دوستن جڏهن مون کي خورشيد سان گڏ گهاريل گهڙين تي ڪجهہ لکڻ جو حڪم ڪيو تہ مون هميشہ اهو چئي معذرت اختيار ڪئي تہ خورشيد سان گڏ منهنجو سفر ڪيترن ئي ڏهاڪن تي مشتمل آهي ۽ جڏهن آئون خورشيد بابت سوچيندو آهيان تہ هو منهنجي سامهون بيٺل نظر ايندو آهي سو مون کي هن تي لکڻ تمام ڏکيو ڪم محسوس ٿيندو آهي هزارين يادگيريون ذهن جي ڪينواس تي تري اينديون آهن ڪهڙيون لکي ڪهڙن لکجن. ۽ ٻيو سبب اهو آهي تہ خورشيد وانگر مون وٽ لکڻ جي خداداد صلاحيت موجود ناهي. مون جڏهن خورشيد کي لکندي ڏٺو تہ هو ان ماحول جو حصو بنجي اتي ئي لکندو هو خورشيد قائمخاني ڪڏهن بہ فائيو اسٽار هوٽلن يا ڊرائنگ رومن يا وري فارم هائوس جي آرامده ماحول ۾ ويهي جام اوتي نہ لکندو هو پر هو جوڳين سان گڏ جوڳي بڻجي لکندو هو ۽ شيدين سان گڏ وري انهن جهڙي زنده دلي ۽ رقص ۾ شامل ٿي انهن جي سامهون ئي انهن جي ماحول ۾ سمائجي پوءِ لکندو هو. خورشيد ڪڏهن پڻ زباني روايتن کي پنساري جي هريڙ سمجهي قلمبند ناهي ڪيو پر هن تجربن ۽ مشاهدي جي آڌار تي لکيو. اهڙي ريت مون لکڻ کان بس ڪئي ۽ اڄ اهي يادگيريون ئي لکي رهيو آهيان جن مان پاڻ گذريو آهيان ۽ خورشيد صاحب سان گڏ منهنجي زندگي جا ڪافي يادگار لمحا سلهاڙيل آهن پر اڄوڪي مضمون ۾ سنڌ جي تاريخ تي هڪ وڏي تحقيقي مهم جو احوال لکنداسين. اها تاريخي ۽ تحقيقي مهم جوئي سنڌ جي عظيم سپوت شهيد هوش محمد شيدي جي قبر کي سوبن سالن جي دز مان نروار ڪري صحيح حقيقتون سنڌ جي ماڻهن سامهون آڻڻ جو سهرو ڪامريڊ خورشيد قائمخاني ڏانهن وڃي ٿو. آئون انهن لمحن جو شاهد آهيان تہ ڪهڙي ريت اسان شهيد هوش محمد شيدي جي اصل قبر کي تحقيق ڪري ظاهر ڪيو.

خديجہ جي ياد ۾ خورشيد وري هڪ ٻيرو انهن پٽن ڏانهن اسهيو جتي هن پنهنجي انقلابي دوستن سان وقت گذاريو هو. اها موسم سياري جي هئي، سياري ۾ اترئين علائقن خاص ڪري اسڪردو وڃڻ تہ ڇڻ موت جي منهن ۾ وڃڻ جيان هو ۽ ايئن ٿيو، خورشيد اها ڳالهہ حيدرآباد جي هڪ دوست کان سواءِ ٻي ڪنهن کي پڻ نہ ٻڌائي هئي. مون کي تہ اصل نہ ٻڌايائين ڇو تہ مون ان کي ڪئي ڀيرا روڪيو هو تہ هاڻ ان علائقي ۾ ويراني ئي آهي تنهنجو ڪو بہ دوست اتي نٿو رهي سو هاڻ اها پڇر ئي ڇڏي ڏي. ان خوف کان مون کي ڇيائين تہ آئون ٻاهر وڃي رهيو آهيان ۽ مٺي جي دوست کي پڻ ڇيائين تہ آئون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يورپ وڃي رهيو آهيان ان ڪري مون سان ڪجهہ مهينا رابطو نہ ٿي سگھندو ۽ گھر وارن سان تہ اصل نہ لڳندي هئس ۽ ان گھر وارا مون کان ٿي ان جي خبر چار وٺندا هئا سو مهيني پڻ کان پوءِ هو انتهائي بيمار ٿي پاڻ ڪٽائي واپس سنڌ پهتو هاڻ هو تمام ختم ٿي چڪو هو. اتي هن کي ڊبل نمونيا ٿي پيو ۽ هتي وري هارٽ اٽيڪ ۽ فالج جو دورو پيس ۽ ان سان گڏ شوگر پڻ وڌي ويس گڏوگڏ بلڊ پريشر پڻ شوٽ ڪري ويو ۽ آخري ڏينهن ۾ هن بيماري سان جهيڙيندي گذاريو. پنهنجي پوري زندگي ۾ هن ڪاڏي پيتي جو پرهيز ڪيو پر ڪڏهن گوري وغيره نہ ڪاڏائين پر آخري ڏينهن ۾ هو ڊاڪٽرن جي رحم و ڪرم تي هو. پنهنجي سموري زندگي خانہ بدوشي ۾ گذاري ڇڏيندڙ بي چين روح لاءِ اهي لمحا اذيتناڪ هئا، بيماري دوران آئون هن سان ملڻ لاءِ ٽنڊو الهيار ويندو هئس. هڪ ڏينهن انتهائي علالت جي باوجود مون کي چيائين تہ يار ڪو رڪشو يا چنگچي ياڙي تي ڪرائي اچ ٻاهر هلڻو آهي. مون کي حيريت وٺجي وئي تہ بيماري جي بستري تي پيل همراهہ اجا پڻ گھمڻ ڦرڻ کان نٽو مڙي سو آئون شهر مان ٽيڪسي ڪار ڪٽي آيس ۽ هن کي سهارو ڏئي ان ۾ ويهاريم تہ هن پنهنجي فارم ۾ موجود آشرم ڏانهن هلڻ جو چيو ۽ اسين ان آشرم تي ويا سين جيڪو هاري جدوجهد جي دور ۾ انقلابين جو ٿاڪ هوندو هو پر موجوده وقت ۾ ان ۾ پاڻ ۽ زرعي دوائن جا ٿيلها ۽ پڪيٽ ستيل هئا. خورشيد پنهنجو ڪمرو کوليو ۽ مختلف ملڪن مان آندل سڪا، سپون، ڪوڏا ۽ پٿر جا مجسما منهنجي حوالي ڪيائين ۽ چيائين تہ ڪامريڊ اهي سڀ منهنجي يادگيري طور ڪٺي وڃ پر مون کان اهو سامان ڪنيو نہ ٿيو صرف هن جي دل رکڻ خاطر ڪجهہ پيتنگس ۽ ڪجهہ سڪا ڪنيم، هن پنهنجي آشرم ۾ آخري ڦيرو هلندي پنهنجي ڪتابن کي پيار مان هٿ لاتو ۽ پوءِ پنهنجي هاري دوستن جي گھرن ۾ ويو ۽ سيني عورتن توڙي ٻارن کي ڪيڪارياائين ۽ اهو ان جي زندگي جو آخري سفر هو وري هو ڪڏهن ان آشرم ۾ وڃي نہ سگھيو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ هو انتهائي گهڻو ناچاڪ ٿي پيو ۽ سندس پٽ ڪوثر جاويد ۽ عامر کيس ڪراچي جي اسپتال ۾ ڪٽائي ويا پر هن جي طبيعت بهتر بنجڻ بدران ويتر پوتي ويندي رهي آخري ڦيرو مون هن سان ڪراچي جي اسپتال ۾ ملاقات ڪئي ان وقت هو ڳالهائي نہ پئي سگھيو ۽ اکين جي اشاري سان چيائين تہ بس هاڻ سڀ ڪجهہ ختم ٿي چڪو آهي ۽ 9 جنوري واري رات جو اڍائي وڳي مون کي هن جي وڏي پٽ جاويد قائمخاني فون تي اطلاع ڪيو تہ بابا هاڻ هن دنيا ۾ ناهي رهيو تہ مون کيس اتت ڏيندي چيو تہ هن جي نرواڻ جي گھڙي تي اسان کي خوشي ٿيڻ گھرجي چاڪاڻ تہ هو پنهنجي سموري عمر بي قرار ٿي رهيو ۽ هاڻ شايد قبر هن جي بي چين روح کي قرار ڏئي سگھندي. بس پوءِ رهجي ويون ڪجهہ يادون جيڪي اسان جي سيني ۾ اڃ پڻ تازيون آهن ۽ اهي پڻ آخر مٽي ۾ دٻجي وينديون پر خورشيد جو ادبي پورهيو ڪڏهن پڻ مري نٽو سگھي ۽ هو ڪتابن ۾ هميشہ زنده رهندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳي بستي

خورشيد قائمخاني جو آخري ڪتاب "جوڳي بستي" هن جي وڇڙي وڃڻ کان پوءِ شايع ٿي اسان جي هٿن تائين پهتو. اهڙي ريت خورشيد قائمخاني جو خانہ بدوشن جي زندگي، ريتن رسمن، ڏکن، پيڙائن ۽ تاريخ تي تحقيقي سفر پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. 70 واري ڏهاڪي کان وٺي 2013ع تائين اهو قلم نہ رڪيو ۽ نہ وري وڪاميو يا مصلحت اختيار ڪندي خاموش ٿيو پر آخرڪار انهي تاريخ جي باب جي پڄاڻي تہ ٿيڻي هئي سو 9 جنوري 2013ع جي ڏينهن تي اهو بي چين روح هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو ۽ ان سان گڏ هن جو سچائي تي ٻڌل تحقيقي سفر پڻ پنهنجي پڄاڻي تي پهتو. شاہ سائين کان پوءِ اسان وٽ خورشيد قائخاني ئي هو جنهن جوڳين سان گڏجي سفر ڪيو ۽ پنهنجي زندگي جي عيش عشرتن کي ڇڏي جوڳين سان گڏ انهن جي ڪٺن زندگي ۾ گهاريندو رهيو. ڪيڏي نہ مطابقت آهي شاهہ سائين ۽ خورشيد ۾ جو ٻنهي جا سورما (هيرا يا ڪردار) وقت جا حڪمرانہ پر انتهائي پيڙهيل ۽ غريب ماڻهو هئا. جوڳي بستي ان جو آخري ناول آهي. حقيقت ۾ جوڳي بستي هڪ اڻڇپيل ڪتاب هو جنهن ۾ جوڳين جي ڪٺن زندگي جي پيڙائن جا احوال آهن. خورشيد وٽ ان موضوع تي تمام وڏو مواد موجود هو ۽ هو جوڳي بستي سميت خانہ بدوشن جي زندگين جي واقعن کي سميڙي هو حقيقي ڪهاڻين تي مشتمل هڪ وڏو ڪتاب لکڻ چاهيندو هو پر زندگي کيس مهلت نہ ڏني ۽ هن جي آشرم مان جيڪو سرمايو برآمد ٿيو ان مان ڏيهي ۽ عالمي ادب جي ناياب شاهڪارن سان گڏ جوڳي بستي ناول تي لکيل بہ نوٽ بڪ پڻ مليا هئا جن کي ان جي وڏي پٽ ڪوثر جاويد هڪ پبليڪيشن جي مدد سان شايع ڪرائي اسان جي اڳيان آندو.

هن ناول ۾ جوڳين جي زندگي جو انتهائي باريڪ بيني سان جائزو ورتو ويو آهي، جوڳين بابت خورشيد کان وڌيڪ ڀيو ڪير ڄاڻي سگهي ٿو! اهو خورشيد ئي هو جيڪو جوڳين، ڪولهين، شيدي حبشين سميت ڌرتي جي قديم باشندن سان پنهنجي زندگي جا ڪئي ڏهاڪا انهن سان گڏجي خانہ بدوشي ڪندي گذاريا. خانہ بدوشن جي زندگي تي ڪنيل قلم جو سفر جوڳي بستي تي ختم ٿي ويو.

اسان جي پنهنجي معاشري جي پيڙهيل لوڪن سان ايتري تہ ويڳاڻپ آهي جو اسان لاءِ انهن جي زندگي گذارڻ جو طريقو بہ اوپرو لڳي ٿو اسان مختلف جاين تي محسوس ڪيو آهي تہ انهن پيڙهيل ماڻهن سان سماج جو همدردي وارو رشتو نہ پر اوپرائپ ۽ ويڳاڻپ وارو رشتو جڙيل آهي جيڪو وڏي ۾ وڏو الميو آهي. جوڳين جي زندگي در در

جون نڪرون ڪائيندي انتهائي تذليل واري انداز ۾ ڪتجي ٿي ۽ جوڳي ڪٽنب نسل در نسل سماجي ريتن ۽ رسمن جي شڪنجي ۾ پڻ وڪوڙيل هوندا آهن. جوڳي بستي ناول ۾ انهن حقيقي ڪردارن کي خوبصورت انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. خورشيد قائمخاني جي اها عظمت هئي جو هن جڏهن بہ قلم کنيو تہ انتهائي باريڪ بيني ۽ اونهائي سان لکندي پنهنجي قلم سان انصاف ڪيو. هن ننيڙي ناوليٽ ۾ خورشيد جتي هڪ طرف هزارين سالن جي ڪرب جا پيرا کڻندي نظر اچي ٿو تہ اتي وري انهن مظلومن جي ذهنن جي شعوري آبياري ڪندي نجات جا ڏگ پڻ ٻڌائي ٿو.

ڪتاب جي ٽائٽل تي جيڪي تصويرون آهن اهي حقيقي ڪردارن جون آهن جن وٽ خورشيد جون ڪيتريون ئي يادون ۽ واقعا اڄ پڻ سانديل آهن. خورشيد ڪڏهن بہ ڊرائنگ روم ۾ ويهي مظلومن جي روئداد کي قلمبند ناهي ڪيو پر هن هميشہ مظلوم ماڻهن جي جهڳين ۽ جهوپڻ تي وڃي انهن جي انداز ۾ ئي رڳجي پوءِ ڪجهہ لکيو آهي ۽ اهو تحقيقي انداز بدقسمتي سان اسان ڪنهن بہ محقق ۾ ناهي ڏٺو. خورشيد جي پهرين ورسي جي تقريب جڏهن سنڌ لئنگويج اٿارٽي هال ۾ ملهائي پئي وئي تہ اسٽيج تي ان ناول جي هيروئين ريکا کي سڏي ويهاريو ويو. اسحاق مگريو ۽ منهنجي ڌيءُ شهناز شيدي ريکا جي پر سان ويٺا هئا ان موقعي تي جوڳي بستي جو مهورت پڻ ڪيو ويو پر پبلشر صاحب مهرباني اها ڪئي جو ناول جي صرف هڪ ڪاپي پروگرام ۾ موڪلي ڏني ۽ اها ڪاپي ريکا جوڳڻ ڪنهن کي بہ نہ ڏئي رهي هئي ۽ انهن کي چئي رهي هئي تہ مون کي پڙهي ٻڌايو تہ علي بابو (خورشيد کي جوڳي علي بابو جي نالي سان سڏيندا هئا ۽ ناول ۾ پڻ خورشيد پنهنجي ذڪر علي بابو جي ڪردار سان ئي ڪيو آهي) اسان جي باري ۾ ڇا لکيو آهي؟

خورشيد جو هڪ پرڏيهي دوست پروفيسر سيمر جڏهن ڪئينڊا ڇڏي يورپ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ سوچي رهيو هو تہ خورشيد صاحب جوڳين جي بستي ۾ ڪوڙي جام جا ڊڪ پري جوڳين کان هٿ کڻائي پنهنجي دوست جي يورپ ۾ آباد ٿيڻ لاءِ دعا گهرائي تہ جوڳين يورپ جي بدران پورب لفظ چيو ۽ خورشيد جي ناول جا ڪردار جڏهن سنڌس واتان جهاز ذريعي هزارين ميل پري يورپ ۾ وڃڻ جون ڳالهيون ٻڌندا هئا تہ خيريت وچان چوندا هئا تہ ننيڙي جهاز ۾ آخر ايڏو ماڻهو ڪيئن سوار ٿي سگهي ٿو؟ اهي شفاف پاڻي وانگر اجري من جا جوڳي ئي هئا جن سان خورشيد جو رشتو جنم کان وٺي ساهہ جي آخري هڏڪي تائين جاري رهيو. دنيا جيتوڻيڪ انهن رمتن جوڳين جي باري ۾ ڪيتريون ئي پراسرار ڪهاڻيون جوڙي رکيون آهن پر خورشيد لاءِ هن دنيا ۾ جوڳين ۽ خانہ بدوشن کان وڌيڪ معصوم ۽ اجرو پيو ڪير بہ نہ هو. جوڳين لاءِ خورشيد هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا وانگر هو جيڪو ڏک سک ۾ انهن جو سهارو ٿيندو هو ۽ اهي خورشيد کي پنهنجو گهر ڀاتي ئي سمجهندا هئا. خورشيد سان گڏ مڪلي، سيوهڻ، ٺٽو ۽ بلوچستان جي پٽن ۾ جوڳين سان گڏ رلندي منهنجون پڻ ڪافي ساروڻيون آهن ۽خاص ڪري اهي واقعا جڏهن انهن مسڪينن مان ڪو مري ويندو هو تہ پوءِ اهي ڪيئن خاموشي سان ان جو مڙدو دفنائي اها جوءِ هميشہ لاءِ ڇڏي ويندا هئا، نہ ڪا تربت، نہ وري نشان مٽي جي امانت مٽي کي سونپي هو رمندا رهندا هئا. اڄ جيتوڻيڪ جوڳي بستيون ناهي رهي رهيا آهن جتي خاص ڪري ٿر واري پاسي انهن جا الڳ قبرستان پڻ آهن پر عام طور تي جوڳين جو ڪو قبرستان ناهي هوندو. اڄ انتهاپسندي جي هٿان پوري ٻيل جي قبر مسمار ٿئي ٿي پر جوڳين جون قبرون هزارين سالن کان ذات پات جي انتهاپسندي (جيڪا پڻ ايتري ئي ڀيانڪ آهي) هٿان مسمار ٿينديون رهيون آهن.

هن ناول ۾ توگو نالي جوڳي جي المناڪ ڪهاڻي پڻ آهي جنهن کي ڌرم جي ٺيڪيدار پنڊتن سندس ماءُ جو ڪريا ڪرم (آخري رسم) ڌام ڌوم سان ملهائڻ جو فرمان ڪيو ۽ ان تي عمل نہ ڪرڻ جي نتيجي ۾ هڪ طرف ان جي مري ويل ماءُ جو روح بنا ڪنهن ٻئي جنم وٺڻ جي ڀٽڪندي رهڻ جو روحاني خوف ڏنو تہ ٻئي طرف ان مسڪين جوڳي کي جوڳي برادري مان ڪيڍڻ جي ڌمڪي پڻ ڏني. خورشيد کي اهي حالتون ڏسي تمام گهڻو ڏک ٿيندو هو تہ اهي جوڳي جيڪي اڳ ۾ ئي ذات ۽ سماج کان ٻاهر آهن ۽ انهن جي جان اڃا بہ هي ظالم سماج نٿو ڇڏي ۽ ڪهڙي ريت ڪين پنهنجي ريتن رسمن جي ڄار ۾ وڪوڙيندو اچي. ٻي طرف سماج جي ستم ظريفين جون بہ ڪهاڻيون هن ناول ۾ شامل آهن تہ رانجهو جوڳي ڪهڙي ريت پنڻ کان بيزار اچي حڪمت ۽ سنياسي تي جڙي ٻوٽين جو دڪان کوليو ۽ پنهنجي پٽ لاءِ نيلامي ڪپڙو گهرائي وڪرو ڪرڻ شروع ڪيو تہ ڪيئن نہ آس پاس جي ڳوٺن جي وڏيرن کين تنگ ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڏنو.

خورشيد قائمخاني جوڳين سان گهاريل پنهنجي سموري زندگي کي ان ناول ۾ سهيڙڻ چاهيندو هو پر زندگي کيس مهلت نہ ڏني ۽ هو پنهنجي شاهڪار ناول جو صرف ابتدائي حصو ئي لکي سگهيو. خورشيد جي وڏي فرزند ڪوثر قائمخاني ڪوشش ڪري ان ناول کي سهيڙيو ۽ ان اڻپوري ناول جو آخري باب پڻ دلچسپ آهي جيڪو دراصل خورشيد جو لکيل نہ آهي پر ان جي پٽ ڪوثر قائمخاني لکيو آهي. ان آخري باب ۾ علي بابو (خورشيد قائمخاني) جي مرتئي جو ذڪر آهي اهڙي ريت اسان جو جوڳي يار رمندو رهيو ۽ پويان ڇڏي ويو اڇوتي ۽ اعلي پايي جي تحقيق و ادب تي مشتمل انيڪ ڪتاب ۽ ڪهاڻيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ نہ او طاقن سندي جوڳين جوڙ،

ساري سنياسين کي ڪامي ٽيس ڪوڙ،

جيءُ جنيئن سان جوڙ سي لاهوتي لڏي ويا. (شاهہ)

***

شهيد هوش محمد شيدي جي مزار

مقتل مين نہ مسجد مين خرابات مين ڪوئي
ڪس ڪي امانت مين غمِ ڪارِ جهان دين
شايد ان مين سي ڪوئي ڪفن پهاڙ ڪي نڪلي
آئو ڪہ شهيدون ڪي مزارون پہ اذان دين (فيض احمد فيض)

رولاڪيون خورشيد جي فطرت ۾ شامل هيون ۽ حيدرآباد جي پرپاسي اسان سنڌ جي قديم قبيلن تي تحقيق ڪري رهيا هئاسين تہ قليلي جي پرپاسي ۾ هڪ قديمي يادگار ڏسڻ جو خيال آيو، اهو ميدان ڍپي جو ميدان سڏبو هو، اهو سال 1978ع جو هو، هيئر اهو علائقو ڳتيل آبادي ۾ تبديل ٿي ويو آهي پر ان وقت اهو علائقو بلڪل سنسان هو ۽ ايتري حد تائين جو ويهين صدي جي 50 واري ڏهاڪي جي پوڙ جي برساتي ريلن ۽ نئين جا نشان پڻ واضع نظر اچي رهيا هئا، اسان اتي ويا سين تہ خبر پئي تہ ڍپي جو ماڳ سڄنڌڙ ان علائقي ۾ سنڌ جي آزاد حيثيت ۾ سنڌ جي سورمن آخري ويڙهاند ڪئي ۽ شهادت جو جام نوش ڪياڻون جنهن کان پوءِ سنڌ غلام بڻجي وئي ۽ اهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي، انگريزن جي يادگار ۾ اتي انگريز فوجين جون قبرون هيون جن تي ان وقت يادگار طور توبون پڻ رکيل هيون.

"ياٺو سامهون جيڪو قبرستان آهي اهو پڻ جنگ ۾ مارجي ويل سپاهين جو آهي" اتي هڪ بزرگ جيڪو سيال ذات جو هو ان سامهون اشارو ڪندي ٻڌايو جيڪو انگريز فوجين جي يادگار جي بلڪل سامهون هو، اتي اسان کي پهچڻ ۾ ڏاڍي مشڪل پيش آئي ڇاڪاڻ تہ ڪجھ سال اڳ پيل برسات جو پاڻي اتي بيٺل هو ۽ اسان ور ڪنجي هڪ پٿر جي قبر تي پهتاسين، قبر ان وقت پوري طرح پاڻي ۾ ٻڏل هئي ۽ اسان کي اهو پڻ معلوم ٿيو تہ اها قبر شيدي سپھ سالار جي هئي ۽ پر ۾ موجود قبرون پڻ شيدين جو هيون جنهن هوشو سائين گڏجي ويڙهاند ڪندي پنهنجا پساهہ ڏنا هئا. اها ڳالهہ ٻڌندي ئي خورشيد جي دل جي ڌڙڪن وڌي ۽ اسان ان ڳوٺ ۾ ڏيرو ڄمائي ورتو تہ جيئن مستند ۽ حقيقت تي ٻڌل شاهديون گڏ ڪري سگهجن. اسان اتي پرپاسي جي وڏي عمر وارن ماڻهن کان پڇيو جن پڻ ساڳي روايت دهرائي پر افسوس تڏهن ٿيو جڏهن سنڌ جي هڪ نالي واري محقق مون کي ذاتي طور چيو تہ "ڪامريڊ توهان اها تحقيق ختم ڪريو پاڻ حيدرآباد واري قلعي ۾ شهيد هوش محمد شيدي جي قبر هئڻ جي پروپيگنڊا ڪري قلعو "خالي" تا ڪرايون" هن همراهہ جي اڳيان اها ڳالهہ عين قومي مفادن پٽادر هئي پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پلي ڪيس حقيقتن جو انڪاري چو نہ ٿيٺو پئي. جڏهن ان ڪي چيو مانس تہ هوش محمد شيدي شهيد جي قبر قلعي ۾ ڪيئن ٿي سگهي ٿي جڏهن تہ قلعو هوش محمد جي جيئري ئي انگريزن جي قبضي ۾ اچي چڪو هو ۽ مير صوبدار تہ انگريزن ڪي بغير ڪنهن مزاحمت جي قلعي جون چابيون ڏئي ڇڏيون هيون ۽ ان واقعي کان پوءِ اها جنگ بہ قلعي ۾ نہ پر دبي جي ميدان ۾ وڙهي وئي هئي ۽ شهيد هوش محمد شيدي توڙي ان سان مهاڏو اٽڪائيندڙ انگريز فوج جي سپاهہ جون پڻ قبرون موجود آهن تہ هن جيڪو جواب ڏنو اهو اسان جي تنگ نظري ۽ تاريخ سان هٿ چراند ڪرڻ جي منفي رجحان جو هڪ پڪو ثبوت آهي، همراهہ چيس تہ "ڪامريڊ هن وقت اسان جي سامهون ميرن ۽ انگريزن جي جنگ نہ پر ياڻي لوڪن جو مسئلو آهي مجان ٿو تہ توهان صحيح آهيو پر اسان هر صورت ۾ ثابت ڪنداسين تہ شهيد هوش محمد شيدي جي قبر حيدرآباد قلعي ۾ ئي موجود آهي. ان بابت تاريخي حقيقتون پلي چا بہ هجن ان جي اسان کي پرواهہ ناهي." مون کي ان "عظيم دانشور" جي اهڙي روش تي ڏاڍو ڏک ٿيو. ڪامريڊ خورشيد پڻ مايوس ٿي ويو چاڪاڻ تہ هن لاءِ پڻ معاملو حساس هو پر منهنجي زور پرڻ تي هو پنهنجي تحقيق جاري رکڻ تي راضي ٿيو، مون کي ان ڳالهہ جي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي تہ حقيقت کي حقيقت ثابت ڪرڻ جي بدلي ۾ اسان تي پلي آسمان بہ ڪري پئي پر اسان حقيقت ۽ سچائي ڳي پيش ڪرڻ کان ڪان ڪونہ ڪيپائينداسين جن دوستن کي حيدرآباد جي قلعي کي "آزاد" ڪرائيڻ جي خفت هئي ۽ انهن وري شهيد هوش محمد شيدي جي قبر کي هرويرو قلعي ۾ هڻڻ جو مفروضو بنائڻ جي حماقت ڪئي انهن دوستن کي مون هڪ پيرو بسنت ڪانفرنس ۾ پڻ واضع چيو هو تہ بابا اهو قلعو مير صوبدار بغير ڪنهن مزاحمت جي ڏارين کي سرينڊر ڪري ڇڏيو هو ۽ اسان هوش محمد شيدي جهڙي بي باڪ شهيد جي قبر سان مذاق ڪري ۽ اتان ڪتبا چوري ڪري پنهنجي شهيدن جي آخري ماڳن کي ميساري تہ سگهون ٿا پر اهي حرڪتون ڪنهن بہ صورت ۾ مثبت نہ آهن ۽ نہ ئي ان جا ڪي سٺا نتيجا نڪرندا. اسان کي پوءِ خبر پئي تہ انهن "عظيم دانشورن" جي ٽولي ڪجهہ سال اڳ شهيد هوش محمد شيدي جي قبر تي لڳل قديم پٿر جي ڪتبي کي پڻ پٽي ميوزم ۾ امانت طور رکيو جيئن اهي شهيد هوش محمد شيدي جي نقلي قبر حيدرآباد واري قلعي ۾ هڻڻ جي دعوي ڪري سگهن. ان ڳالهہ جي شاهدي اسان کي اتي جي پرپاسي جي جهونن ماڻهن وٽان ملي. انگريزن جي يادگار ۾ جن فوجين جون قبرون آهن انهن جو تعلق ممبئي ڪيولري، پونا هارس اسڪوائارڊن، پاويهين ريجمينٽ ۽ پارهين ريجمينٽ (جنهن کي اين آءِ پڻ سڏيو ويندو هو) سان هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناريجاڻي ڳوٺ (ناريجا ڳوٺ) لڳ واقع ڳوٺ ۾ پاڻي جي ڦاٽ (ٻوڏ دوران پاڻي جي پلٽڻ آيل وهڪري) وچان اسان ور ڪنجي هوش محمد شيدي شهيد جي قبر تي وڃي پهتاسين، اتي ٻين شهيدن جي ڪچين قبرن جا پڻ نشان هئا جيڪي اڄ سنڌ جي تاريخ جي ويرين ميساري اتي قبضا ڄمائي ورتا آهن ۽ اسان جي وڏين ڪوشش جي ڪري صرف شهيد هوش محمد شيدي جي قبر وڃي بچي آهي. اڄ جيتوڻيڪ ڪنهن به نام نهاد محقق وٽ شهيد هوش محمد شيدي جي آخري آرامگاهه ناريجا ڳوٺ ۾ هئڻ بابت ڪو به اختلاف نہ آهي پر ڪجهہ ماڻهن جي ڪوشش هئي تہ شهيد هوشو جي آخري آرامگاهه کي پنهنجي قبضہ خوري ۽ پيداگيري لاءِ استعمال ڪجي ۽ اهو ئي سبب آهي تہ اسان کي ان ڪم کان روڪيو ويو تہ جيئن ماڻهو حقيقتن کان اڻواقف ئي هجن.

اسان ان قبر جي دريافت کي اتي جي جهونن ماڻهن جي روايتن ۽ انگريزن جي يادگار جي سامهون سنڌ جي باغين جي سرڪشي واري ميدان سميت ڪيترائي ثبوت هئا، خورشيد صاحب انڊيا سميت سموري ملڪ جي ممتاز محققن کي ان جاءِ تي وٺي آيو ۽ بين الاقوامي ميڊيائي ادارن سميت پنهنجو ڪم سيني جي اڳيان رکيو ۽ 1987ع ۾ اسان بسنت هال ۾ هوشو شيدي ڪانفرنس پڻ ڪوٺرائي جن پڻ اسان جي تحقيقي ڪم جي تائيد ڪئي. حقيقت اها پڻ آهي تہ ورهاڱي کان اڳ پڻ اها قبر هوشو شيدي جي نالي سان مشهور هئي پر اهو مونجهارو 70 ۽ 80 وارن ڏهاڪن ۾ ٿيو جيئن تہ اسان اڳ ۾ پڻ ٻڌائي چڪا آهيون تہ ان تاريخي مذاق جي پويان قبضہ خوري ۽ لساني فسادن جي نيت ڪارفرما هئي. بهرحال سنڌ جي بهادر شهيد سان اهڙو مذاق ڀي ڪا بہ زنده قوم نٿي ڪري سگهي. ان دور ۾ اسان جي تحقيق جي سچائي کان ڪير انڪار تہ نٿي ڪري سگهيو پر اتي هڪ ٻيو مونجهارو پڻ پيدا ڪيو ويو تہ شهيد هوش محمد شيدي فرانس يا رومانيہ جو سپاهي هو يا اهو پڻ چيو ويو تہ شهيد هوش محمد شيدي انگريز فوج ۾ پڻ شامل رهيو ۽ ان سموري بڪواس جو هڪ ئي مقصد هو تہ ڪيئن بہ ڪري تاريخ جون ڌڄيون اڏائجن. اسان وٽ ان موضوع تي ڪافي مواد موجود آهي پر جيئن تہ اهو بحث ان مضمون جو موضوع ناهي جيڪڏهن ڪنهن دوست اسرار ڪيو تہ اسان ان تي الڳ بحث ڪندا سين پر هوش محمد شيدي شهيد جي باري ۾ بنيادي معلومات هتي پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو پر ان کان اڳ اهو عرض ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ حيدرآباد جو قلعو دٻي جي جنگ کان اڳ ئي بغير ڪنهن مزاحمت جي انگريزن جي حوالي ٿي ويو هو ۽ هر ماڻهو اهو سمجهي سگهي ٿو تہ دٻي ۾ شهيد ٿيل باغي مزاحمتڪار کي انگريز ڪيئن پنهنجي فتح ٿيل قلعي ۾ جاءِ ڏين ها جتي اها جنگ بہ وڙهي وئي هئي اهي انگريز جن شهيد ڀڳت سنگهہ، شهيد سورهيہ بادشاہ، سڀاش چندر بوس سميت پنهنجي هر مخالف جي آخري آرمگاهن ۽ ياگارن کي ڊاٽي واٽي مياسري

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

چڏيو ڪن جا لاش ئي نہ ڏنا ويا تہ ڪن کي شهيد ڪري گمنام جاين تي دفن ڪيو ويو جن بابت اسان کي اڄ تائين ڪا بہ خبر ناهي اهي فرنگي ڪمڙي عشق ۾ شهيد هوش محمد شيدي کي پنهنجي فتح ڪيل قلعي ۾ جاءِ ڏين ها جن برطانوي سامراجيت جو ساٿ ڏيندڙ غدار مير صوبدار خان کي پڻ عبرت جو نشانو بڻائي ڇڏيو اهي ڪيئن انهن سان مهاڏو اٽڪائيندڙ شهيد سورمي کي قلعي ۾ دفن ڪن ها. پر اها ڳالهہ سوچڻ ماڻهن جو ڪم آهي دانشور نالي مخلوق جو فرض ناهي. (هڪ ٻئي حقيقت بہ آئون واضح ڪندو وڃان تہ حيدرآباد جي قلعي ۾ جيڪي قبرون موجود آهن اهي گهڻو ڪري انگريز فوجين جون آهن جيڪي بارود خاني ۾ باهہ لڳڻ سبب مارجي ويا ۽ ڪجهہ انگريز عملدارن جون پڻ قبرون آهن جيڪي قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ اتي رهائش پذير هئا ۽ پنهنجي طبعي موت مئا هئا، ڪجهہ قبرون ميرن کان اڳ جي ڪلهوڙن جي دور جو بہ ٿي سگهن ٿيون پر ان بابت ڪا مستند حوالو موجود ناهي، ڪلهوڙن جي فوج جو جرنيل شالمير شيدي هو ۽ منهنجو نسب پڻ شالمير شيدي خاندان سان آهي ۽ ان جو نائب ياقوت شيدي هو جنهن ميرن ۽ ڪلهوڙن جي قلعي ۾ ٿيل جهڙپ دوران ڪلهوڙا حڪمرانن پاران وڙهندي جان ڏني.)

شهيد هوش محمد شيدي جو خاندان ٽالپر حڪمرانن جو وفادار هو. ان جي ڪردار تي روشني وجهندا سين تہ ان وقت جي حڪمران طبقي جي ڪيترن ئي غدارن، پڳوڙن ۽ وطن فروشن جو بہ ڪردار ظاهر ٿي ويندو. 1782ع ۾ سنڌ کي ڪلهوڙن کان سنڌ فتح ڪندڙ مير فتح خان ٽالپر جي خاندان جي غلام شيدي گهر ۾ هوش محمد جو جنم ٿيو، مير فتح خان جي وفات کان پوءِ ان جو پٽ مير صوبدار خان ننڍي عمر جو هئڻ ڪري گاديءَ کان محروم رهيو ۽ تاج ان جي چاچي مير نصير ٽالپر کي پارايو ويو. پنهنجي جواني کي پهچندي ميرن جي اندروني اٿبٿ جي نتيجي ۾ نصير خان ۽ مير صوبدار جي درميان اها ڪشمڪش جاري رهي ۽ ان کي اهو بدلو وٺڻ جو موقعو تڏهن مليو جڏهن 1843ع ۾ چارلس نيپيئر سنڌ فتح ڪرڻ جو پهہ ڪيو ۽ اندروني طور مير صوبدار جي کيس ڀرپور حمايت حاصل هئي. مياڻي جي جنگ محل صوبدار حيدرآباد جي قلعي تائين محدود رهيو ۽ ان وقت شهيد هوش محمد شيدي مير صوبدار سان خانداني غلام جي بدران هڪ وطن پرستڻ ۽ ارڏي بهادر ويڙهاڪ جي صورت ۾ اکين ۾ اکيون وجهي نہ صرف ان جو وڏيڪ ساٿ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين پر بغاوت ڪندي سنڌ جي لاءِ انگريز فوجن سان وڙهڻ جو اعلان ڪيائين جنهن تي مير صوبدار کيس قلعي مان ڪڍي ڇڏيو ۽ انگريزن کان اقتدار ملڻ جي صورت ۾ هوشو کي سخت نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

21هين فيبروري 1943ع جو مير صوبدار حيدرآباد قلعي جا دروازا کولي ڇڏيا ۽ انگريز فوجن حيدرآباد فتح ڪيو، انگريز فوجن مير صوبدار (جيڪو پنهنجي پر ۾ انگريزن سان سازباز ڪري سنڌ جو والي ٿيڻ جي آس ۾ ويٺو هو ۽ انگريزن جي مدد پڻ ڪيائين) سان پڻ ٻين حڪمرانن جهڙو سلوڪ ڪندي کيس ۽ مير محمود تالپر کي پڻ گرفتار ڪري ورتو. انگريزن حيدرآباد قلعي کي لٽڻ وقت ڪنهن به اخلاقيات کي آڏو نہ رکيو ۽ ميرن جي شاهي خزاني سميت هنن زيور ۽ خانداني اثاثا پڻ لٽي ورتا. ان واقعي کان پوءِ شهيد هوش محمد ميرپورخاص روانو ٿيو جتي مير شير محمد تالپر کي انگريزن سان وڙهڻ لاءِ لشڪر جي مدد لاءِ چيائين ۽ 15 مارچ 1943ع جو ميرپورخاص کان اهو قافلو حيدرآباد ڏانهن وڌڻ لڳو ۽ 23 مارچ جو دٻي واري جاءِ تي پنج هزار توبن ۽ ٻئي جديد اسلحي سان ليس انگريزي فوجن بلوچ فوج (سنڌي فوج) جو مقابلو ڪيو۽ کيس اڳتي وڌڻ کان روڪي رکيو ان دوران مير شير محمد جي فوج ۾ انتشار ڦهلجڻ لڳو ۽ ان صورتحال کي ڏسي شهيد هوش محمد شيدي کيس چيو تہ توهان پنهنجا دستا واپس وٺي وڃو ۽ بهتر نموني منظم ٿي صبح جو هن ميدان ۾ اچجو پر 24 مارچ تائين ميرپورخاص مان ڪو بہ لشڪر نہ آيو ۽ شهيد هوش محمد جا ساٿي (جيڪي سڀ شيدي قبيلي سان تعلق رکندا هئا) هڪ هڪ ٿي پنهنجين جانين جا نذرانہ ڏيندا رهيا ۽ ان جنگ ۾ سنڌ جي مزاحمت جو مشهور نعرو "مرويسون، مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون" پڻ بلند ٿيو. اهڙي ريت سنڌ جو هي عظيم سپوت پنهنجي حڪمران طبقن جي غدارين ۽ دوکن سميت دشمن جا تير سهندي انتهائي بي ڊپائي سان وڙهندو رهيو ۽ نہ صرف پنهنجي جان جو نذرانو ڏنائين پر دشمن فوج (جيڪا انتهائي جديد هٿيارن سان ليس هئي) جي ڪيترن ئي سپاهين جي ڳچين ۾ پڻ لاٻارو وڌائين جنهن جي پڪي شاهدي ناريجا ڳوٺ ۾ شهيد هوش محمد شيدي جي آخري آرامگاهہ جي بلڪل سامهون گورن جي فوجين جون قبرون آهن.

1978ع کان پوءِ اسان باقاعدگي سان 24 مارچ جو شهيد هوش محمد شيدي جي مزار تي هر سال ورسيون ملهائڻ شروع ڪيون جيڪي اڄ تائين ملهايون وڃن ٿيون، ۽ پوءِ مون ذاتي طور هڙان وڙان خرچ ڪري شهيد هوش محمد شيدي جي قبر کي (جيڪا اڳ ئي پٿر جي ٺهيل هئي) مرمت ڪرائي ۽ ان تي پٿر بہ نصب ڪرايم. شهيد هوش محمد شيدي جي قبر کي دريافت ڪرڻ جو ڪريڊٽ آئون خورشيد قائمخاني کي ڏيان ٿو جڏهن تہ اسان جي نام نهاد گهڻ گهرن جي ڪردار جو مون ذڪر ڪيو آهي تہ ڪهڙي ريت اهي حقيقت کي ميسارڻ لاءِ آتا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الميو اهو آهي تہ گذريل دور جي حڪومت ۾ ثقافتي وزير (جيڪا هڪ سياسي خاندان سان تعلق رکي ٿي) سان منهنجي ملاقات ٿي تہ مون کيس هوش محمد شيدي جي قبرستان جي چوڌاري ديوار ڏيڻ لاءِ چيو تہ هن هائوڪار ڪئي پر اها ديوار وري انگريز فوجين جي يادگار جي چوڌاري ٺاهي وئي ۽ مون کيس ان بابت ان محترمہ جو ڌيان ڇڪايو تہ ان ڏاڍي دل موهيندڙ معصوميت سان مون کي اهو جواب ڏنو تہ “چاچا مون شهيد هوشو شيدي جي قبرستان چوڌاري ديوار ڏيارڻ لاءِ چيو هو پر ٺيڪيدار غلطي سان اهو سڀ ڪجهہ ڪيو” مون کيس وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چيو پر صرف اتي موجود ماڻهن ۾ کيس اهو عرض ڪيم تہ توهان جو ڪو بہ ڏوهہ ناهي توهان انگريزن جا ذهني طور غلام آهيو.ان ڏينهن کان پوءِ ڪئي سال گذري ويا پر حڪومت کي شهيد هوش محمد شيدي بابت ڪا بہ يادگيري نہ آئي ۽ موجوده حڪومت جي دور ۾ گذريل سال هڪ ڏينهن آئون حيدر چوڪ تي پنهنجي درزي دوست جي دڪان تي ويٺو هئس تہ حيدرآباد سان واسطو رکندڙ حڪومتي ڌر سان لاڳاپيل هڪ اهم همراهہ اچي مون کي مليو ۽ فون تي رئيس وڏي سان ڳالهہ ڪرايائين جنهن مون کي چيو تہ چاچا اسان کي اجازت ڏي تہ تہ شهيد هوش محمد شيدي جي مقبري کي ٺهرايون ٿا ۽ اتي ڪلچرل ڪامليڪس پڻ اڏايون ٿا. مون کيس اهو ئي جواب ڏنو تہ منهنجي طرفان اڄ ئي اجازت آهي تہ رات وچ ۾ وڃي ڪم شروع ڪرايو اسان ڪي مجاور نہ آهيون ۽ نہ ئي اسان جي سياست قبرن جي چوڌاري ڦري ٿي. پوءِ سيني ڏٺو تہ نوجوان قائد پڻ شهيد هوش محمد شيدي جي قبر تي حاضري ڏني پر مرويسون مرويسون سنڌ نہ ڏيسون جا ٽوئيٽ پڻ ٽيڻ لڳا. خدا ئي بهتر ڄاڻي ٿو تہ شهيد هوش محمد شيدي سميت سنڌ جي سورمن کي ڪڏهن مڃتا ملندي ۽ گهٽ ۾ گهٽ انهن جي قبرن کي ميسارڻ کان بچايو ويندو.

حقيقت ۾ هيرو يا سورمن يا سورمين جو تعين ان جي ڪردار سان ڪيو ويندو آهي شاهہ سائين جا سورما ۽ سورميون پڻ اصل ۾ سماج جا رائج ڪردار آهن پر شاهہ سائين جي انقلابي ۽ سچائي جي قدر ئي کين سورما يا سورميون بڻايون ۽ سورمن ۽ سورمين سان گڏ لازمي طور تي غدار يا ولين جو ڪردار پڻ موجود هوندو آهي جنهن کي نظر انداز ڪري اسان ڪڏهن بہ سچائي تي پهچي نہ سگهنداسين. اهو قدر ئي آهي جنهن جي آڌار تي ڪنهن جو هيرو رام آهي تہ ڪنهن جو وري راوڻ سورمو آهي اهو اصول سموري تاريخ جي سورمن ۽ سورمين جو تعين ڪري ٿو.

مون کي افسوس آهي تہ شهيد هوش محمد شيدي جي قبر دريافت ڪرڻ کان سنت ئي پوءِ اسان کي پٺي اهڙي ئي تضاد جو سامهون هو ۽ اسان کي وري دانشورن جي ان ئي سچائي مخالف قوت کي منهن ڏيڻو پيو هڪ ڏوهاري کي مقدس حيثيت ڏني وئي جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪردار بدنام داغ وانگر هو ان سچائي بابت مون خورشيد کي وٺي لوٽيائڻ پيٽين کي پڻ پيٽيو ۽ جيڪا حقيقت سامهون آئي اها سنڌ جي ماڻهن آڏو رکڻ چاهيم پر منهنجي عظيم استاد ۽ دوست ڪامريڊ خورشيد قائمخاني مون کي سخت چنڊ پٽي ۽ اها سچائي اسان پاڻ پنهنجي هٿن سان دفن ڪئي ۽ اهو وار اسان کان نام نهاد لٽيرا ٽائيپ دانشور کٽي ويا ۽ اهو ڪردار هاڻ ماڳهين مقدس بنجي ويو آهي پر جيئڻ تہ ڪامريڊ خورشيد مون کي منع ڪئي هئي سو اهو راز منهنجي دل ۾ ئي دفن آهي ان بابت هڪ لفظ پڻ آئون ٻاهر نٿو ڪڍي سگهان پر افسوس سان اهو چوڻو پوندو آهي تہ اسان پاڻ کي پلي کٽي چا بہ چئون يا پاڻ کي چا بہ سمجهون پر اسان ماڻهن جو سچائي سان ڪو بہ تعلق ۽ تجربو نہ رهيو آهي ۽ هتي نسورو ڪوڙ ئي هلي ٿو ۽ سچائي جي جمندي چيپ ڪٽي وڃي ٿي

خورشيد قائمخاني منهنجو روح هو، هن جي وڇوڙي کان پوءِ آئون ٽڪرا ٽڪرا ٿي پيس، منهنجي زندگي ۾ جن شخصيتن جو گهڻو عمل دخل رهيو ان ۾ خانداني حوالي سان امان بختاور ۽ منهنجي ڏاڏي جو هو ۽ عملي زندگي ۾ ڊاڪٽر اعزاز نذير، شهيد حسن ناصر، ڪامريڊ حسين بخاري ۽ ڪامريڊ خورشيد قائمخاني جو وڏو ڪردار رهيو. ڪامريڊ شهيد حسن ناصر سان منسوب منهنجو ڪيتريون ئي يادون آهن، اسان ڪيئن ڪم ڪيو ۽ روپوشي ۽ زير زمين جدوجهد ڪندي ڪهڙي ريت اسان جهر جهنگ ڀٽڪيا هئاسين. اهي واقعا تمام دلچسپ ۽ يادگار آهن پر منهنجو انهن واقعن تي لکڻ جو ڪو بہ ارادو ناهي، اهي يادون صرف ۽ صرف منهنجو سرمايو آهن، جيڪڏهن انهن تي قلم بہ کنيم تہ ڪو ماڻهو اهو الزام هڻي سگهي ٿو تہ ڪامريڊ پاڻ پڌائي رهيو آهي، بهرحال حسن ناصر ۽ ڪامريڊ خورشيد منهنجي لاءِ ان ڪري بہ عظيم آهن جو هنن عيش عشرتن کي ڇڏي غريب طبقي جي جدوجهد ۾ نہ صرف شامل ٿيا پر انهن جو پنهنجي جيئڻ جو انداز پڻ غريب طبقي وارو اختيار ڪيو، ڪامريڊ حسن ناصر انڊيا ۾ بہ ڪپڙي جا ڪارخانا ڇڏي آيو هو، ماڻس ڪيس هميشہ چوندي هئي تہ واپس اچي پنهنجو ڪاروبار سنڀال پر هن لاءِ عشاق جو قافلو ڇڏي واپس موٽ ڪائڻ هڪ مهڻو هو ۽ آخرڪار شهادت جو جام نوش ڪري اسان کان اڳاٽو وڇڙي ويو ۽ تازو ڪامريڊ خورشيد پڻ جدائي ڏي ويو ۽ باقي رهجي ويون آهن ڪجهہ يادون جيڪي اسان جي جيئڻ جو سهارو پڻ آهن تہ اهي عذاب پڻ محسوس ٿين ٿيون، مون کي اڄ پڻ پڇتاءُ آهي تہ آئون اڃا زنده ڇو آهيان؟ منهنجي زندگي ۾ جوانيءَ جتي ڪاپي ڏر جي عروج مان گذري ۽ پنهنجي هزارين ساٿين سان گڏ اسين سچائي جي سفر ۾ شريڪ هئاسين هر ڪنهن جو پنهنجو پنهنجو محاذ هوندو هو، منزل ساڳئي هئي ۽ هر ساٿي جي اکين ۾ معصوميت سندس سچائي جي ساکي هئي سو هن وقت ڪوڙ، فريب ۽ دوکي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياست کي ڏسندي هر سچي ڪامريڊ وانگر منهنجي لاءِ پڻ مايوسي نه ته به اذيت جو احساس ٿيندو آهي.

چمبڙ لڳ ڳوٺ نصير خان مدواڻي ۾ ڪامريڊ حسين بخاري ۽ ڪامريڊ احمد خان لغاري جي قيادت ۾ زميندارن ۽ سرڪار خلاف هڪ وڏي بغاوت ٿي، آسپاس جي زمينن تي هارين قبضو ڄمائي ورتو ۽ ايتري حد تائين جو تاڻن تي پڻ هارين پوليس کي پڄائي قبضو ڪيو، ان علائقي ۾ هاري ڪورٽ جو پڻ قيام عمل ۾ آندو ويو جنهن جو چيف جسٽس ڪامريڊ محمد لغاري کي مقرر ڪيو ويو، ڪامريڊ محمد لغاري اڄ پڻ زنده آهي پر افسوس جو اکين جو نور موڪلائي چڪو آهي. الله سائين کيس حياتي ڏئي. ان بغاوت دوران آئون پنجاب ۾ هئس ۽ پوءِ جڏهن ان بغاوت کي جاگيردارن ۽ رياست ڳڙجي چٿيو ته ڪامريڊن تي وڏا عذاب نازل ڪيا ويا ڪيترن ئي هارين کي زنده ساڙيو ويو پر ڪامريڊ پنهنجي جاءِ تي اٽل بيٺا رهيا ۽ هاري جدوجهد جو ميدان انهي بي رحم جوابي ڪروائي کان پوءِ به خالي نه ڇڏيو ويو. اسان ڪافي وقت کان پوءِ انهن ڪامريڊن کي ورې ڳولي منظم ڪيو، گذريل مضمون ۾ ذڪر اچي چڪو آهي ته ان وقت ڊاڪٽر غلام قادر نظاماڻي جي اوطاق باغي هاري ڪامريڊن جو ٺاڪ هئي.

ڪامريڊ خورشيد جو خيال هو ته اها هارين جي بغاوت وقت کان اڳ جي مهم جوئي تي مشتمل هڪ حرڪت هئي ۽ ايئن نه ٺيڪ ڳهرجي ها ڇاڪاڻ ته هارين جي مدد لاءِ ٻاهريان ڪير به نه ايندو آهي ۽ نه ئي هاري طبقي جي جدوجهد مزدورن وانگر مرڪزيت رکندڙ عالمگيريت تي ٻڌل تحريڪ آهي، هارين کي پنهنجي جنگ اڪيلي سر پنهنجي ئي ميدانن تي وڙهڻي پوندي آهي، هارين جي جدوجهد ۾ هٿياربند ويڙهه جو مرحلو تمام آخري ۽ قطعي هوندو آهي پر صرف هڪ ڳوٺ يا ڪجهه ڳوٺن ۾، پوءِ ڀلي ڪٿي هاري ڪيترا به منظم ۽ هٿياربند چو نه هجن اهڙي بغاوت خودڪشي جي مترادف آهي، چمبڙ (نصير خان مدواڻي ڳوٺ) ۾ پڻ اهو ئي سڀ ڪجهه ٿيو هو. هارين کي چيپاڻڻ لاءِ پوري سنڌ جا جاگيردار هڪ ٿي ويا هئا ۽ رياست پڻ متحرڪ ٿي وئي. اها پڻ حقيقت آهي ته هارين کي پوئتي هٽڻو پيو پر اهي مڪمل طور هارين جي جدوجهد کي ختم نه ڪري سگهيا. اسان جي ڪامريڊ دوستن 1980 جي ڏهاڪي ۾ ورې هارين کي منظم ڪيو ۽ ڏسندي ڏسندي نوابشاهه، سکر، حيدرآباد، سانگهڙ کان وٺندي ٿرپارڪر، بدين ۽ ٺٽي تائين هاري جدوجهد جا ڪيترائي يونٽ کلي ويا.

آئون هتي اهو پڻ واضع ڪندو هلان ته هن وقت ته چيني ڪميونسٽ پارٽي (جنهن جو قائد ڪامريڊ مائوزيتنگ هو) پنهنجي ڪشش ثقل کان هٽي سرمائيداري ڏانهن راغب ٿي چڪي آهي، ڪنهن دوست بلڪل صحيح لکيو آهي چين هاڻ سوشلسٽ سيٽ

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

بنجي چڪو آهي پر جڏهن چيني ڪميونسٽ پارٽي ۾ انقلابي رجحان ۽ عنصر موجود هئا ان وقت پڻ بيجنگ نوازي محض فراريت ئي هئي بنگلاديش ۾ مرحوم مولانا ڀاشاني سان خود چيئرمين صاحب جيڪا روش اختيار ڪئي ۽ ڪيس چين گهرائي انقلاب جي بدران آفيم ڏني وئي ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو مولانا ڀاشاني کي واپس اچي خاموشي اختيار ڪرڻي پئي ۽ هو واپس پنهنجي ڪشتي (سندس ڳوٺ جو نالو ڪشتي هو) ۾ پهتو ته اها ڪشتي کيس انقلاب جي ڪناري تي پهچائڻ بدران وچ سمنڊ جي لهرن حوالي ڪيو ۽ گمنامي جي سمنڊ ۾ هو خوني چولين جو شڪار بڻيو ۽ خاموشي جي موت ماريو ويو. مائوازم هڪ رجحان آهي جيڪو هارين جي جدوجهد جو هڪ هٿيار چئي سگهجي ٿو، اها انقلابي حڪمت عملي جو هڪ حصو آهي پر مڪمل سوشلسٽ نظريي کي مائوازم جي سانچي ۾ نٿو سمائي سگهجي. اسان وٽ هارين جي اڪثريت آهي ۽ ان ڪري انقلابي جدوجهد ۾ هارين جو ڪردار انتهائي لازمي آهي پر طبقاتي جدوجهد کي نظرياتي فرقن ۾ ورهائي اسان اصل ۾ سامراجي قوتن جو ڪم آسان بڻايو آهي. هاري جدوجهد هڪ محاذ آهي، مزدور جدوجهد پڻ هڪ اهم محاذ آهي پر اسان پنهنجي مورچن کي هڪ ٻئي جي سامهون آڻي پنهنجو پاڻ کي وڏو نقصان ڏنو آهي.

اسان جي حڪمت عملي اها هئي ته انقلاب دانشورن ۽ مٿئين طبقن جي ضرورت ناهي پر انقلاب غريب ۽ استحصال جو شڪار هارين ۽ مزدورن جي ضرورت آهي ۽ انقلاب انهن کي ئي آڻڻو آهي ۽ اهي ئي آڻي سگهن ٿا، اهو ئي سبب هو جو اسان جي لڏي غريبن ۽ سماجي حوالي سان استحصال ۽ جبر جو نشانو بڻجندڙ طبقن ۽ سماجي گروهن ۾ وڌ کان وڌ ڪم ڪيو. ڪامريڊ خورشيد جي پوئٽي پيل دلت دراوڙ جوڳين ۽ جيپسين ۾ علمي، ادبي ۽ تاريخي تحقيق پڻ ان ڏس ۾ هڪ قدم هو.

هڪ ڳالهه جيڪا آئون واضح ڪرڻ چاهيندس ته مون اڄ تائين نسل پرستي يا لساني تعصب کي پنهنجي ويجهو اچڻ ناهي ڏنو. هڪ پل لاءِ به مون ڪنهن کي ان جي ڪردار بدران نسل يا ڀي سڃاڻپ جي آڌار تي ورتاءِ ڪرڻ بابت پڻ نه سوچيو. جيڪڏهن آئون شيدي نسل مان آهيان ته پوءِ ان ۾ منهنجو ڪو به ڏوهه ناهي ۽ نه وري اسان شيدي قبيلي جي بنياد تي ڪڏهن سوچيو هو. اسان جو ايمان انسانيت تي آهي ۽ شيدي قبيلي سميت ٻين خانه بدوش طبقن جي پسماندگي ۽ بدحالي کي نظر ۾ رکندي ان طبقي جي لاءِ جاکوڙ ڪرڻ کي ڪنهن به صورت ۾ ذات پرستي سمجهڻ ڪنهن ب ريت صحيح نه هوندو. باگڙين، جوڳين، جنداوڙن سميت ڀيلن ۽ ڪولهين کي جڏهن اسان منظم ڪيو ته انهن جي دراوڙ سڀيتا ۽ ثقافت پڻ نروار ٿي آئي پر ان بنياد تي مون پنهنجي دلت

دوستن کي هميشه چيو آهي تہ خدارا ڪڏهن پڻ پنهنجي حقن جي جدوجهد کي انساني دائرن مان ڪڍي لسانيت جي دائرن ۾ آڻڻ جي ڪڏهن پڻ ڪوشش نہ ڪجو ۽ اهو هڪ وڏو الميو هوندو.

ڪافي دوست شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن کي شيدي برادري جي تنظيم سمجهڻ لڳندا آهن. اسان اها پڻ وضاحت ڪندا هلون تہ شهيد هوش محمد شيدي سنڌ جي لاءِ پنهنجي جان نڇاور ڪئي نہ ڪي صرف شيدين جي لاءِ وڙهيو هو توڙي جو ان جي قافلي ۾ اڪثريت شيدي قبيلي جي ماڻهن جي هئي ۽ مير شير محمد ماڻڪاڻي ۽ نواب احمد لغاري غداري ڪندي کيس وچ سير ۾ اڪيلو ڇڏي ويا هئا پر اها پڻ حقيقت هئي تہ شيدين سميت ٻين ماڻهن (نوحاڻين ۽ ٻين سنڌي ذاتين) جي سورمن جو خون پڻ ڌرتي جي ڌرتي تي وهيو هو. هوشو شيدي سنڌ جي آزاد حيثيت جي دفاع لاءِ ڌارين انگريزن جي ڪاهہ خلاف للڪار ڪئي هئي ۽ پنهنجي جان پڻ ان جاءِ تي نڇاور ڪيائين جتي اڄ هو مدفون آهي.

جيستائين موجوده (زبون حال ٿي سهي) قبر جو تعلق آهي اها اسان شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران پنهنجي وت ۽ وس آهر ٺهرائي هئي. ان وقت اتي پٿر جي قبر جا نشان هئا جيڪا قبرستان ۾ اڪيلي پختي قبر هئي ۽ ان تي هڪ پٿر پڻ انگريزن پاران لڳايو ويو هو جنهن کي ان وقت جي ساجهہ وندن قبر تان لاهي ميوزم ۾ رکيو تہ جيئن حيدرآباد جي پڪي قلعي تي لڳرائي نقلي قبر ٺاهي پنهنجا ذاتي مقصد حاصل ڪري سگهجن.

ان قبر تي اسان پنهنجي غريباڻي حال سارو ڪم ڪرايو ۽ هڪ تختي پڻ لڳرائي. اها تختي شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن پاران هئي. مون پنهنجي پينشن جي پئسن سان ۽ تنظيم جي دوستن پڻ پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري اهو ڪم ڪرايو هو.

پي اهم وضاحت ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ اسان ڪڏهن بہ پاڻ کي ذات تائين محدود نہ ڪيو آهي نہ ذات جي دائرن تائين اسان جي سوچ جا سفر مقيد رهيا. اسان همہ گير انسانيت ۾ يقين رکون ٿا جيڪڏهن پنهنجي ذات جي غريب ۽ مظلوم ماڻهن جي حمايت ڪرڻ ڏوهہ آهي تہ اسان کان اهو ڏوهہ ضرور ٿيو آهي. اها تنظيم ان وقت وجود ۾ آئي جڏهن اين جي اوز جو نام نهاد مايا جار پڻ نہ پکڙيو هو. اسان ان تنظيم جو قيام شهيد هوش محمد شيديءَ ياد ۾ غريب ماڻهن ۽ ضرورتمندن جي سماجي واهر ڪرڻ جي مقصد تحت عمل ۾ آندو. ان تنظيم جي قيام ۾ رڳو شيدي برادري سرگرم نہ هئي پر

نالیوارن اديبن، شاعرن، محققن جو بنيادي ڪردار هو. محترم حميد سنڌي صاحب، ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب، محترمہ خديجہ گوهر صاحبہ، پيرل پٺاڻ، چارم دراوڙ، مئڊم منظر راول صاحبہ ، عرفان ملڪ صاحب، ڊالو مل لوهاڻو (وڪيل) سميت پيا پڻ ڪافي دوست هئا جيڪي هن تنظيم کي پنهنجو قيمتي وقت ۽ هڙان وڙان مدد ڏئي اڳتي آنڌائون. سو هاڻ ان تنظيم کي رڳو برادري جي تنظيم سمجهڻ حقيقت جي نفي پڻ آهي.

شيدي برادري جي ٻي سرگرم تنظيم الحبش آهي، ٠.ن سمجهان ٿو تہ الحبش جا ساٿي پڻ ان حقيقت کان انڪار نہ ڪندا تہ شهيد هوش محمد شيدي جي مزار کي نروار ڪرڻ ، نئين سر مرمت ڪرڻ ۽ ان کي اڄ تائين بچائي رکڻ ۾ هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن جو ئي ڪردار آهي. الحبش پڻ هڪ وڏو تاريخي پس منظر رکندڙ تنظيم آهي، جنهن جو باني مشهور ليکڪ محمد صديق مسافر هو، محمد صديق مسافر جو والد محترم غلام شيدي آفريڪا چائو هو، ان جي وڏي فرزند پنهنجي برادري جي تباهہ حالي ڏسي ان ۾ شعور بيدار ڪرڻ واسطي کين متحد ڪيو. توهان ان کي شيدي برادري جي تنظيم چئي سگهو ٿا پر اها تنظيم پنهنجي ماڻهن جي فلاح ۽ ترقي واسطي قيام ۾ آئي هئي.

شهيد هوش محمد شيدي کي صرف شيدين جو شهيد قرار ڏيڻ هڪ قسم جي نا انصافي آهي. اسان سميت سنڌ جي هر ماڻهو جو شهيد هوش محمد شيدي تي پورو حق آهي ۽ شهيد جو پڻ سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهو تي حق رهجي ٿو.

مون کي جڏهن آصف علي زرداري صاحب فون ڪري پڇيو تہ چاچا اسان کي اجازت ڏيو تہ اسين شهيد هوشو تي مزار ناهڻ چاهيون ٿا. تہ مون ان کي ان وقت اهو ئي جواب ڏنو تہ اسان قبرن جا مجاور ناهيون، توهان اڄ رات ۾ ئي وڃي هوشو شيدي سميت سنڌ جي سيني سورمن جون مزارون ناهيو.

اسان وري بہ اها وضاحت ڪرڻ چاهيون ٿا تہ اسان جو ڪردار صرف اهو هو تہ شهيد جي مزار کي ظاهر ڪريون، خورشيد قائمخاني مرحوم نہ صرف ملڪ جي اهم محققن سميت انڊيا ۽ بين القوامي ميڊيا جهڙوڪ بي بي سي ۽ سي اين اين جي نمائندن کي هتي وٺي پنهنجي تحقيقي ڪم کان آگاهہ ڪيائين جنهن تي سڀ دوست متفق پڻ ٿيا تہ واقعي اها ئي قبر حقيقي آهي. مرحوم مولانا قاسمي صاحب پڻ بيسنت هال ڪانفرنس ۾ اسان جي تائيد ڪندي چيو تہ خورشيد ۽ فيض کي ان تحقيق تي جس ڏيون ٿا.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هن عمر ۾ جڏهن اسان سڀ ڪجهہ وجائي سچائي جو ساٿ ڏنو سين، اسان وٽ هاڻ انسان دوستي جي قافلي ۾ ڪيل پيرين پيادي پنڌ ۽ ان جي يادن کان سواءِ پيو ڪو سرمايو بہ ناهي

اسان وٽ پيو الميو اهو آهي تہ جيڪي قديمي ماڻهو صدين کان وٺي جن ماڳن تي رهن پيا انهن پنهنجي محنت سان غير آباد زمينن کي سنوت ۾ آڻي آباد ڪيو ۽ نتيجي ۾ انهن کي ڪجهہ زمين جا ٽڪر پڻ پلئہ پيا پر ظالم طبقي انهن کان اهو سهارو پڻ کسي ورتو ۽ چند جاگيردارن ۽ سرمائي وارن اچي انهن جي زمينن تي قبضو ڄمايو ۽ اهڙي ريت ڳوٺن جا ڳوٺ اجڙي ويا ۽ اهي ماڻهو ۽ انهن جو نسل اڄ پڻ ڌڪا کائيندو رهي ٿو. ان عمل سان سماج جي ڊيموگرافي تبديل ٿئي ٿي. اسان وٽ شيدي برادري ڪلهوڙن ۽ ميرن جي دور کان وٺي سنڌ جي حڪمرانن جي سالاري وري دستي ۾ شامل هئي ۽ ان ڪري انهن جا ڪيترائي ڳوٺ ۽ زمينون پڻ هيون پر آهستي آهستي اهي کسجي ويون. اسان وٽ جمڙائو ۾ هزارين ايڪڙ شيدين جي زمين هئي جيڪا آهستي آهستي کسجي وئي ۽ ورهاڱي کان پوءِ ڪجهہ سالن اندر سڀئي زمينون شيدين کان ڦري کين لڏايو ويو ۽ اهڙي ريت حيدرآباد جي پرپاسي جون زمينون شيدي برادري جون هيون پر اڄ هڪ ايڪڙ پڻ شيدي برادري جي ماڻهو کي نصيب ناهي.

شهيد هوش محمد شيدي جو خاندان ٽنڊي نوڙهي ۾ آباد آهي ڪجهہ وقت انهن سان ملڻ ٿيو تہ هنن جي وڏي عمر وارن اهي ڪهاڻيون پڻ ٻڌايون تہ هوش محمد جي شهادت کان پوءِ انگريزن پڻ انهن جي زمينن ۽ ڳوٺن کي جيئڻ جو ٽيئڻ رهڻ ڏنو پر ان کان پوءِ وارن حڪمرانن ۽ انهن جي ساٿارين شيدين جي ملڪيتن کي مال غنيمت سمجهي لٽڻ شروع ڪيو ۽ اڄ حالت اها آهي تہ اسان پنهنجا ننڍڙا گهر پڻ مشڪل سان بچائي رکيا آهن ۽ نت بلڊر مافيائن جا جهيڙا ۽ هٿ ڪنڊا اسان جي نصيبن ۾ آهن.

شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان پڻ اسان اها حڪمت عملي رکي تہ ڊونر يا مدد ڪندڙ ڌرين جي مدد صرف پنهنجن شرطن تي قبول ڪئي ويندي ۽ انهن جا ضرط ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيا ويندا ۽ تنظيم جو ڪاروهنوار پنهنجي مَدد پاڻ تحت ئي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اسان ان طريقي سان وڏي وقت تائين ڪم ڪيو هن ڊونرز جي دور ۾ ايئن ڪرڻ پڻ ناممڪن آهي. ڪا بہ تنظيم ڊونرز جي مدد ۽ انهن جي شرطن کان سواءِ هلي ئي نٿي سگهي پر اسان پنهنجي مدد تحت ڪم ڪيو ۽ سڄاڳي ڦهلائڻ لاءِ ڪيترائي اسڪول پڻ کوليا. شيدي، باگڙين ۾ کوليل اڪثر اسڪول پوءِ اسان گورنمينٽ جي حوالي پڻ ڪيا ۽ ڪيترائي اهڙا اسڪول پڻ هئا جن جون عمارتون اسان پنهنجي خرچ سان ٺهرايون ۽ اهي اسڪول اڄ

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

گورنمينٽ جي نگراني ۾ هلي رهيا آهن پر گورنمينٽ اڄ تائين انهن مان ڪيترن ئي اسڪولن کي بلڊنگس نہ ڏئي سگهي آهي. شهيد هوش محمد شيدي جي مزار پر سان پڻ اسڪول اسان ٺهرايو هو ۽ ڪوٽڙي لڳ دوآبي وٽ شيدي برادري جي بستي ۾ پڻ ايچ ايم پنهور جي معاونت سان اسڪول ٺهرايو ويو جيڪو اڄ سرڪاري اسڪول طور ڪم ڪري رهيو آهي. ان جي عمارت لاءِ پنهور صاحب وڏي مالي معاونت ڪئي هئي. ان دور ۾ پنهور صاحب مون کي چيو تہ هو محمد صديق مسافر سان ملڻ چاهي ٿو ۽ پوءِ اسان ٽنڊو باگو وياسين. انهن ڏينهن ۾ مسافر صاحب انتهائي عليل هو ۽ بستري ييڙو ٿيل هو. ان ملاقات کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پڌو سين تہ محمد صديق مسافر هن دنيا ۾ ناهي رهيو. محمد صديق مسافر پڙهيل ڳڙهيل ۽ بيدار ذهن جو مالڪ هوندو هو، اديب هئڻ سان گڏ هن جي سماج ۽ پنهنجي پوئتي پيل طبقي لاءِ ڪيل خدمتون وسارڻ جهڙيون نہ آهن. هن جو والد آفريڪا مان غلام جي صورت ۾ هتي آندو ويو ۽ محمد صديق مسافر پنهنجي پوري ڄمار غلامي سان ويڙهاند ڪندي گذاري.

اسان شهيد هوش محمد ويلفيئر آرگنائيزيشن جي پليٽ فارم تان پوئتي پيل عورتن جي حقن لاءِ ڪم ڪيو ۽ هائوس ورڪرز ڪئمپئين جو پڻ بنياد رکيو. 1986ع واري دور ۾ شايد گهريلو عورتن جي حقن لاءِ اٽندڙ پهريون آواز هو ۽ پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو ايڊز جي بيماري کان بچاءَ واسطي اسان پوري سنڌ ۾ آگاهي مهم هلائي. اها مهم اقوام متحده جي اداري جي تعاون سان هلائي وئي. اسان ان مهم دوران عالمي اداري کان ڪنهن بہ قسم جي مالي مدد نہ ورتي. اسان جي ئي اسرار سان اها مهم هلائڻ لاءِ اهو ادارو راضي ٿيو ۽ ان ۾ پن سري لنڪن ڊاڪٽرن کان سواءِ هڪ برطانوي ڊاڪٽر ۽ هڪ بنگلہ ديش جو ڊاڪٽر پڻ شامل هو، پاڪستان مان ڊاڪٽر سچڻ ميمڻ، ڪيپٽن هارون ۽ ميڊم ممتاز پٽو تي مشتمل وفد هو. اسان کي جيتوڻيڪ آگاهي مهم جي پراجيڪٽ جي پڻ آڇ ڪئي وئي پر اسان اها آڇ قبول نہ ڪئي ۽ رضاڪاراڻ طور شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن سڄي سنڌ ۾ ڪم ڪيو، ان وقت ايڊز بابت ڪنهن کي پڻ خبر نہ هئي تہ اها بيماري ايڏي تباهہ ڪن ٿي سگهي ٿي. اسان کي ان آگاهي مهم دوران ڪيترن ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. فتح ٽيڪسٽائيل مل وارن اسان کي عطئي طور بينر ۽ پمفليٽ ڇپرائي ڏنا هئا ۽ اسان سرڪاري اسپتالن سميت ڳاڙهي بازارن ۾ پڻ ورڪشاپ ڪيا. ڪافي جاين تي مشڪلاتون پيش آيون. هڪ ڀيرو اسان چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي هڪ پروفيسر سان ان ڏس ۾ ملاقات ڪئي تہ هن اسان کي اهو چئي حيريت ۾ وجهي ڇڏيو تہ ايڊز نالي ڪنهن بہ بيماري جو وجود ئي ناهي ۽ نہ ئي مون اهو نالو پڌو آهي. جڏهن ڪيس يو اين جي ميڊيڪل وفد بريفنگ ڏني تہ هو اسان سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ راضي ٿيو پر جڏهن هن لاڙڪاڻي جي هڪ مشهور بازار ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي ڪم ڪندڙ عورتن سان ملڻ ويو تہ پوءِ ڪيترائي مسئلا پڻ پيدا ڪيائين ۽ اتي اوت پتانگ حرڪتون ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪيس اندازو ئي نہ هو تہ هو هڪ عالمي سطح جي اداري سان گڏ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سرڪاري اداري ۾ صحت جي شعبي جي پروفيسر هئڻ ناتي هن تي هڪ وڏي ذميواري پڻ عائد آهي.

شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر آرگنائيزيشن نہ تہ منافعو حاصل ڪرڻ لاءِ ٺاهي وئي ۽ نہ ئي هو صرف هڪ برادري تائين محدود آهي. اسان سماج ۾ پسمانده طبقن کي ٽريڊ يونين ۽ هارين جي تنظيمن کان سواءِ پڻ ٻين محاذن تي منظم ڪرڻ شروع ڪيو. شاگردن جو پڻ هڪ موٴثر محاذ هو پر ان محاذ ۾ ڪيتريون ئي ڪمزوريون پڻ آهن. هڪ طرف نوجوانن جو گرم خون پنهنجي سامهون وڏين رڪاوٽن کي منهن ڏئي سگهي ٿو ۽ اڳتي هلي محنت ڪش طبقي جي جدوجهد ۾ هڪ باشعور ۽ تيار ٿيل ڪيڊر جي صورت ۾ شامل ٿئي ٿو پر ٽيو ايئن آهي تہ اسان وٽ تعليم حاصل ڪرڻ غريب مزدور ۽ هارين لاءِ چڻ هڪ خواب آهي ۽ شاگردن جي اڪثريت صرف مڊل ڪلاس مان ئي هجي ٿي ۽ اهو طبقو موقعي پرستي جو جلد ئي شڪار ٿئي ٿو.

***

www.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ خديجه گوهر

هر اڪ مڪان ڪو هي مڪين سي شرف اسد
مجنون جو مر گيا تو جنگل اداس هي (غالب)

ڪامريڊ خديجه گوهر جو ڪردار ان ڏس ۾ انتهائي اهم هو، سندس لاهور وارو گهر ڏيهي ۽ پرڏيهي ڪامريڊن جو مسڪن هو، اتي فلسطيني شاگرد پڻ ايندا هئا جيڪي فلسطين جي آزادي لاءِ سرگرم هئا ته آفريڪي ملڪن مان اپارٿائيڊ خلاف جنگ ڪندڙ ڪاري نسل جا شاگرد پڻ ايندا ويندا هئا ته ملڪ جي ڏورانهين علائقن جا بلوچ پڻ ان گهر کي پنهنجو گهر سمجهندا هئا. ڪامريڊ خديجه غير معمولي انقلابي عورت هئي، قدرت کيس حسن ۽ ذهانت پنهي سان نوازيو. هن جي پاڪستاني نوجوان سان عشقيه شادي ٿي جيڪو ان وقت فوج ۾ اعلي عهدي تي هو، امام علي گوهر، افغانستان جي اشرافيه سان تعلق رکندو هو ۽ خديجه گوهر آفريڪا ۾ ڄائي هئي ۽ سندس خاندان جو پس منظر گجرات جي ڪاٺياواڙي نسل سان هو، اڄ پڻ سندس خاندان جا فرد آزاد ڏکڻ آفريڪا جي حڪومت ۾ اهم عهدن تي آهن، سندس والد دنيا جي عظيم انقلابي اڳواڻ نيلسن منڊيلا جو گهاٽو دوست هو ۽ آفريڪا جي آزادي جي جدوجهد ۾ پڻ سرگرم رهيو، موجوده دور ۾ ڏکڻ آفريڪا جو مشهور ڪرڪيٽر هاشم املا پڻ سندس خاندان سان تعلق رکي ٿو. خديجه گوهر پيدائشي طور انقلابي هئي ابتدا ۾ هڪ يهودي ۽ آفريڪي شيدي استادن کيس آزادي ۽ انقلاب جي شعور سان متعارف ڪرايو ۽ مٿان وري حالتن پڻ کيس گهڻو ڪجهه سيکاري ڇڏيو هو، خاندان جا فرد پڻ نيلسن منڊيلا جي اپارٿائيڊ مخالف تحريڪ ۾ تمام گهڻو سرگرم هوندا هئا، سندس زندگي ۾ اهم موڙ ان وقت آيو جڏهن اها ڪيپ ٽائون جي ٽريفالگر اسڪول مان ابتدائي تعليم مڪمل ڪري اڳتي پڙهڻ چاهيندي هئي پر ان وقت جي نسلي ڪٽرپڻي جي رياستي قانونن موجب ڪنهن به آفريڪي يا ايشيائي نسل کي گورن سان گڏ يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ جي منع هئي سو سندس والد کيس 1946ع ۾ پنهنجي اباڻي ملڪ انڊيا موڪليو جتي هو پهريان ممبئي ۾ آئي ۽ ڪجهه وقت اتي رهڻ کان پوءِ 1947ع ۾ ڪراچي آئي جيڪو نئين وجود ۾ آيل رياست پاڪستان جي گادي جو هنڌ هو. خديجه گوهر جي شادي جو واقعو پڻ تمام دلچسپ آهي. ڪراچي جي عيسائي مشنري ڪاليج ۾ داخلا وٺڻ کان پوءِ اتي پڙهندڙ هڪ ڪلاس ميٽ شاگردياڻي سان سندس دوستي ٿي جيڪا پختون خاندان سان واسطو رکندي هئي ۽ ان جا وڏا افغانستان ۾ تمام اهم عهدن تي

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رهي چڪا هئا ۽ هاڻ اهي پشاور ۾ رهائش پذير هئا، اها ئي چوڪري ڪيس لاهور وٺي وئي جتي ان جي پاءُ (جيڪو ان وقت نئين قيام ۾ آيل ملڪ جي فوج ۾ ڪيپٽن طور ڪم ڪري رهيو هو) ڪپتان علي گوهر سان خديجه جي ويجهڙائي ٿي پر ڪيس قدامت پسند پختون سماج جون روايتون راس نه آيون، ڪيپٽن گوهر ڪيس پنهنجي پيڻ معرفت شادي جو پيغام پڻ ڏنو پر خديجه ڪپتان علي گوهر سان شادي ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي پر ڪپتان ڪيس پنهنجي دل ڏئي چڪو هو، ڪامريڊ خديجه جڏهن لاهور جي ڪينرڊ ڪاليج مان تعليم مڪمل ڪري برطانيه جي لنڊن اسڪول آف اڪنامڪس ۾ داخلا وٺي برطانيه وئي جتي علي گوهر سندس پيڇو جاري رکندي پنهنجي پوسٽنگ لنڊن ۾ موجود پاڪستاني هاءِ ڪميشن جي ملٽري شعبي ۾ ڪرائي جتي آخرڪار خديجه شادي لاءِ راضي ٿي وئي ۽ اهڙي ريت اهي واپس لاهور آيا ۽ علي گوهر جيڪو هاڻ ڪرنل جي عهدي تي پهچي چڪو هو انهن پشاور ڳي خيرآباد چئي لاهور ۾ رهائش اختيار ڪئي، 1960ع ۾ ڪرنل هوهر فوج مان رٽائرمينٽ ورتي ۽ لاهور ڪينٽ روڊ تي هڪ عاليشان گهر خريد ڪيو (جيڪو 70 ۽ 80 جي ڏهاڪن ۾ ملڪي ۽ غير ملڪي انقلابين جو تاڪ هوندو هو). ڪامريڊ خديجه گوهر انقلابي سرگرمين سان گڏ ڪيترائي ڪتاب پڻ لکيا، سندس موضوع عالمي انقلاب ۽ عورتن جي جدوجهد هوندو هو، ڪامريڊ خورشيد جي ساڻس ملاقات پڻ انهن جي هڪ گڏيل دوست جي معرفت ٿي ۽ اها ملاقات ان وقت ٿي جڏهن خورشيد فوج مان سينيئر ميجر جي عهدي تان استعيفي ڏئي واپس آيو هو ۽ لاهور ۾ سندس ٺڪاڻو پڻ ڪامريڊ خديجه جو گهر هوندو هو. ڪامريڊ خديجه خورشيد جي زندگي ۾ اميدن جي جوت جلائي ۽ ڪيس مايوسين جي اوڙاهه مان ڪڍي اميد جي ڪناري ڪان آشنا ڪيو. مون 1955ع ۾ ڊاڪٽر اعزاز نذير سان گڏجي ڪامريڊ خديجه سان هڪ ڀيرو گڏجاڻي ڪئي هئي پر اسان ان کان پوءِ وڏيڪ ملي نه سگهياسين پر ڪامريڊ خورشيد سان گڏجي ڪم ڪرڻ (1978ع) کان پوءِ اسان لاهور ۾ ڪامريڊ خديجه سان ملڻ ويندا هئاسين ۽ ڪامريڊ خديجه پڻ سنڌ ايندي هئي ته عمرڪوٽ، ٿرپارڪر، بدين ۽ ٽنڊوالهيار جي ڳوٺن ۾ الاهي سارو وقت رهي پئي هوندي هئي، خورشيد جيان اها پڻ عام ماڻهن سان گڏجي انهن جي انداز ۾ رهڻ پسند ڪندي هئي. مون ڪامريڊ خديجه کي پنهنجي ڀيڻ چيو ۽ اسان پاءُ ڀيڻ جو رشتو آخري وقت تائين قائم رهيو ۽ ايستائين جو جڏهن ان جو اسڪردو ۾ انتقال ٿيو ته پنهنجي مرڻ کان ڪجهه گهڙيون اڳ خورشيد کي چيائين ته ڪامريڊ مون زندگي ۾ پنهنجي حصي جو سمورو ڪم ڪري ڇڏيو آهي ۽ بس آخري اها ئي

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

اميد اڏوري رهجي وئي آهي جو تون مون کي، سنڌ وٺي وڃين ها ۽ آئون ڪامريڊ صديق پنهور ۽ ڀائو فيضو شيدي سان ملان ها.

خديجہ گوهر جيتوڻيڪ مٿئين طبقي مان هئي پر ان پنهنجي پوري زندگي غريب ۽ مظلوم طبقن جي جدوجهد لاءِ وقف ڪري ڇڏي، ڏکڻ آفريڪا جي آزادي ڪان پوءِ جڏهن اها واپس پنهنجي اباڻي ملڪ گهمڻ وئي تہ ان وقت غلامي جي رات ختم ٿي چڪي هئي ۽ آزادي جو صبح نروار ٿيو هو، هن هڪ ڀيرو اسان کي ٻڌايو تہ سندس هڪ مائٽ جيڪو نئين حڪومت ۾ وزير هو ان کيس پنهنجي ڪار ۾ وٺي شهر جي رستن جا چڪر لڳائيندو هڪ وڏي عمارت جي چوٿئين منزل ۾ هڪ آفيس ۾ وٺي ويو جتي ان جي آمد جو اڳوات اطلاع عظيم اڳواڻ نيلسن منڊيلا کي ڏنو ويو جيڪو پنهنجي آفيس جي گيٽ تي اچي سندس هٿن کي چمي ڏئي ڪيڪاريائين ۽ نئين آزاد ملڪ ۾ کيس ڀليڪار چيائين ۽ هو اوستائين بيٺو رهيو جيستائين خديجہ صوفي تي نہ ويٺي، نيلسن منڊيلا جي انهي عظمت جو اظهار هو وڏي فخر سان ڪندي هئي. خديجہ گوهر ماسڪو ۾ عورتن جي عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي ڊاڪٽر نجيب الله ۽ گورباچوف سان پڻ ملي هئي، پنهنجي آخري وقت ۾ هن گلگت بلتستان جي عورتن جي ڀلائي لاءِ اسڪردو ۾ هڪ ادارو پڻ جوڙيو جنهن ۾ عورتن جي صحت ۽ تعليم لاءِ ڪم ڪيو ويندو هو. جيتوڻيڪ ڪرنل گوهر ساڻس پوري زندگي تائين خوشگوار انداز سان نباهيو پر ان جي مرتئي ڪان پوءِ اها گهريلو معاملن بابت ڏاڍي پريشان رهندي هئي، سندس اولاد روايتي اپر ڪلاس جي اولاد وانگر ٿي هو ۽ ملڪيت ۽ ذاتي جهيڙن جهٽن ان عظيم انقلابي عورت کي ڏاڍو پريشان ڪيو، هڪ ڀيرو جڏهن اها ڪامريڊ خورشيد جي آشرم ۾ ويٺي هئي تہ هن اسان کي چيو تہ ڇا توهان مون کي سنڌ ۾ هڪ جهوپڙي نٿا ڏاهي ڏيو جتي جو ڳياڻي وانگر آئون پنهنجو آخري وقت سڪون سان گذاريان. اهي لفظ ٻڌي مون کي نظرياتي ۽ رت جي رشتن جو تجربو ٿيو.

پنهنجي زندگي ۾ ڪامريڊ خورشيد جي ساٿ سبب ڪيترائي عظيم ماڻهو مليا جيڪي پوءِ منهنجا پڻ دوست ٿي ويا، ڪينيڊا ۾ رهندڙ پروفيسر سيموئيل جوزف (ڪامريڊ سيم) ۽ سندس زال فرانسيسڪا پڻ خورشيد سان گڏجي سنڌ آيا ۽ انهن سان سفر ڪرڻ جو مون کي پڻ موقعو مليو.

ڪامريڊ خديجہ گوهر جي لاهور واري گهر ۾ هڪ سوڊاني شيدي دوست خليل سان ملاقات ٿي ۽ پوءِ اسان پاڻ ۾ دوست ٿي ويا سين هن جو ضد هو تہ آئون پاڪستان جي

ڪنهن شيدياڻي سان شادي ڪندس پر ان جي والد کي جڏهن اها خبر پئي ته ڪامريڊ خديجه کي چيائين ته ان جي شادي اڳ ئي پنهنجي قبيلي جي هڪ ڇوڪري سان طئي ٿيل آهي ۽ ان کي واپس سوڊان موڪلي. ڪامريڊ خديجه ان جي والد سان منهنجو ذڪر ڪيو ته هاڻ هو منهنجي ڀاءُ فيضو شيدي جو گهاٽو يار آهي ۽ هو ئي ڪيس راضي ڪري پاڻ سان گڏ سوڊان آٽي سگهي ٿو ۽ پوءِ هن جي والد مون کي خط لکي ۽ آئون خليل کي واپس سوڊان وٺي ويس جتي هن جي شادي ٿي ۽ ان دوري ۾ هن مون کي گهانا ، تنزانيه، يوگينڊا ۽ صوماليه پڻ گهمايو، آئون تنزانيه ۽ گهانا ۾ تلهار جي مرحوم عبدالباري قمبراڻي جي نياڻين جي گهر پڻ ويس، هي 1980ع جو ڏهاڪو هو ان وقت آفريڪا جو ڪنڊ بربريت جو نمونو پيش ڪري رهيو هو، شيدي (آفريڪي قبيلا) بري ريت وچ شهر ۾ هڪٻئي کي چاقوئن سان حملا ڪري ماري رهيا هئا ۽ موجوده وقت حالتون ڪجهه بهتر آهن پر ان وقت مون کي پنهنجي اباڻي براعظم ۾ وحشي جيوت جا جيئرا جاڳندا آثار ڏسي تمام گهڻو ڏک ٿيو.

ذهن جي پردي تي ڪيترين ئي يادون ترڻ اچن ٿيون ۽ مون کي ياد آهي ته مون پنهنجي ڏيهي ۽ پرڏيهي دوستن جا خط ۽ تصويرن سانڍي رکيون هيون ۽ باقائدي ڊائري به لکندو هئس اهي سڀ ٿنڊو مير محمد ڪان قاسم آباد واري گهر ۾ منتقل ٿيڻ وقت هيڏانهن هوڏانهن ٿي ويا، ان کان سواءِ ڪيترائي ڪتاب پڻ هئا جيڪي پوءِ دوستن جي نذر ٿي ويا، شهيد هوشو شيدي جي مزار کي گمنامي مان ڪڍڻ کان پوءِ شيدي قبيلي ۾ پنهنجي شناخت جي باري ۾ انسپائيريشن جو احساس بيدار ٿيڻ لڳو، سماج ۾ شيدي برادري جو اڳ ۾ جيڪو تصور هو سو اسان جي دلت پائرن (ڀيل، ڪولهي، ميگهواڙ ۽ ٻين برادرين) کان گهڻو بهتر نه هو پرّ خورشيد قائمخاني انهن قبيلن تي تحقيق ڪري ڪين عظمت جو احساس ڏياريو، اڳ ۾ شيدي نسل در نسل غلام قبيلي طور سڃاتپ رکندا هئا پر اسان کين عظمت جواحساس ڏياريو، سماج ۾ شيدي کي "هل ڙي شيدي" سڏي تذليل ڪئي ويندي هئي، ماتم ۽ پٽڪو ڪرڻ ئي اسان جي قبيلي جي سڃاتپ هئي ۽ ٻيو جيڪو حوالو شيدين لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو ان بابت موضوع جي نزاڪت ۽ حساسيت کي نظرۡ ۾ رکندي هتيۡ لکڻ ضروري نٿو سمجهان: سَنڌي ڳالهه اها پڻ آهي ته اسان جي شيدي برادري پنهنجي سڃاتپ کي دلتن وانگر لڪائي رکيو آهي، ڪٿي اهي حيدري سڏائين ٿا ته ڪٿي وري مڪراڻي، بلالي، قمبراڻي جي نالي تي پنهنجو پناهه ڳولين ٿا، اسان پڻ شروع ۾ پاڻ کي بلوچ سڏائيندا هئا سين پر بعد ۾ فخر وچان پاڻ کي شيدي سڏرائڻ شروع ڪيو. شيدي برادري مڪمل طور مهذب ۽ پرامن برادري رهي آهي. محب شيدي جهڙن ڪردارن کي پڻ سماج جي استحصال مجبور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري مزاحمت تي مجبور ڪيو، هر سماج ۾ چڱا توڙي برا پئي هوندا آهن پر ڪنهن ڪميونٽي کي صرف ان جي رنگ ۽ نسل جي بنياد تي لقب ڏيڻ سراسر ناانصافي آهي. آفريڪا ۽ آمريڪا ۾ ڪري چمڙي وارن جي جائز انساني ۽ بنيادي حقن جي تحريڪن پڻ هتي مثبت نتيجا ڏنا. سر مارٽن لوٿر ڪنگ، پروفيسر انجيلا ۽ نيلسن منڊيلا سميت ڪيترن ئي انقلابي ڪردارن کي پنهنجو آئيڊل بڻايو ويو. اسان جي سياسي نصاب ۾ مارٽن لوٿر ڪنگ، انجيلا ۽ دلتن جي عظيم ليڊر ڊاڪٽر ڀيم رائو امبيڊڪر کي متعارف ڪرائڻ جو سهرو ڪامريڊ خورشيد قائمخاني جي سر تي آهي ۽ ان سان گڏ آفريڪي ماڻهن جي اپارٿائيڊ مخالف تحريڪ ۽ جپسين جي تاريخ تي پڻ خورشيد صاحب تحقيق ڪري اسان کي ناياب مواد ڏنو. خورشيد قائمخاني پروفيسر انجيلا جي جدوجهد تي "تپتي ريت" نالي سان هڪ ڪتاب پڻ لکيو ۽ پوءِ پاڪستان ۾ آباد شيدين تي "شيدي حبشي" نالي ٻيو ڪتاب پڻ لکيائين. خورشيد جي اها تحقيق پڻ ترقي پسند ادب جو هڪ حصو آهي. ان دوران مون شيدي قبيلي جي نوجوانن سان رابطا ڪري شهيد هوش محمد شيدي ويلفيئر ايسوسيئيشن جو بنياد رکيو، ان پليٽ فارم تي اسان شيدي قبيلي سميت تمام غريب قبيلي جي عورتن، ٻارن ۽ نوجوانن جي ڀلائي لاءِ وڏو ڪم ڪيو. هي ان وقت جي ڳالهه آهي جڏهن اين جي اوز جي لهر پڻ نه آئي هئي ۽ اسان اهو سمورو ڪم پنهنجي وسيلن تي ڪيو، ان وقت اسان شيدي قبيلي جي سجاڳي لاءِ هوشو پچار نالي هڪ ماهوار رسالو پڻ شايع ڪندا هئاسين جيڪو ڪيترائي سال هليو پر جڏهن دوستن اين جي اوز جي وهنڊڙ گنگا ۾ هٿ ڌوئيندي ان سماجي تنظيم کي ڊونرز جي پراجيڪٽن تحت هلائڻ شروع ڪيو ته پاڻ هٿ ڪڍي گهر ويهي رهياسين ۽ وقت ثابت ڪيو ته پنهنجي مدد پاڻ تحت تيل ڪم ۽ پراجيڪٽن ذريعي ڪيل ڪم ۾ ڏينهن رات جو فرق واضح آهي.

ڪاري چمڙي جي تحريڪ ۽ هتي جي طبقاتي جدوجهد جو اثر منهنجي خاندان تي پڻ رهيو آهي، منهنجي هڪ پٽ جو نالو مون پنهنجي انقلابي دوست جي ياد ۾ حسن ناصر رکيو آهي ۽ پنهنجي ڌيءَ جي جمڻ وقت خورشيد قائمخاني پڻ موجود هو جنهن سندس ڪن ۾ ٻانگ ڏئي مٿس آمريڪي انقلابي عورت انجيلا جو نالو رکيو پر اها جدا ڳالهه آهي ته اهي انقلابي بڻجڻ بدران روايتي مڊل ڪلاس جا فرد ٿي رهيا.

تحريڪ دوران منهنجي خاندان پڻ ڪافي ڀوڳيو، منهنجو گهڻو وقت ڊيوٽي ۽ ان کان پوءِ سياسي سرگرمين ۾ گذرندو هو، آئون لڳاتار ڊيوٽي ڪندو هئس ۽ ان جي نتيجي ۾ مون کي هر سال چار مهينا پگهار سميت موڪل جي رعايت ڏني ويندي هئي ۽ اهو وقت

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آئون پنهنجي تنظيمي سرگرمين ۾ گذاريندو هئس. منهنجي پگهار ۾ پنهنجو ۽ دوستن جو پاڙو خرچ ۽ ماني وغيره ئي مس ٿيندو هو. گهر واري پارن کي پڪوڙا ۽ ڪچوريون ٺاهي ڏيندي هئي جيڪي اهي وڪڻي پنهنجو گذر سفر ڪندا هئا ۽ ان دوران انهن تعليم پڻ پرائي ۽ هاڻ پنهنجي مڇي ماني وارا آهن.

ڪافي دوست پنهنجي زندگي ۾ دوستن کان ڌوکي ۽ دغا جو راڳ آلاپيندا آهن، منهنجي خيال ۾ ايئن چوڻ صحيح نه آهي ۽ نه وري ڪنهن دوست تي ايترو نه پاڙجي جو ان جي مدد کان سواءِ توهان اڳتي وڌي نه سگهو، نظرياتي سات الڳ ڳالهه آهي، منهنجي پنهنجي دوستن کان اڄ تائين ڪا به شڪايت ناهي رهي ۽ آئون پڻ سمجهان ٿو ته مون کان پڻ منهنجي دوستن کي ڪو شڪايت نه هوندي؛ مون پنهنجي زندگي ۾ هڪ ميگهواڙ نوجوان ۽ هڪ خاصخيلي نوجوان کي پنهنجو پٽ ڪري سنڀاليو ۽ اهي پڻ موت ۾ مون کي پنهنجي اولاد کان به وڌيڪ محبت ڏئي رهيا آهن.

جواني جي دور جو يادون هن وقت ونڊڻ ڪجهه مناسب نه لڳي رهيو آهي پر شايد پيو اهڙو موقعو نه ملي ان ڪري هڪ ذاتي محبت جو داستان پڻ سنگت جي اڳيان رکان ٿو، 1965ع وارن سان ۾ منهنجي ڪراچي جي هڪ ڪامريڊ دوست عاصمه سان ويجهڙائي رهي ۽ اسان ڪميونسٽ پارٽي تي لڳل بندش دوران زال مڙس جي حيثيت سان بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۾ ڪم ڪندا هئا سين، اهو رشتو صرف دوستي کان اڳتي وڌي نه سگهيو، مون ان سان شادي ڪرڻ جي حامي پڻ ڀري پر اسان جي شادي نه ٿي سگهي. ايترو ويجهو هئڻ باوجود اسان ۾ اخلاقيات جو پڻ دائرو هو جو شادي جو وعدو ڪيو سين پر شادي کان اڳ صرف گڏ هلڻ ۽ ڳالهائڻ تائين محدود هئاسين. موجوده بلوچستان جو وڏو وزير مالڪ بلوچ پڻ ان وقت ڪامريڊن جو حامي هو هاڻ شايد اسان کي سڃاڻي ٿو يا نه.

منهنجي شادي پڻ عجيب اتفاق هو. پنهنجي ڪم تان موٽي هڪ دفعو گهر آيس ته مون کي پنهنجي ڏاڏي ۽ امان بختاور پاڻ وٽ گهرائي پنهنجي رشتيدار ڇوڪري سان شادي ڪرڻ لاءِ چيو ته مون نٽائيندي کيس چيو ته حاضر بابا ڪجهه وقت کان پوءِ آئون شادي ڪندس، پر انهن ان وقت ئي مولي کي گهرائي نڪاح ڪري ڪجهه ئي ڏينهن ۾ رخصتي پڻ ڪئي ۽ اهڙي ريت آئون ازدواجي ٻنڌڻ ۾ ٻڌجي ويس. شروعاتي شادي وارن ڏينهن ۾ مون لڳاتار پنهنجي گهرواري کي انقلابي بنائڻ لاءِ چار راتيون "صرف انقلاب تي ليڪچر ڏنو ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو ڇوڪري پنهنجي ماءُ (جيڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي چاچي پڻ هئي) کي بيزاري مان چيو تہ امان فيضو چريو ٿي ويو آهي رڳو پيو انقلاب انقلاب ڪري ۽ غريبن تي ظلم جا داستان پيو ٻڌائي. اها ڳالهہ ٻڌندي ئي چاچيءَ مون کي گهرائي چيو تہ بابلا تو کي چا ٿي ويو آهي، چيم ڪجهہ بہ ناهي گهرواري کي انقلاب لاءِ تيار پيو ڪريان. پر منهنجي گهرواري عام ڳوناٽي عورت هئي ۽ روايتي زال هئي سو مون پڻ کيس انقلابي بڻائڻ بدران ساڻس روايتي زال مڙس وارو ناتو رکيو. هن منهنجي ڪري گهڻو ڪجهہ برداشت ڪيو آهي، جڏهن سندس ماءُ گذاري وئي تہ ان وقت اسان ٽندو مير محمد ۾ رهندا هئاسين، ماڻس جي موت جي چاڻ ملڻ کان پوءِ هن مون کي اڏيرو لال هلڻ لاءِ چيو تہ ان ڏينهن چمبڙ ۾ هارين جو هڪ جلسو رکيل هو ۽ مون کيس ٻڌايو تہ آئون چمبڙ وڃي رهيو آهيان ۽ تون پٽ سان گڏجي اڏيرو لال وڃ ۽ هن پڻ ڪا شڪايت ڪرڻ کان سواءِ منهنجي ڳالهہ مڃي. اڄ جڏهن اها هڪ موذي مرض کي منهن ڏئي رهي آهي تہ مون کي جامشورو ۽ ڪراچي جي اسپتالن ۾ گڏ هلندي حيرت مان چوندي آهي تہ مون تو کي معاف ڪري ڇڏيو آهي جيڪڏهن تون اڄ پڻ پنهنجي ڪامريڊي واريون سرگرميون ڪر تہ بہ تو کي موڪل آهي.

1968ع ۾ ڦتا ملز جي مزدور ٽريڊ يونينن اسٽرائيڪ ڪئي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي حيدرآباد جي سمورين ملن جا مزدور هڪ ٿي ويا. ان هڙتال دوران ڪيترن ئي مزدور اڳواڻن کي گرفتار پڻ ڪيو ويو، مون کي پڻ ان ڏوهہ ۾ ٽنڊي مير محمد مان پوليس جي ڇهہ ٽرڪن جي قافلي گهيرو ڪري گرفتار ڪيو، مون سان گڏ بدرالدين (ٽنڊي مير محمد وارو) ۽ مومن درس پڻ گرفتار ڪري جيل موڪليائون. ان وقت وري دلچسپ صورتحال تڏهن پيدا ٿي جڏهن جيل ۾ پهچڻ شرط اتي ڪنهن برداشتي (پراڻي قيدي) اسان کي حال احوال ڏنا تہ پاڻو توهان نوان آيا آهيو هتي مراد علي مير جت (ان وقت جو مشهور ڌاڙيل) جي بادشاهي هلي ٿي سو توهان بہ وڃي ان وٽ پيش پئو تہ توهان کي جيل ۾ سهوليتون ملي سگهن ٿيون. مراد علي مير جت اسان جي ٽر جو هو ۽ منهنجي چاچي جو گهاٽو يار هو سو مون ان برداشتي کي چيو تہ منهنجي مراد علي کي چئجو تہ اسان وٽ پيش پئي تہ اهو ويچارو حيران ۽ پريشان ٿي ويو ۽ مراد علي مير جت کي چيائين تہ شايد توهان جا ڪي دوست آيا آهن تن هجت ۾ توهان کي پاڻ ڏانهن گهرائڻ جو مون هٿان نياپو موڪليو آهي. اهو نياپو ٻڌندي ئي مراد علي اسان وٽ هليو آيو ۽ اسين ڀڪين پئجي ويا سين، جيتوڻيڪ منهنجي مراد علي مير جت سان اها پهرين ملاقات هئي پر منهنجي چاچي جي دوستي جا دم ڀريندي هن اسان سيني مزدور اڳواڻن

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

ڪي پنهنجي وارڊ ۾ رهايو ۽ ڪجهه مهينا جيڪي اسان جيل ۾ ڪٽيا سين اهي بهتر نموني گذري ويا.

ايئن زندگي ۾ هڪ پيو ڏاڙيل محب شيدي به اسان سان ٽڪرايو هو، ٽيو ايئن جو هن پنهنجي طريقي مطابق حيدرآباد جي هڪ دوست جي اوطاق تي چندي جي چٺي موڪلي، اهو زميندار حقيقت ۾ هاري تحريڪ جو وڏو سرگرم همدرد هو ۽ ان جي اوطاق اسان ڪامريڊن جو ٺاڪ ٺڪيل هوندي هئي سو اسان جي سنگت فيصلو ڪيو ته محب شيدي کي سبق سيکاريو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ محب شيدي جو هڪ چاڙتو اسان جي ان دوست جي اوطاق تي آيو ته اسان چندو ڏيڻ جي بدران ان کي وري اها چٺي موڪلي ڏني ته جيڪڏهن تون شيدي آهين ته اسين پڻ شيدي آهيون، جيڪڏهن وڙهندين ته وڙهندا سين باقي هتان چندي جي ڪا اميد نه رک ۽ ان کان پوءِ محب شيدي ڪڏهن به ان اوطاق ۽ ڳوٺ جو رخ نه ڪيو باقي ٻر پاسي جي ڳوٺن ۾ ٻڌندا هئاسين ته محب شيدي جو ٽولو وارداتون ڪري ويندو هو. چون ٿا ته محب شيدي جا وڏا اڏيرو لال جي شيدين مان هئا پر منهنجي ساڻس ڪڏهن به ملاقات نه ٿي.

***

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

شهيد حسن ناصر

قفس اداس هي يارو صبا سي ڪجھہ تو ڪهو،
ڪهينِ تو بهرِخدا آج ذڪرِ يار چلي. (فيض احمد فيض)

سوئي گئس جي ڪاتي ۾ ڪم ڪرڻ سان مون کي اهو فائدو ٿيو تہ ملڪ جي دور دراز علائقن ۾ ڊيوٽي جي ڪري وڃڻ ٿيندو هو ۽ ان ملازمت دوران پنهنجي دوستن کي پڻ محفوظ پناهہ ملي ويندي هئي. اهو ئي سبب هو جو مون ڪڏهن بہ ڊيوٽي ڇڏڻ بابت نہ سوچيو جڏهن تہ ٻيا ڪامريڊ ڪيترين ئي عارضي ڊيوٽيون ڪندا هئا ۽ ڇڏي پڻ ڏيندا هئا. هڪ ڏينهن حڪومت پاران خطرناڪ قرار ڏنل ڪامريڊن جو هڪ جٿو پنجاب مان سکر پهتل هو اتي ڪجھہ سنڌ ۽ بلوچستان جا ڪامريڊ پڻ اچي مليا، ڊاڪٽر اعزاز نذير جو حڪم هو تہ انهن ڪامريڊن کي سنڌ يا بلوچستان جي محفوظ ٺڪاڻي تي پهچايو وڃي پر مسئلو اهو ٿيو جو جنهن جاءِ تي اهي ڪامريڊ ترسيل هئا اها جاءِ هڪ رهائشي آبادي جي ننڍڙي گهر جي صورت ۾ هئي ۽ ان ۾ وري ڪامريڊن جي بتالين لٿي تہ اهو گهر مشڪل سان انهن ڪامريڊن کي سمائي سگهيو پئي ۽ مٿان وري سي آءِ ڊي ۽ پوليس سميت اصل واڳ ڌڻين کي پڻ مهمانن جي آمد جو اطلاع پڻ ملي چڪو هو پر اسان وري اها اٽڪل ڪئي جو گئس ڪمپني جي هڪ ٽرڪ ڪٽي ڄاٽايل جڳھہ تي پهتاسين ۽ ڪامريڊ جيڪي ٽيھہ کن هئا، کي وٺي بلوچستان آيس، رستي تي ڪيترائي ڀيرا پوليس اينڊڙ ويندڙ گاڏين کي روڪي سختي سان تلاشي ورتي پر اسان جي ٽرڪ کي جڏهن روڪيائون تہ شهيد حسن ناصر (جيڪو اڳئين اپر سيٽ تي ويٺل هو) هن وڏي آواز سان اهلڪارن کي داٻو ڏيندي چيو تہ بابا اسان کي رستو خالي ڪري ڏيو ايمرجنسي ڊيوٽي تي وڃي رهيا آهيون ۽ رستي ۾ ڪيترن ئي جاين تي شهيد ناصر ٽرڪ تان لهي پوليس ۽ سي آءِ ڊي جي عملدارن وٽ وڃي رستو ڏيڻ لاءِ چيو ۽ انهن ڊول سپاهين مڪمل پروٽوڪول سان لنيون ڪٽي ٻيون گاڏيون هٽائي اسان کي اڳتي رستو ڏيندا رهيا، گاڏي ۾ ڪمپني جو لوگو لڳل ڪجھہ ڪيپس (ٽوپيون) ۽ هيلميٽ پڻ پيل هيون جيڪي ڪامريڊن پائي رکيون هيون ان ڪري ڪنهن کي بہ شڪ جو موقعو نہ مليو ۽ اسان هڪ ڏگهو ٿڪائيندڙ سفر ڪري خير سان پنهنجي ٺڪاڻي تي آياسين. اهو ٺڪاڻو پڻ شهر کان پري ڪمپني جي هڪ فيلڊ هو جتي ويراني واڪا ڪري رهي هئي ۽ اوچن جبلن آدرش جي پانڌيئڙن کي پنهنجي محفوظ گود ۾ پناهہ ڏني، ڪامريڊ عاصمہ (جنهن جو ذڪر اڳ ۾ اچي ويو آهي) اها پڻ اسان جي قافلي ۾ شامل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واحد عورت هئي، ڪي پهريان ڪامريڊن هجت مان بورچي جي ڊيوٽي تي لڳائڻ تي چاهيو پر پوءِ اها اسان جي جٿي جي سرواڻ تي سامهون آئي ۽ اسان اتي وري پاڻ کي اسڪائوٽ سڏائڻ شروع ڪيو، اها صلاح شهيد حسن ناصر جي هئي. اهڙي ريت اسڪائوٽن جي اها ڪئمپ هڪ مهينو جاري رهي ۽ پوءِ سهوليت خاطر ڪامريڊ آهستي آهستي پنهنجي ڪم تي ويندا رهيا ۽ آخر ۾ صرف ڪجهه ڪامريڊ ٿي وڃي بچيا.

هڪ ڏينهن آئون شام جو پنهنجي ڪئمپ کان پريان هڪ جبل تي چڙهي ويس، ان علائقي مان گئس دريافت ٿي هئي، پري پري تائين انساني آبادي جو ڪو نالو نشان به نه هو، صرف ڪاري ۽ پوري رنگ جي جابلو چوٽين جو نه ڪٽندڙ سلسلو هو، ان ڏينهن جهڙالي موسم پڻ هئي آسمان تي ڪارا ڪڪر ڊوڙي رهيا هئا ۽ هلڪي هلڪي بوند بهاري ٿي رهي هئي. منهنجي پويان ڪامريڊ عاصمه به اتي پهتي، اها هڪ پٿر کي هٿ ۾ کڻي چتائي ڏسي رهي هئي ته مون کيس چيو ته ان پٿر کي چمي ڏي ته هن ان پٿر کي چميو ۽ مون مذاق وچان کيس چيو ته اهو پٿر ڪنهن قديم براهوي عاشق جو پنڊ پهڻ ٿي ويل جسم هوندو ۽ هزارين سالن تائين ان ويرانن ۾ تپسيا ڪرڻ کان پوءِ ان کي نيٺ تنهنجي چپن جو چس نصيب ٿيو آهي ته عاصمه چيو "تو پهر يه براهوي عاشق زنده کيون نهين هوتا؟"

حسن ناصر سان آئون ۽ ڊاڪٽر اعزاز نذير لاهور ۾ ملياسين ۽ ان ڪچهري ۾ هن اسان کي هڪ دلچسپ قصو ٻڌايو ته انڊيا ۾ هڪ وڏو عامل هٽي ٻيهي رهيو پر مريض صحتياب نه ٿيڻو هو سو نه ٿيو، عامل بابت مشهور هو ته هو جنن جو بادشاهه هو پر آخر ۾ ان عامل اهو عذر ڏنو ته جن تمام گهڻو خطرناڪ آهي ۽ اهو ڊيڊ جن پڪڙ ۾ نٿو اچي ۽ مردهه جانورن جي جسم ۾ داخل ٿي ويندو آهي ان ڪري مريض صحيح نه پيو ٿئي ساڳئي ريت آئون (حسن ناصر) پڻ ڊيڊ جن وانگر هڪ اهڙي جاءِ تي رهيل آهيان جتي اهي ادارا پهچي به نٿا سگهن. (ان وقت شهيد حسن ناصر هڪ پنگي جي گهر ۾ ترسيل هوندو هو). شهيد حسن ناصر جو رت هاڻو مڙهه جڏهن مير علي احمد ٽالپر وصول ڪيو ته اتي هڪ دوست جيڪو زميندار طبقي مان هو ان مير کي تنبيهه جي انداز ۾ چيو ته مير صاحب اهي ڪامريڊ تو کي ماراٿيندا تون انهن جي ايڏي طرفداري ڇو ٿو ڪرين. ان جي جواب ۾ مير علي احمد ٽالپر کيس چيو ته پاڻو هي شهيد ڪو سچو ڪامريڊ ناهي پر تو ۽ مون کان وڏيڪ سرمائيدار هو انڊيا ۾ پنهنجي بادشاهت ڇڏي هتي آيو هو ۽ هي لاش اسان کي چئي رهيو آهي ته آخري فتح مزدورن ۽ هارين جي ٿي ٿيندي. اسان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي انهن جو ڪانڊي ٽيڻ تي فخر ڪرڻ گهرجي نہ ڪي حڪومت ۽ اصل واڳ ڌڻين جي ڏپ کان پنهنجي پيارن جي لاشن کي وصول ڪرڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏجي. سو خورشيد قائمخاني ۽ حسن ناصر منهنجا دوست ۽ استاد هئا، ڊاڪٽر اعزاز نذير ئي اهو ڪردار هو جنهن مون کي هڪ عام مزدور مان باشعور پرولتاري بنائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

اسان کي يقين هو تہ انساني ڀائيچاري ۽ برابري جي منزل اسان پنهنجي اکين سان ڏسي نہ سگهنداسين پر اها منزل ضرور هڪ ڏينهن انسان ذات جو مقدر بڻبي، ڪامريڊ عاصم کي هڪ دفعو انقلابي رومانس جي باري ۾ سوال ڪيم تہ جيڪڏهن انقلاب اچي وڃي ۽ هر انسان کي پنهنجا پنهنجا حق ميسر هجن ۽ اسان جي وچ ۾ انسان ۽ انسان کان سواءِ ٻيون ڪي بہ سرحدون ۽ فرق حامل نہ هجن تہ پوءِ تون ڪيئن زندگي گذارڻ چاهيندئين؟ تہ هن جيڪو جواب ڏنو اهو مون کي اڄ پڻ ياد آهي، هن چيو تہ ڪامريڊ اسان جيڪي پنهنجي مقصد لاءِ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي جهر جهنگ لتاڙي جوانيون ۽ مال اسباب قربان ڪري رهيا آهيون اهي سڀ ڪامريڊ حقيقت ۾ معصوم روح رکندڙ انسان آهن جيڪڏهن هتي ڏاڍ جو وجود ئي نہ هجي تہ پنهنجي جدوجهد لاءِ ايذا بي قرار رهندڙ سڀ ڪامريڊ مساوات ۽ برابري جي دور ۾ دنيا کان بي پرواهہ ٿي حقيقي زندگي ۽ فطرت مان پڪين جيان آزاد زندگي گذارين. چاڪاڻ تہ دنيا ڏاڍي خوبصورت آهي پر ڪجهہ آگرين تي ڳڻڻ جيترن ظالمن ان بهشت کي دوزخ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي.

اهي معصوم جذبا ئي هئا جن جي طاقت سان ڪاروان جاري هو، اهو قافلو جيڪو آنڌين ۽ طوفانن جي گهيري ۾ پڻ پنهنجو وجود نہ صرف بچائي پئي آيو پر سامراجي قوتن جي دلين ۾ پڻ خوف پيدا ڪري ڇڏيندو هو، ان وقت اصل سرڪار کي مطلوب انقلابي موجوده دور جي وحشي صفت درندن وانگر نہ هئا جيڪي انهن اصل قوتن جي ئي اشاري سان غريب ۽ معصوم بي گناهہ انسانن جي رت ۾ ننهن کان چوٽي تائين رڱيل آهن پر خطرناڪ قرار ڏنل ڪامريڊ هارين ۽ مزدورن جي طبقي مان ئي هئا ۽ انهن لاءِ ئي وڙهندا هئا. وقت پوءِ ثابت ڪيو تہ حڪمران طبقن عالمي سامراج سان گڏجي عوام جي حقيقي تحريڪن جو رخ بدلائڻ لاءِ گهڻ رخي سازشن جو ڄار وڇايو جنهن جي ابتدا پاپولرازم سان ٿي ۽ پوءِ انتهاپسند بنيادپرستي (جنهن کي پاپولر ترين هٿ سان جنم ڏنو) جا وڏي پئماني تي ٻج پوکي ماڻهن ۾ نفرت ۽ تفاوت پکيڙي وئي. ان دوران عوام جي حقيقي پروگرام رکندڙ ڪاپي ڏر خلاف رياستي ڪارستانيون پڻ جاري رهيون تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳڌوڳڌ علائقائي ۽ قومي تضاد کي پڻ عوام جي خلاف استعمال ڪيو ويو. جيتوڻيڪ اسان وٽ ڪاڀي ڌر جي زوال کي سويت يونين جي خاتمي سان ڳنڍيو پيو وڃي پر حقيقت ۾ ڪاڀي ڌر جو زوال اسان وٽ پاپولر تحريڪن جي اڀار سان ئي شروع ٿيو. ڪاڀي ڌر جي جدوجهد جي ميدان تي پاپولر ، انتهاپسند ۽ علائقائي سياست ڪندڙ ڌرين پنهنجي پنهنجي ڪئپيسٽي مطابق قبضو ڪيو، اسان (سرخا) ڪنهن به صورت ۾ علائقائي يا قومي تضاد کان انڪاري نه رهيا آهيون ان جو ثبوت اهو آهي ته هتي ووٽر ٽئون سنڌي ۾ ڇپايو تحريڪ ڪنهن قومي لڏي نه نعپ جي شاگرد محاذ شروع ڪئي ۽ ان وقت ون يونٽ خلاف جدوجهد ۾ هر اول دستو نيشنل اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو هو، سرفراز ميمڻ (هينئر ڪئنيڊا ۾ رهائش پذير آهي)، اقبال ترين، سهيل سانگي، جام ساقي، امداد چانڊيو، نذير عباسي شهيد، ضمير بلوچ (لطيف آباد)، ڪامريڊ خورشيد ايڊووڪيٽ(هيرآباد وارو)، عرفان ملڪ ۽ ٻيا ڪافي ساٿي سرگرم هوندا هئا. قومي تحريڪون پڻ طبقاتي جدوجهد جي محاذ جو ڏيک ڏينديون هيون جنهن جو مثال ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي هاري حقدار تحريڪ مان پسي سگهجي ٿو پر ان کان پوءِ هڪ منصوبي سان عوامي بنياد رکندڙ هر جدوجهد کي ختم ڪري اهو ميدان ڌوهاري پيشه ماڻهن جي حوالي ڪيو ويو، ان ڪارخير جي شروعات اصولي ۽ نظرياتي ڦڏا اڀاري ڪئي وئي، قومي جدوجهد ۽ عوامي جدوجهد بابت هٿ سان مونجهارا پيدا ڪيا ويا پوءِ اصل سرڪار جي آشيرواد سان پنهنجي رد انقلابي ڪم جاري رکيو ويو.

سامراج جو هڪ پراڻو ۽ آزمايل هٿڪنڊو اهو آهي ته عوام جي اصل جدوجهد کي عوام جي ئي نالي سان هٿ ٺوڪيا پروگرام ڏئي ڪائونٽر ڪيو وڃي، ان لاءِ هڪ انگريزي محاورو پڻ ياد اچي رهيو آهي:

Weave the Red Flag to beat the Red Flag.

اسان وٽ سنڌ ۾ ان ڏس ۾ ٻن همراهن وڏو ڪم ڪيو آهي، انهن مان هڪ همراهه ملڪي سطح تي ته ٻئي همراهه وري سنڌ جي قومي سطح تي. پنهنجي جي تاريخ پڻ پراڻي آهي اسان ان وقت به ان ردانقلابي رجحانن کي پرکي ورتو هو ۽ اهو ئي سبب هو جو منهنجو ذاتي ۽ اڻ سڌي ريت پڻ انهن سان واسطو پيو ۽ اڳ ۾ ئي ذڪر اچي چڪو آهي ته مير برادران جي ذاتي دوستي جي باوجود مون انهن جي آڇ ٺڪرائي پاپولر ڌر سان ڳنڍجڻ کان انڪار ڪيم. اڄ اهي اقتدار جي طاقت ۽ وسيلن جي گهٽائي سبب عوام ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوم جا بلا شرڪت غير نمائيندا ۽ قائد بڻيل آهن. مگر سندن ڪردار اڄ تائين ساڳيو رهيو آهي. ان المئي بابت مون کي هڪ پراڻو واقعو ياد اچي رهيو آهي، ڪافي وقت اڳ جي ڳالهہ آهي تہ حيدرآباد ۾ مون وٽ ميرپورخاص جو هڪ همراهہ آيو، چي: ڪامريڊ منهنجو پلاٽ با اثر نڱي ۽ زوري ڪندي قبضو ڪري ورتو آهي مهرباني ڪري اهو واپس ڪراءِ تہ ڪيس چيم تہ ڀائو ڪورٽ ۾ ڪيس ڪر، باقي وڪيل وغيره لاءِ تنهنجي جيڪا مدد اسان ڪان پڇگي اها ڪنداسين. اها ڳالهہ ٻڌي همراهہ پوتڙو چنڊي اٿيو ۽ چيائين تہ مون سان نڱي بہ ٿي آهي ۽ زوري بہ سو هاڻ ڪورٽ ڇا ڪندي؟ چيم نڱي ڪيئن ٿي آهي تہ جواب ڏنائين پيلي ڪجھہ قرضي بہ هئس سو وڏيري محل بہ ڪئي پٽي ۽ هڪ دفعو اسٽام (اسٽامپ پيپر) بہ لڪائي ڪاپا اڱوٺا هٽائي پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيائين باقي لٽ ۾ هو اڳي ئي زور آهي سو ڪورٽ جو خرچ بہ اجايو ويندو. ايئن چئي اهو همراهہ هليو ويو پر ڪيترائي سال گذرڻ ڪان پوءِ آئون ميرپورخاص ۾ هڪ هوٽل تي رات جو ويٺو هئس تہ هڪ انتهائي پيرسن ۽ ڪمزور جسم سان همراهہ منهنجي سامهون ويهي مون کي چتائي ڏسڻ لڳو، مون ان جو ڪو نوٽيس نہ ورتو پر پوءِ هو پاڻ مون وٽ اچي هٿ ڏيندي پڇيائين تہ فيضو شيدي آهين يا پلجان ٿو. چيم تو برابر سڃاتو تہ هن مون سان ملاقات واري ڳالهہ پاڻ ٻڌائي تہ مون کي بہ ياد آيو ۽ چيم تہ پلاٽ جو ڇا ٿيو تہ رازداري ۾ جواب ڏنائين بس تنهنجي دعا ڪپي اٽڪل ڪئي سين هاڻ خليفو ٿيو پيو هلان ۽ پلاٽ پڻ هٿ چڙهي ويو. چيم اهو ڪيئن ٿيو تہ هن جواب ڏنو تہ آئون ڪاسائي تہ هئس سو وٽي هڏيون ميڙڻ شروع ڪيم ۽ هڪ رات جو وجهہ وٺي پلاٽ ۾ پوري ڇڏيم ۽ هڪ پراڻي قبرستان مان ڪجھہ ڪرا بہ ڪٽي گڏ پوريم پوءِ هڪ ملنگ دوست جو سهارو ورتومانس ۽ هن اچي هڪ پير جي قبر جي نشاندهي ڪئي ۽ مون کي خليفو مقرر ڪري هليو ويو ۽ اهو ڏينهن اجوڪو ڏينهن پاڻ اتي ئي رهيا پيا آهيون، پلاٽ بہ ملي ويو ۽ مجاوري پڻ، هاڻ مڙئي سنو گذر سفر ٿئي پيو. ساڳئي ريت اسان جي پاپولر ڊر اٿي، لٽي ۽ اجهي جا ڪوڙا نعرا ڏئي عوام کي وڏي عرصي تائين ڪجھہ نڱي ۽ ڪجھہ زوري ذريعي يرغمال بڻايو ويٺي آهي تہ وري قومي مها ڏاها پڻ قوم جي نالي تي پاڻمرادو خليفا بڻيو ويٺا آهن، سورن ۾ آهي تہ اهو صرف مظلوم ۽ غريب طبقو ئي آهي.

حسن ناصر جي وڇوڙي سان هڪ وڏو خال پيدا ٿيو، ان دور ۾ لاهور جو شاهي قلعو مقتل گاهہ طور مشهور ٿي ويو هو اتي جيڪو بہ ويو (ڪنهي آندو ويو) سو واپس نہ وريو، سواءِ اسان جي هڪ همراهہ جي، جنهن جو نالو اڳ ۾ ڏئي ڇڏيو اٿم، نہ تہ دوستن وٽان جيڪي دغائون مليم سي درگذر ڪري ڇڏيم، شميم واسطي سان ڪيترائي اختلاف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٿي ڇو نہ هجن پر هن جون پنهنجي وقت ۾ ڪميونسٽ پارٽي لاءِ خدمتون وسارڻ جھڙيون نہ هيون پر آخر ڪار انسان تتي ۽ پڇي پري پڻ پوندو آهي سو هن سان بہ ائين ٿيو، شاهي قلعي ۾ پهچندي ئي هن اذانون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ معافي ناما لکڻ ڪان وٺي آقائن جا هر شرط قبول ڪري ورتائين. هن جي مرڻ کان ڪجھ سال اڳ منهنجي ساڻس هڪ اتفاقي ملاقات پڻ ٿي هئي ۽ منهنجي زور ڀرڻ جي باوجود بہ هن ماضي تي ڳالهائڻ کان نابري واري ڇڏي. مون محسوس ڪيو تہ همراهہ کي پڇتاءُ جو وڏو احساس آهي يا اجا پي ڪنهن ڪيفيت جو شڪار آهي پر هڪ وڏي صدمي مان گذري ضرور رهيو هو. جڏهن کيس پڇيم تہ هاڻ انقلاب جو زور پڻ ٽٽي ويو آهي ۽ تنهنجي سنگت (رجعت پسند ٽولو) زور آهي ڇو نہ پراڻيون يادون اوريون تہ همراهہ چيو تہ يار آئون تو سميت پنهنجي اڳوڻي سنگت جو وڏو ڏوهاري آهيان بس جڏهن منهنجو ذڪر اچي تہ مون کي پنهنجي ڏوهاري ۽ مجرم سمجهندا. بس حياتي بيڪار وئي. اڄ آئون ان جو نالو ڪٿي ذڪر ان ڪري ڪري رهيو آهيان تہ منهنجي نظر ۾ ان جي غداري کان وڌيڪ پي سنگت جي ڪارستاني وڌيڪ نقصان ڏنو جنهن جو ذڪر ڪرڻ ئي فضول آهي. ڪميونسٽ پارٽي پنهنجي آخري وقت ۾ جتي چار ٽڪرن ۾ ورهائجي وئي هئي ان وقت اصل سرڪار جي ڪاردن پڻ وڏي پئماني تي ڪميونسٽ پارٽي ۾ گھڙي اندروني طور وڏو نقصان ڏنو، انهن مان ڪي اهڙا بہ همراهہ هئا جيڪي پنهنجي ابتدائي دور ۾ وڏيون قربانيون پڻ تحريڪ جي جهولي ۾ ڳٽائي چڪا هئا پر پوءِ الائي ڇو پنهنجي ئي قافلي تي راتاهو هڻندڙ رهزنن جا وچي ساٿاري بڻيا.

مون کي ڪيترائي اهڙا اڳوڻا دوست پڻ مليا جيڪي پنهنجي ماضي بابت ڪجھ ڳالهائڻ جي ست نٿا سارين. ڪجھ همراهن اجا تائين پنهنجو پاڻ کيّ معاف نہ ڪيو آهي تہ ڪن کي پنهنجيون جوانيون لٽائڻ جو پڇتاءُ کائي رهيو آهي تہ ڪي وري مايوسي جي عالم ۾ آهن پر هڪ سگهاري نظرياتي ڪارڪن لاءِ حالتن جي جبر کي منهن ڏيڻ جو حوصلو ڏارڻ کپي. اسان رومانس جو شڪار ضرور هئاسين پر زندگي جي ڪنهن بہ موڙ تي مايوسين جي اوڙاهہ ۾ نہ الجهيا سين شايد ان جو سبب اهو ئي هو تہ منهنجي پيدائش انقلابي محنت ڪش طبقي ۾ ٿي هئي ۽ هي اهو طبقو هو جنهن جي لاءِ سور ۽ ڏک جو تجربو نئون نہ آهي. مون کي پڻ ڏک ٿيندو آهي جڏهن سماج دشمن ڪردار رکندڙن کي مها ڏاهو قرار ڏنو ويو جنهن جو ڪردار انقلاب دشمن ۽ سماج ۾ نفرت پکيڙڻ کان وڌيڪ پيو ڪجھ بہ ناهي پر هن اٽبرابري واري سماج ۾ اهو ٿيڻ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ حيرت جهڙو ناهي جتي سماج جو ڦيٿو هلائيندڙ محنت ڪش طبقو هر طرح سان پيڙهجي رهيو آهي ۽ ان جو استحصال ڪندڙ منافع خور طبقو معتبر بڻيل

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آهي. هن سماج ۾ انصاف، تقدس ۽ عزت جا سپ قدر ٿي ڪوڙا آهن. پوءِ اسان کي پنهنجي نظرياتي قدرن سان سماج جي تصوير ونڊي پئي ٿي ۽ اسان جا هيرو شايد ڪي سماج ۾ ولين ٿي هجن ۽ سماج ۾ جن کي هيرو سمجهيو وڃي ٿو اهي اسان جي نظر ۾ ولين ٿي آهن. مون کي ان بابت ڪا به پرواهه ناهي ته سماج جون مقتدر قوتون اسان جي خيالن سان وڏ ڪان وڏ نفرت ڪن ٿيون. لاڙ جا به ڪردار اهڙا آهن جيڪي "قوم" جي نظر ۾ وڏا سورما آهن پر اهي منهنجا هيروز ناهن. انهن مان هڪ ته اسان جي دور جو ٿي هو پر ان تي هاڻ صرف ذاتي ڪچهرين ۾ ٿي بحث ڪري سگهجي ٿو. مون کي ڪوڙ جي پرچار کان انتهائي نفرت آهي جڏهن ڪجهه رازن تان پردو کڻيم ته پوءِ ڪوڙ جو بدمست طوفان اچي ويندو ۽ مون وٽ هاڻ ايترو وقت به ناهي جو ڪوڙ جي ڪوتن سان پنهنجو متو هڻان. بس ايترو تجربو ضرور حاصل ڪيو اٿم ته اسان وٽ سچائي کي برداشت ڪرڻ جي توري به قوت ناهي. صرف ڪوڙ جو ٿي بول بالا آهي. مون کي ڪنهن جي ڏاهپ کان پڻ ڪو خوف ناهي جڏهن توهان جي سياڻپ سچائي جي بدران سچائي جي سامهون بيهي رهي ته پوءِ اها سياڻپ سماج لاءِ سورن جا ٿي تحفا آڻيندي. سنڌ ۾ اڄڪلهه اهڙي ساڃهه ۽ سياڻپ جي ڪتي وپائي پئي آهي.

ڪنهن ڪنهن جو ذڪر ڪجي پاپولر ڊر کان وٺي هتي اسان کي دلفريب نعرن ۾ دوکا ٿي مليا آهن. ڪامريڊ خديجه هميشه چوندي هئي ته دوکا هوندا ٿي دلفريب آهن ۽ پنهنجي صفن مان ٿي ملندا آهن. اهڙي ريت هتي سامراج جي ونگار وهندڙن اسان جي صفن ۾ داخل ٿي پنهنجن متان وار ڪيا هاڻ عوام سندن اهڙن ڪڌن ڪرتوتن کان واقف ٿي چڪو آهي ۽ پنهنجي خاموش ردعمل سان انهن جو جواب پڻ ڏئي چڪو آهي پر جڏهن آئون شهر جي چوڪ ۾ انهن جون وڏيون قدآور تصويرون ڏسان ٿو ته پوءِ انهن جي اوچي ڳاٽ سان هلڻ سان هلڻ جي جرئت تي بس حيرت ٿي ٿيندي آهي.

طبقاتي جدوجهد پڻ هڪ پيچيده سماجي سائنس آهي جتي هڪ طرف حڪمران يا استحصالي طبقن ۾ جنم وٺندڙ فردن سچائي ۽ معصوميت سان ڪميونسٽ پارٽي لاءِ نه صرف وڏو ڪم ڪيو پر آخر ڪار حسن ناصر وانگر پنهنجي جان پڻ گهوري ڇڏيائون. ميجر اسحاق سان حڪمت عملي جي حساب سان ته انيڪ اختلاف ٿيندا هئا پر ان جي پنهنجي مقصد سان سچائي تي ڪو به سچو انقلابي شڪ نٿو ڪري سگهي. ڪميونسٽ پارٽي جي سختگير مخالف رياستي اداري جي ڪک مان ميجر اسحاق، خورشيد قائمخاني، فيض احمد فيض سميت ڪيترائي انقلابي پيدا ٿيا جن پنهنجي

اداري سان ۽ پوري سماج جي مقتدر طبقي سان بغاوت جو علم بلند ڪيو ۽ پنهنجي پوري حياتي پنهنجي نظريي کي ارپي ڇڏيائون.

منهنجي زندگي ۾ جن شخصيتن جو وڏو عمل دخل هو انهن مان ڊاڪٽر اعزاز نذير به هڪ هو، رنگ جو ڪارو ۽ جسم ۾ پريل هوندو هو ۽ وري جو آئون به ان قافلي ۾ شامل ٿيس تہ پوءِ ساٿي مذاق وچان چوندا هئا تہ اڳ ۾ هڪ ئي شيدي هوندو هو هاڻ جوڙي ٿي وئي آهي. هن مون کي تقرير ڪرڻ سيکاري ۽ ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏيندو هو. ڊاڪٽر اعزاز جيتوڻيڪ شهر ۾ پيدا ٿيو پر هن جي ٻهراڙين سان وڏي انسيت هوندي هئي ۽ هن جي رهنمائي ۾ مون هارين ۾ زير زمين ڪم ڪرڻ سکيو ۽ اهي ٻهراڙيون ئي اسان جو پناهہ گاهہ پڻ هونديون هيون ڇاڪاڻ تہ ان وقت ٻهراڙين ۾ اسان آسانيءَ سان لڪي سگهندا هئا سين. پيو اهو پڻ تہ ٻهراڙين ۾ ماڻهن ۾ دغا ۽ دولاب نہ هئڻ جي برابر هئي ۽ عورتون پڻ اسان سان ڀائرن جهڙو سلوڪ ڪنديون هيون. اڄ پڻ غريب ماڻهن مان توهان کي محبت ۽ سچائي ملي سگهندي پر شرط اهو آهي تہ توهان جو پنهنجو ڪردار پڻ صاف ۽ سچو هجي. ڪامريڊ ڊاڪٽر اعزاز نذير 2003ع ۾ اسان کان موڪلائي ويو.

ڪامريڊ خورشيد قائمخاني ڪجهہ وقت هتي رهي ماحول سازگار نہ هئڻ ڪري يورپ، آفريڪا ۽ آمريڪي ملڪن ڏانهن هليو ويندو هو ۽ اتي ڪامريڊ خديجہ جي واسطي سان اپرتائيڊ مخالف تحريڪ جي دوستن ۽ نيگروز ۽ بليڪ پينٿر جي دوستن سان ملي ڪم ڪندو هو، پروفيسر انجيلا ڊيوس ۽ هوئي نيوٽن پڻ آفريڪا جي آزادي جي جدوجهد جا سرگرم همدرد هئا جيڪي ڪامريڊ خديجہ گوهر جا دوست هئا ان ناتي سان ڪامريڊ خورشيد انهن جا ڪافي انٽرويو پڻ ڪيا جيڪي اسان ان وقت (1978ع) ۾ ڪالا ادب پبليڪيشن جي ڪتابي سلسلي ۾ شايع پڻ ڪيا هئا. خورشيد قائمخاني جلاوطني کي آرام جو موقعو سمجهڻ بدران اتي پڻ رولاڪيو ڪرڻ شروع ڪيون، ڪامريڊ خورشيد يورپي ملڪن ۾ جپسين سان گڏ رهيو جيڪي يورپ ۾ اڇوت سمجهيا ويندا آهن. لڪين جپسي جرمني ۾ هٽلر جي نازي حڪومت ۾ نام نهاد جرمن قومپرستي جي انسان دشمن فاشسٽ نظريي جو بڪ ٻڌجي مارجي ويا. جپسين جي ثقافت، رهڻي ڪهڻي ۽ ادب تي پڻ خورشيد صاحب وڏو ڪم ڪيو. آمريڪا ۾ وري بليڪ پينٿر ۽ ريڊ انڊين تي ڪم ڪيائين، خورشيد جي دوستي سبب اتان جا ڪيترائي شيدي دوست منهنجا پڻ دوست بنجي ويا جن سان خط و ڪتابت جو سلسلو هلندو رهيو ۽ ڪنهن حد تائين اڄا پڻ آهي. شايد اتي جي بليڪ پينٿر رسالي ۾ انڊيا ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڪستان جي شيدين بابت هڪ مضمون به شايع ٿيو هو. اسان پروفيسر انجيلا ڊيوس جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد ۽ لاهور ۾ مظاهرا ڪيا ۽ جلوس ڪڍيا. مزاحمتي جدوجهد تي ڪيس بغاوت ۽ رياست کي نقصان پهچائڻ جي ڏوهه ۾ آمريڪي ڪورٽن ڦاسي جي سزا ٻڌائي جيڪا پوءِ عالمگير احتجاجي تحريڪ جي نتيجي ۾ ختم ڪئي وئي.

آزادي ماڻڻ کان پوءِ نوجوان سياهه فام انقلابي عورت پروفيسر انجيلا دنيا ڀر ۾ پنهنجي حمايتين ڏانهن شڪريه ادائي لاءِ خط لکيا، پاڪستان ۾ مون ۽ ڪامريڊ خديجه ڏانهن پڻ خط موڪليائين. ان دور ۾ خورشيد قائمخاني پائيجان جي نالي سان مشهور هو جڏهن ته جوڳي ڪيس علي بابو سڏيندا هئا.

هي اهو دور هو جڏهن نسلي جبر جي خلاف تحريڪن ۾ نسلي فاشزم ۽ تعصب ۽ نفرت جي جيوڙن بدران انقلابي رجحان نمايان هو، آمريڪا جي بليڪ پينٿر تحريڪ ۽ آفريڪا ۾ اپرٿائيڊ مخالف تحريڪ مڪمل طور انقلابي پروگرام رکنديون هيون ۽ پوري دنيا ۾ قومي تحريڪون پڻ انقلابي رجحان رکندڙ هيون جن کي پوءِ آهستي آهستي پنهنجي ڪشش ثقل تان هٽائي ردانقلابي رخ ۾ موڙيو ويو.

اسان وٽ پڻ ڪجهه ايئن ٿي ٿيو، اسان جي کاٻي ڌر جي سياست ۾ اردو ڳالهائيندڙ ڪامريڊن ۽ پورهيت طبقي جو نمايان ڪردار هو، هڪ ڳالهه جيڪا اسان جي ساجهه وند طبقي کي ڏکي لڳندي ۽ اسان تي پڻ اهي لقب ۽ خطابن جا ليبل لڳيئين پر هن حقيقت کان مون کي بيان ڪرڻ کان ڪا به پريشاني نٿي ٿئي ته ورهاڱي وقت جيتوڻيڪ مون اڃا شعوري سفر شروع نه ڪيو هو ۽ نه ٿي ان دور جي جدوجهد ۾ منهنجو ڪنهن به طرح سان ڪو ڪردار هو پر بعد جي زماني ۾ ورهاڱي جو اثر بهرحال هو. ورهاڱي وقت بدقسمتي سان اسان جي سنڌي ماڻهن ۾ نفاق جا ٻج وڏي پئماني تي ڦهلجي چڪا هئا ۽ اهو پڻ ته ورهاڱي کان اڳ اسان جي سماج ۾ ڪجهه ماڻهن جو ڪردار سماج دوست نٿو چئي سگهجي، ماڻهو وياج ۾ وڏي پئماني تي وڪوڙيل هئا پر هاڻ بغض معايه جي ڄڪري ۽ نون طبقاتي تضادن ۽ نئين جڙيل مخصوص ڊيموگرافي سبب اسان جا دوست وياجين کي پڻ ايڏي قرار ڏئي رهيا آدن. بهرحال ورهاڱي وقت سنڌ جي مڊل ڪلاس ۽ جاگيردار طبقي جي ڪردار کي ڪنهن به صورت ۾ سنڌ دوست نٿو چئي سگهجي. سور ۽ تڪليفون صرف هيٺين طبقن لاءِ هيون ۽ هيٺئين طبقي ۾ غريب هندو جاتيون (جن کي هاڻ دلت چيو وڃي ٿو انهن جي

صورتحال هن وقت پڻ بدتر آهي پر ان دور ۾ تہ ڪافي تباهہ ڪن هئي.) ۽ مسلمان هاري ۽ مزدور پڻ هئا. ورهاڱي هڪ مصيبت هو ۽ ان کي ڪنهن بہ صورت ۾ صحيح نٿو چئي سگهجي، خورشيد قائمخاني جو رايو هو هي ورهاڱو دنيا جو بدترين ورهاڱو هو ۽ اهو ورهاڱو صدين تائين انيڪ پيڙ ورهاڱن کي جنم ڏيندو رهندو ۽ اهو هاڻ اسان پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيون. ڪيترائي ورهاڱا جنم وٺي رهيا آهن ۽ اڳتي پڻ انيڪ ورهاڱا اسان جي مقدر ۾ لکيل آهن، صرف محنت ڪش طبقن جي ڪامياب تحريڪ ئي تنهن کنڊ کي وري ملائي سگهي ٿي.

ورهاڱي کان پوءِ اسان وٽ اردو ڳالهائيندڙ لڏو آيو انهن ۾ ڪافي ڪامريڊ پڻ هئا، حسين بخاري، ڊاڪٽر اعزاز نذير، شهيد حسن ناصر ۽ خورشيد قائمخاني سميت ڪيترائي دوست هئا، سَجاد ظهير ۽ ٻيا پڻ هئا. جن ڪڏهن بہ لساني سياست کي پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏنو ڇاڪاڻ تہ اهي پاڻ ورهاڱي جي تڪليف ڏيندڙ تجربي مان گذريا هئا پر بعد ۾ سياست ۾ نظرين جي بدران لساني رجحان سرائيت ڪرڻ لڳا ۽ پنهي پاسن کان انتهائي تعصبي ذهنيت پروان چڙهڻ لڳي ۽ ان جو فائدو انهن همراهن کي ٿيو يا نہ پر اصل سرڪار کي طوالت مليِ جيڪا پنهنجو وقت ڪائي تقريبن ختم ٿيڻ تي هئي پر هاڻ وري مڇي مواڙ تي چڪي آهي.

اسان سان گڏ لطيف آباد جو ڪامريڊ اشفاق عليٰ پياري پڻ سرگرم هوندو هو، 80ع واري ڏهاڪي ۾ هو لنڊن هليو ويو جتي ڪجهہ وقت رهڻ کان پوءِ واپسَ ملڪ موٽي آيو ۽ هتي ڪجهہ وقت کان پوءِ بيماري سبب وڇڙي ويو.

ڪامريڊ جاويد شڪور پڻ هوندو هو ۽ هڪ ٻيو دوست جنهن جو اصل نالو وسري ويو اٿم پر هن جو نالو چي گويرا طور مشهور هو، تمام سرگرم ڪامريڊ هو ۽ ٽريڊ يونين ۾ وڏو ڪم ڪياٿين، چي گويرا منهنجي شيدي برادري مان هو پر اهي پاڻ کي مڪراڻي سڏائيندا هئا. هن جو هڪ پٽ چيف انجنيئر آهي، ڪجهہ سال اڳ هن سان ملاقات ٿي تہ پٽس بابت پڇا ڪيم تہ اهو جواب ڏنائين تہ بابا تہ ڪيترائي سال اڳ موڪلائي ويو آهي.

پنجاب مان ڪامريڊ مستري مسعود الحسن اڃا تائين جيئرو آهي جيڪو راولپنڊي جي ريگل سينيما ويجهو اسٽيمبل نمبر 2 ۾ رهي ٿو، هن سان گڏ مون پنجاب ۾ ٽريڊ يونين ۽ هارين ۾ ڪافي ڪم ڪيو. ڪامريڊ رياضّ احمد پڻ راولپنڊي ۾ رهندو آهي ۽ اڄڪلهہ تمام گهڻو بيمار رهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

ٽنڊو مير محمد ۾ ڪامريڊ بدرالدين تمام گھڻو سرگرم هوندو هو ۽ هاڻ هو ملتان ڏانهن لڏي ويو آهي جتي پنهنجي پارٽي جو ڪم ڪندو آهي ۽ شايد ڪجھ پنهنجي جو ٽڪر سنڌو پڻ اٿس.

دادا علي بخش پڻ اسان جي ساٿ جو هڪ ڪردار هو هو زنده دلي ۽ رنگين مزاجي سبب سموري ڪامريڊ لاڏي ۾ نمايان هوندو هو. ڪيس سير سفر ڪرڻ ۽ رولاڪيون ڪرڻ جو جنون جي حد تائين عشق هو ۽ اڄ تائين هو اڻ ٿڪ ڪامريڊ جو زنده مثال لڳي رهيو آهي.

ورڪر فيڊريشن جو آفيس سيڪريٽري ڪامريڊ بشير (جنهن ڪي اسان ڪنن کان ڳرو هئڻ ڪري بشير ٻهرا سڏيندا هئا سين.) اهو اڄ پڻ زنده آهي ۽ حيدر چوڪ ويجهو ان جي آفيس پڻ آهي جتي هو وڪالت ڪري رهيو آهي. منهنجي ڪجھ ڏينهن اڳ هن سان ملاقات پڻ ٿي. وڏي عمر جي ڪري هاڻ تو هو صفا ڪنن کان ڳرو ٿي ويو آهي، ملڻ شرط روئي ڏنائين، ساٿس گڏ پنهنجي پاڻيٺي پڻ رهي ٿي جنهن ڪي وڪالت سيکاري رهيو آهي.

چمبڙ ۾ پڻ ڪافي دوست اڄا تائين جيئرا آهن، ان علائقي ۾ ڪامريڊ حسين بخاري تمام گھڻو ڪم ڪيو، ڪامريڊ حسين بخاري جي تہ آخري آرامگاھ پڻ ٽنڊي قيصر ۾ آهي جتي نظاماڻي دوستن پٿر جي پڪي قبر پڻ جوڙائي آهي.

***

حيدرآباد جا مير برادران

فيض آتي هين جو رہ عشق مين سخت مقام

آني والون سي ڪهو هم تو گزر جائين گي.

ڪجھ ڏينهن اڳ شام جو حيدرآباد ۾ دوستن جي ڪچهري ۾ ڳالهيون ڪندي موجوده دور جي ٻن اڳواڻن جي ذاتي جنگ جا احوال ڇڙي پيا تہ ڪنهن دوست ٻڌايو تہ وڏي وزير جو بيان آيو آهي تہ حيدرآباد جا مير برادران پارٽي کان الڳ ٿيڻ کانپوءِ هاڻ ڪنهن کي بہ ياد ناهن. اسان جي ماڻهن جو حافظو ڪمزور آهي يا وري پسند يا ناپسند ۽ خوشامدي جون مجبوريون آهن جو اصول پرستي کي پٺي ڏئي ويندي آهي. مون کي پيپلز پارٽي جو پهريون دور ياد اچي رهيو آهي جڏهن پي پي جي خلاف نام نهاد نو ستارا اتحاد جڙيو هو جنهن جي اڳواڻي جماعت اسلامي ڪري رهي هئي ۽ اصل واڳ ڏٺين جي انهي اتحاد کي ڀرپور حمايت حاصل هئي. اصل واڳ ڏٺين پاپولر ڏر وٽان پنهنجا مفاد حاصل ڪري ڇڏيا هئا ۽ هاڻ اصل ڏر کي ان جي وڌيڪ ضرورت نہ رهي هئي ۽ ٻي طرف پاپولر ڏر عوام ۾ پنهنجو چڱو خاصو اثر قائم ڪري رکيو هو، وڏيرن جي اڪثريت پاپولر ڏر سان ٻيٺل هئي ۽ اهي وڏيرا پنهنجي اڳهاڙن غريب هارين ۽ مزدورن جي نمائندگي ڪري رهيا هئا. سنڌ جي وڏيرڪي طبقي جي مجبوري بنجي وئي هئي تہ اهي يا پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿين يا وري ماضي جو باب بنجي وڃن، صرف ڪي مشهور پيراڻيون گاديون ئي پيپلز پارٽي جي خلاف بيٺل هيون ۽ اهي پڻ ڪمزور پوزيشن ۾ هيون. ان وقت حيدرآباد جا ميربرادران اصولي بنيادن تي پٽي سان اختلاف رکي پيپلز پارٽي کان الڳ ٿي ويا. مير برادران جي الڳ ٿيڻ جو هڪ سبب پيپلز پارٽي جي اندر لابي ازم پڻ هئي، پيپلز پارٽي ۾ ان وقت پڻ لابيون هيون. مير رسول بخش ٽالپر کي وڏ وزارت تان هٽائي گورنر بڻايو ويو ۽ اتي وري ٻي اڳواڻ کي وڏو وزير مقرر ڪيو ويو. بهرحال ميرن وٽ ذاتي مفادن ۽ اختلافن کان هٽي ڪري اصول وڏي اهميت رکندا هئا، جيڪڏهن ڪير اڄ جيڪڏهن سوچي ٿو تہ مير ٽالپرن جو نالو نشان ختم ٿي ويو آهي تہ ان جو سبب پڻ اهو هو تہ انهن اصولن تي سوديبازي نہ ڪئي. مون کي اڄ پڻ ياد آهي جو مير برادران ٻين وڏيرن جي ڀيٽ ۾ ان وقت جي قائد جي ذهانت ۽ ڪرشماتي شخصيت

ڪان بلڪل خائف نہ هئا ۽ انهن جي اها جرئتمندي ئي ڪيس ان پاپولر قيادت ڪي پان نہ پئي. هڪ ڀيرو حيدرآباد ۾ صدر جي علائقي ۾ پي پي جو وڏو جلسو ٿيو جنهن ۾ حيدرآباد جي ڪجهہ وڏيرن جي چوڻ تي ڀٽو صاحب ميرن خلاف تمام گھڻو خفا ۽ گرم ٿيو هو ۽ ان پنهنجي جذبن تي قابو نہ ڪندي جلسي ۾ سرعام مير برادران جي خاندان بابت گھٽا لفظ پڻ ڳالهايا هئا، ميرن ان جي جواب ۾ مارڪيٽ چوڪ تي وڏو جلسو ڪيو ۽ اها ڳالهہ بہ رڪارڊ تي آهي تہ ان جلسي ۾ ماڻهن جي موجودگي صدر واري جلسي ڪان ڪيترائي دفعا وڌيڪ هئي، اڄ جيتوڻيڪ ڪتي ڪتي قومپرست پارٽيون پڻ پيپلز پارٽي ڪان وڏا جلسا ڪري وڃن ٿيون پر ان وقت اها ڳالهہ غير معمولي هئي، ماڻهن سمجهيو پئي تہ هاڻ مير برادران پڻ جواب ۾ گاريون ڏيندا پر ميرن جي عظمت اها هئي جو جلسي ۾ مير علي احمد ٽالپر ڀٽي صاحب کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "اي ڀٽا صاحب ! توهان کي ياد رکڻ گھرجي تہ اسان سنڌي آهيون ۽ اسان جي سنڌي ۽ بلوچ روايت آهي تہ اسان نياڻين کي مان ڏيندا آهيون، مٿي تي هٿ رکندا آهيون ۽ چُني اوڍائيندا آهيون، توهان جي گھرواري اسان جي ڀيڻ آهي ۽ تنهنجون نياڻيون منهنجون پڻ نياڻيون آهن، آئون انهن جي مٿي تي هٿ رکي سگھان ٿو پر انهن کي ڪڏهن بہ گاريون نٿو ڏئي سگھان." ان تقرير تي سڄي جلسي ۾ تاڙيون وڄي ويون ۽ ميرن کي تمام وڏي اخلاقي پذيرائي ملي ۽ ان لفظن ان وقت جي مخالفن کي ڪهي ڇڏيو. اڄ اسان جا اهي اڳواڻ جيڪي گارين جي ڏم لائي پاڻ کي تونگر سڏائي رهيا آهن انهن لاءِ اهو مثال پڻ ڪافي آهي تہ گارين ۽ چرب زباني جي اڳيان اصولي نقطہ نظر تمام ڳرو ثابت ٿيو آهي، ماضي ۾ ۽ هاڻي بہ.

مير جنهن سان جيترو پڻ رهيا اصولن جي بنياد تي رهيا، انهن پنهنجي خانداني روايتن کي ٽوڙي پنهنجا اصول قائم ڪيا، ڀين ميرن ڪان هي خاندان (گھٽ ۾ گھٽ اهي پئي ائر) باغي هئا. ڀٽي صاحب جي سوشلزم ڪان پڻ گھڻو وقت اڳ ان ميرن جي تڏي تي غريب ماڻهو پٽ تي نہ ويهندا هئا، ۽ جتيون لاهي هٿ ۾ پڌي نہ ويهندا هئا. مير هميشہ چوندا هئا تہ بابا توهان جي پگهر ۾ ڀنان اسان جو عياشيون پلجن ٿيون، توهان جا مٿي هاٿا پير جڏهن اسان جي اڳڻ تي پون ٿا تہ پوءِ اسان جي پيٽ جي بک اجهامي ٿي، سو ڀيڪو غريب طبقن کي برابري ۽ قدر جي نگاهہ سان نٿو ڏسي اهو انسان ئي ناهي. ڪافي وقت ڪو غريب ماڻهو پٽ تي ويهي رهندو هو يا جتي لاهي اندر ايندو هو تہ مير پاڻ ان کي هٿ سان اٿاري پنهنجي پر ۾ ويهاريندا هئا تہ ايئن ڪريو يار اهي ڪامريڊ مون سان وڙهندا. ڪامريڊ خورشيد ڪڏهن پڻ ڪنهن جنرل، مير، پير يا

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

وڏيري سان هٿ ملائڻ پڻ پسند نہ ڪندو هو پر مير رسول بخش ٽالپر ۽ علي احمد ٽالپر جي وڏي عزت ڪندو هو، هڪ ڀيرو ٽنڊو الهيار جي جلسي ۾ ان هٿ ڪٽي مير رسول بخش جي حمايت پڻ ڪئي هئي. مير رسول بخش ٽالپر عوامي ماڻهو هو جڏهن تہ مير علي احمد ٽالپر وڏو دورانديش ۽ ادب دوست انسان هو. ميرن جي ٽنڊو مير محمد واري بنگلي ۾ هڪ حصو ڪامريڊن جي رهائش لاءِ مختص هو جتي فيض احمد فيض، شهيد حسن ناصر ۽ خورشيد قائمخاني پڻ رهي چڪا آهن. مير علي احمد ٽالپر ڪي ڪتابن سان وڏو چاهہ هو.

جڏهن مير علي احمد ٽالپر ضيا جي ڪابينا ۾ وزير ٿيو تہ ان حيدرآباد ۾ اچڻ سان ئي پنهنجي پراڻي سنگت کي گهرايو تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي ڳالهہ ٻڌو تہ منهنجي ضمير جو بار پڻ هلڪو ٿئي، آئون پڻ هن جي وزارت واري دور ۾ ہہ يا ٽي ڀيرا هن سان ذاتي طور مليس، هڪ ڀيرو راولپنڊي ۾ ملاقات ٿي جنهن جو اڳ ۾ ئي ذڪر اچي چڪو آهي، حيدرآباد ۾ هن کي مون چيو تہ مير صاحب ڀهريان پاپولر ڌر ۾ شامل ٿيڻ جي غلطي ڪري وري آمريت جو ساٿ ڏيڻ جي غلطي ڪرڻ جو ڪهڙو منطق آهي؟ تہ هن جواب ڏنو تہ ڪامريڊ مون کي ذاتي طور گهرو وزارت سان ڪا دلچسپي ناهي، پر هڪ غلطي کان پوءِ ماڻهو وري پيرن پر نٿو بيهي ۽ وري وري غلطيون ڪرڻ تي مجبور ٿيو وڃي. هن اهو پڻ ٻڌايو تہ ذوالفقار علي ڀٽو جو باب بند ٿيڻ کان پوءِ ضياءَ هن جي خاندان کي پڻ ختم ڪري ڇڏيندو، آئون گهٽ ۾ گهٽ اهو چاهيان ٿو تہ سنڌي هئڻ ناتي ان جي خاندان کي ختم ٿيڻ کان بچائي سگهان، ڀٽي صاحب کي مون معاف ڪري ڇڏيو پر هن جي خاندان جي طرفداري ڪرڻ تي جنرلن اجلاس ۾ مون کي ڌڪا پڻ ڏنا آهن پر آئون هن جي خاندان جي پنهنجي وس آهر حفاظت ۽ حمايت ڪندو رهندس. هن اهو پڻ ٻڌايو تہ اسان ڀٽي صاحب جي حمايت يا مدد ڪري رهيا آهيون ان جي بيگم ڀٽو ۽ بينظير کي پورو احساس آهي پر اسان ڪنهن تي احسان جتائڻ يا احساس ڏيارڻ لاءِ نہ پر پنهنجي اصولن جي بنيادن تي انهن جي حمايت ڪندا آهيون.

مير برادران کي آئون انقلابي نٿو چوان پر اهي گهٽ ۾ گهٽ اصول پرست سياستدان هئا ۽ اڄ اهڙا اصول پرست سياستدان ڳوليا پڻ نٿا لڀن باقي خوشامدي ۽ مفادپرستي جي ڪا حد ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير رسول بخش ٽالپر سان آخري ڏينهن ۾ ملڻ جو ارادو ڪيم، ڏاڍا ڏورايا ڏنائين ته ڪامريڊ مون توهان سان هر وقت نڀايو پر صرف منهنجي سياسي فيصلن جي ڪري توهان سماجي تعلق پڻ ختم ڪري ڇڏيا آهن، مير علي احمد ٽالپر سان ته وزارت دوران پڻ مليا آخر مون کهڙو ڏوهه ڪيو جو ايڏي سزا ڏني اٿو؟ ته اسان هن سان آخري دور ۾ مليا سين. هڪ ڀيرو آئون هن جي ڪراچي واري رهائشگاهه تي ويٺو هئس شايد پهرين مئي جو ڏينهن هو مير رسول بخش جي ڀائيٽي هن سان فون تي منهنجو ذڪر ڪيو ۽ چيائين ته ماما فيضو وارا آيا آهن ته هن مون سان فون تي ڳالهه ڪئي ۽ چيائين ته اتي ئي ويٺا هجو مزدورن جو هڪ پروگرام آهي اهو ختم ٿئي ته پوءِ آئون ملان ٿو، اسان اجا اتي ئي ڳالهيون ڪري رهيا هئاسين ته اوچتو مير رفيق ٽالپر روئيندي پڌايو ته چاچا موڪلائي ويو آهي. هڪ ڪامريڊ ۽ انقلابين جي سچي همدرد جو وڇوڙو هڪ وڏو خال پيدا ڪري ويو ۽ ان کان پوءِ ان طبقي مان اڄ تائين اهڙو غريب نواز ۽ مزدور دوست سياستدان پيدا ناهي ٿيو. مير برادران حيدرآباد جا جهڙوڪ باني هئا، اردو سميت هر قسم جو لساني ۽ ثقافتي ٽوٽي مذهبي پس منظر ماڻهو توڙي زير زمين سرخا انهن جي حلقي ۾ شامل هئا، سنڌ ۾ اهڙي پئي ڪردار جو مثال شايد ئي هجي.

دليري ۽ جرئت اها هوندي هئي جو هنن ڀائرن سان ڪامريڊ کهڙي به جٽ ڪندا هئا يا شڪايت ڪندا هئا ته هو هميشه کلي برداشت ڪندا هئا پر ساڳئي وقت هو ٻين سياستدانن جيان ڀٽي صاحب جي ڪرشماتي شخصيت ۽ ذهانت کان ڪڏهن به مرعوب نه رهيا ۽ ڪيترن ئي موقعن تي هنن جلسن ۾ ڀٽي صاحب کي مخاطب ٿي چيو ته ڀٽا صاحب اسان سوشلزم جي جدوجهد ۾ تڏهن پڻ سرخن سان گڏ هئاسين جڏهن تون ايوب جي ڪچن ڪابينا ۾ ان جو دادلو وزير هئين. خير ڀٽو صاحب ته هجوم کي پنهنجي سحر ۾ وٺڻ جو ماهر سياستدان هو سو سائين ڳالهه اتي لٽي اجهي کان ٿيندي هندستان تائين هزار سالن جي جنگ جي اعلان تي ختم ٿيندي هئي، هڪ هٿ ۾ ماني جو ٽڪر کڻي اتي لٽي اجهي جا اعلان ڪيا ويندا هئا ته ساڳئي تقرير ۾ گاهه کائي ائٽم بم ٺاهڻ جا پڻ اعلانَ پيا ٿيندا هئا.

هڪ ڀيرو ميرن جي ٽنڊو مير محمد واري بنگلي تي ذوالفقار علي ڀٽو ترسيل هو ۽ رات جو جلسي کان پوءِ هن حيدرآباد جي ڪامريڊن (سرخن) سان ملاقات جي خواهش ڏيکاري ته مير رسول بخش ٽالپر اسان کي دعوت ڏني ته بابا توهان پنهنجي ڳالهه رکجو

www.sindhsalamat.com　　books.sindhsalamat.com

پر هن سان ملاقات ضرور ڪريو، اسان ڪافي دوست پنهنجو صاحب سان مليا سين ته هن چيو ته بابا هاڻ ڪامريڊ پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي رهيا آهن ۽ عوام جو حقيقي پروگرام صرف پيپلز پارٽي وٽ آهي ۽ عوام جي وڏي حمايت پڻ اسان سان آهي ۽ آئون چاهيان ٿو ته هاڻ توهان پڻ اسان سان گڏ شامل ٿي جدوجهد ڪريو. پيتي صاحب جي انهي فرمائش تي اسان جهڙن ڪيترن ئي مٿي ڦريلن پيتي صاحب کي ان ئي ميٽنگ ۾ ست سريون پڌايون ته هي جماعت شخصي ۽ ڪرشماتي آهي ۽ انقلابي تنظيم ڪڏهن پڻ نٿي ٿي سگهي توهان گهٽ ۾ گهٽ اسان جي قافلي جي همدرد مير برادران مان هٽ ڪيو جيڪي اسان کان ٽوڙي ويا آهيو. پيتي صاحب ان تلز ڪلامي ۽ گرم ماحول کي پنهنجي مخصوص انداز سان مذاق ۾ ختم ڪندي مير پاٽرن کي چيو ته "مير صاحب آپ ان سرخون ڪو ڪس طرح ساتھ لي چلتي هو؟" ته مير علي احمد تالپر ان ئي انداز ۾ جواب ڏنو ته "پيتا صاحب هم ني ڪبهي بهي ان سرخون ڪو پيپلز پارٽي مين شموليت ڪي دعوت نهين دي هي. بس يہ هي سبب هي جو يہ لوگ هماري ساتھ هين."

حيدرآباد جي تالپر برادران جي ذاتي مهربانين جو ذڪر نه ڪرڻ احسان فراموشي ٿيندي، ٽوٽي جو اهي جاگيردار طبقي سان تعلق رکندا هئا پر اصولي طور ڪامريڊن سان ذاتي ساٿ نه ڇنيائون، شهيد حسن ناصر جو لاش پڻ مير رسول بخش تالپر وصول ڪيو هو ۽ اهي پٺي پاءُ ڏکي سکي ۾ پنهنجي ڪامريڊ ساٿين جي پرگهور لهندا هئا. مير رسول بخش تالپر مون سان تمام گهڻو ويجهو هوندو هو پر جڏهن هن مون کي پي پي پي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ چيو ته مون آخر تائين هن سان نه ڳالهايو. مير علي احمد تالپر پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيو ۽ پوءِ وري جنرل ضياءَ جي ڪابينا ۾ پڻ وزير رهيو اهي فيصلا هن جي طبقي جي مفادن پٽاندر هئا، ظاهر آهي ته هو وڏيرڪي خاندان سان واسطو رکندو هو. هر وڏيرو فيڊل ڪاسترو نٿو ٿي سگهي ۽ نه ئي هر سرمائيدار اينگلس ۽ حسن ناصر ٿي سگهي ٿو ايئن جيتوڻيڪ حيدرآباد جا مير برادران پنهنجي طبقي کي ڇڏي نه سگهيا پر هنن ذاتي حوالي سان ئي سهي پر پنهنجي ڪامريڊ دوستن سان ڀرپور نڀايو، پوءِ اها الڳ ڳالهہ آهي ته مون سميت انهن جي اڪثر دوستن ڪانئن ذاتي مراعتون حاصل نه ڪيون. جنرل ضياءَ جي دور ۾ آئون هارين جي حقن لاءِ سرگرم هئس ۽ اصل قوتن منهنجو فائيل ڳاڙهي مٿس ڳاڙهي رنگ جو دائرو پائي ڇڏيو، اهي رپورٽون مير علي احمد تالپر وٽ ويندڙيون هيون جيڪو ان وقت وفاقي گهرو وزير هو. ڪنهن پروگرام ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آئون راولپنڊي هئس ۽ هن کي جڏهن اها خبر پئي ته پنهنجي گاڏي موڪلي مون کي پنهنجي آفيس گهرايو ۽ اتي ڪجهہ وقت چانهہ پيئڻ کان پوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو مون کي شام جو عمارت جي ڇت تي وٺي ويو ۽ چيائين ته ڪامريڊ پنهنجو خيال رکجان، اها ڳالهه آئون تو سان اتي ڪري نه سگهيس ڇاڪاڻ ته پتين کي به ڪن آهن. اهي لفظ چوندي ٿي هن جي اکين ۾ ڳوڙها وهي آيا ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين ته ڪامريڊ ڪيڏو نه سٺو ٿئي جو اسين پاپولرازم جي ور نه چڙهون ها ۽ نه وري آمريت جي پيرن ۾ ڪري پئون ها، اسان کي توهان ڪامريڊن تي رشڪ اچي ٿو جيڪي اڄ پڻ عشاق جي قافلن ۾ همسفر آهيو. اهي لفظ ٻڌي مون کيس ٿو ڪيندي چيو ته مير صاحب تنهنجو ڏوهه ناهي اسين امير ماڻهو آهيون ۽ ميمبري ۽ وزارتن کان سواءِ پڻ گذر سفر ٿئي پيو تون مسڪين ماڻهو آهين ان ڪري تو تي ڪا ميار ناهي. منهنجي انهي ٽوڪ تي هو نه خفا ٿيو ۽ نه ٿي ڪجهه ڳالهايائين پر سندس اکين جي زبان آئون سمجهي ويس ۽ هن کان موڪلائي واپس سنڌ آيس.

****

چمبڙ ۾ هارين جي بغاوت ۽ هاري جدوجهد

هاڻ ڪجهه ذڪر چمبڙ جو بہ ڪندو هلجي، چمبڙ ۾ هارين جي بغاوت اسان جي طبقاتي جدوجد جي جديد تاريخ ۾ هڪ وڏو واقعو آهي پر بدقسمتي سان ان بابت ڪافي گهٽ ماڻهو ڄاڻ رکن ٿا. چمبڙ ۾ هارين بغاوت ڪندي ٿاڻن، سرڪاري عمارتن ۽ زمينن تي قبضو ڪري ورتو. هارين پنهنجو قانون لاڳو ڪندي هاري ڪورٽون پڻ ٺاهيون. هاري ڪورٽن جو چيف جسٽس ڪامريڊ احمد علي لغاري کي مقرر ڪيو ويو جيڪو حال حيات آهي. ان بغاوت جي نتيجي ۾ جاگيردار طبقو بوکلائجي ويو، ان بغاوت جو مرڪز چمبڙ ويجهو نصير مدواڻي جو ڳوٺ هو. ان بغاوت جي نتيجي ۾ پوري سنڌ جا جاگيردار متحد ٿي ويا ۽ پوءِ رياستي ادارن جي مدد سان هارين تي حاوي ٿيڻ ۾ ڪامياب ويا. هارين کي ان بغاوت جي وڏي قيمت چڪائڻي پئي. سوين هارين کي وونٽڻ جي ڪاٺين جي باهہ ۾ سرعام زندهہ ساڙيو ويو. اڄ پڻ ان واقعي جا متاثر ۽ اکين ڏٺا شاهد حياتي پڻ آهن.

آئون ان وقت پنجاب ۾ هئس ۽ ڪافي سالن کان پوءِ اچي پراڻن ڪامريڊن کي ڳولي هٿ ڪيو سين ۽ ٽنڊوالهيار ۾ اسان ڊاڪٽر غلام قادر نظاماڻي جي جاءِ تي پنهنجو ٺاڪ ٻڌايو. مون ان دور جي يادن کي سهيڙڻ لاءِ گڏريل مهيني چمبڙ جو چڪر پڻ لڳايو پر اسان جا ماڻهو پنهنجي ماضي جي سانحن کي ياد ڪرڻ جي ست نٿا سارين. ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. ڪافي دوستن تہ اهو پڻ چيو تہ بس هاڻ ماضي جي ڦٽن کي نہ کولڻ گهرجي. جيڪو بہ ٿيو تمام برو ٿيو. بهرحال منهنجي اسان جي ڪاهوڙي دوست اسحاق مگرئي کي گذارش آهي تہ هو ان واقعي جي تحقيقياتي رپورٽ ڪري تہ جيئن اسان جو نئون نسل ۽ سياسي پيڙهي پڻ ماضي جي تحريڪن مان تجربو حاصل ڪري سگهي.

هارين جي بغاوت کي بي دردي ۽ ظلم سان چيپاتيو ويو، توهان اندازو ڪريو تہ جنهن بغاوتؔ جي سزا جاگيردار طبقيَ ۽ ان جي ساٿاري رياست هزارين هارين تي بدترين انسانيت سوز تشدد ڪري ڏنو ۽ سوين هارين کي زندهہ ساڙيو ويو ۽ ان ئي علائقي ۾ وري ڪجهہ وقت کان پوءِ هارين کي پيهر منظم ڪري جاگيردارن جي سامهون بيهارڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي. آئون ان جدوجهد ۾ پيهر ايار جو ڪريڊٽ ڪامريڊ حسين بخاري، ڪامريڊ احمد علي لغاري، ڪامريڊ صديق پنهور، ڪامريڊ خورشيد قائمخاني، ڪامريڊ حاجي محمد خاصخيلي، ڊاڪٽر غلام قادر نظاماڻي سميت چمبڙ جي هاري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊن کي ڏينڊس. جيتوٽيڪ ان وقت زخم تمام تازا هئا پر اسان وري هارين کي منظم ڪري پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد جو سفر شروع ڪيو. ان واقعي جو ان وقت عالمي برادري ۾ پڻ پڙاڏو گونجڻ لڳو، بي بي سي سميت عالمي ميڊيا پڻ ان واقعي کي وڏي ڪوريج ڏني ۽ روس (ان وقت سويت يونين) ۾ ته ان تي قومي اخبارن ۾ اداريا ۽ ايڊيشن پڻ شايع ٿيا هئا.

مون محسوس ڪيو ته جاگيردار اسان جي جدوجهد خلاف تمام گهڻا خبردار هوندا هئا پر جاگيردارن جي نفسيات اها هوندي آهي ته هو پنهنجي ظاهري ڏيکاءَ جي ابتڙ حقيقت ۾ انتهائي گيدي ۽ ياڙيو پڻ هوندو آهي. هارين تي جاگيردارن جي تمام گهڻي نظر هوندي هئي پر اهي هاڻ اڳ وانگر اڳرائيپ لاءِ تيار نه هئا ۽ انتهائي خوفزده پڻ هئا. اسان پڻ پنهنجي اجتماعي حقن ۽ هارين کي منظم ڪرڻ لاءِ زير زمين ڪم رهندا هئاسين. جاگيردارن جو هٿيار انهن جي اقتداري طاقت، رياستي ادارا ۽ انهن جو محڪوم ماڻهن تي طاري ٿيل خوف ٿي آهي پر جڏهن اهو خوف ختم ٿي للڪار بنجي اچي ته پوءِ اهو ساڳيو خوف حڪمران طبقن کي وڪوڙي ويندو آهي ۽ پوءِ سمورن وسيلن جي باوجود هو بوکلائجي ويندا آهن.

حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته ان بغاوت جي اهم ڪردار کي اسان پوءِ وارن سالن ۾ سبق پڻ سيکاريو. جيتوٽيڪ اهو معاملو ذاتي هو پر ان جو سماج سان پڻ تعلق هو. اسان جا جاگيردار پنهنجي عياشي لاءِ رکيلون ۽ ڪنيزون ويهارين ٿا ۽ انهن مان اولاد پڻ ٿيندو آهي جنهن کي ڪي ڪو به حق نه ڏنو ويندو آهي ۽ اهي ڪهاڻيون آخرڪار دبجي يا دفن ٿي وينديون آهن. ايئن ٿي ان جاگيردار سان ٿيو جنهن وٽ ڪولهي ذات جي هڪ رکيل ويهاريل هئي ۽ ان مان ڪيس ٻن پٽن جو اولاد پڻ ٿيو پر اهي ويچارا گڏهه گاڏي تي سڄو ڏينهن مزدوري ڪندا هئا ۽ ٻين هارين وانگر پيا گاهه پنو ڪندا هئا. مون کي جڏهن اها خبر پئي ته انهن ٻائرن سان دوستي رکيم ۽ ماٺ ميٺ ۾ انهن جا شناختي ڪارڊ وغيره ٺهرائي ڏنم، ان دور ۾ انهن جو والد (جيڪو مشهور جاگيردار هو) پڻ حال حيات هو. جڏهن ڪيس چيم ته توهان کي پنهنجي حق جي زمين ونرائي ڏيندس ته همراهه حيران ٿي ويا ته ايئن به ٿي سگهندو ڇا؟ پوءِ اسان هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڪئي ۽ هڪ وڏي جنگ ڇڙي وئي، مون کان منهنجا ويجها دوست پڻ ناراض ٿي ويا ايتري قدر جو ڪامريڊ خورشيد قائمخاني پڻ مون سان ڳالهائڻ ڇڏي ڏنو ۽ چيائين ته تون هرو ڀرو زميندارن جي ذاتي چڪرن ۾ اچي ويو آهين پر مون ڪنهن جي به پرواهه نه ڪئي. ڳوٺ ۾ ۽ پوري علائقي ۾ منهنجي پويان چاڙتا بچيا ويا ته ڪنهن به صورت ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون کي ختم ڪيو وڃي پر مون کي پاڻ کان وڌيڪ انهن ٻن ٻائرن جو فڪر هو سو انهن کي حيدرآباد ۾ هڪ محفوظ جاءِ تي پناهه ڏنم، هاڻ ڪورٽ ڪيس اڪلايو ته اهو جاگيردار سمجهي ويو ته هاڻ فيصلو هن جي خلاف ايندو سو مون ڏانهن منهنجي هاري ڪامريڊ دوستن هٿان چورائي موڪليائين ته جيئن توهان چاهيو تا ايئن ئي ٿيندو پر مهرباني ڪري ڪيس تان هٿ کڻو ۽ هڪ ٻئي مير زميندار جي امانت ۾ راجوٽي فيصلو ڪيو وڃي. اها ڳالهه اسان ٻڻ قبول ڪئي ۽ ڪجهه شرط رکياسين ۽ پوءِ مير صاحب ٻڻ انهن ٻائرن جي حق ۾ فيصلو ڏنو ۽ اڄ اهي اوتري ئي زمين رکن ٿا جيتري ان زميندار جي اڳوٽي زال جي اولاد وٽ آهي. ان وقت روايت هئي ته رکيل جو اولاد ڪو به حق نٿو رکي. ان زميندار ٻڻ اڳ ۾ چيو هو ته اهي منهنجي دين مان ٻڻ ناهن ۽ اها منهنجي عياشي هئي پر ڪيس اها عياشي ڏاڍي ڏکي ثابت ٿي ۽ ان کي جهٽڪو پيو. ان دوران جيڪو به خرچ پکو ٿيو سو پنهنجي کيسي مان ڪيم، انهن ٻائرن کان هڪ روپيو به نه ورتم. مون اهو واقعو لکڻ نٿي چاهيو پر جيئن ته اسان جي پڙهندڙن کي اندازو ٿئي ته زميندارن ۽ جاگيردارن جي نفسيات ۽ انهن جا اخلاقي قدر ڇا آهن ان ڪري اهڙن واقعن جي نشاندهي ڪرڻ انتهائي ضروري ٻڻ سمجهان ٿو.

ان واقعي کان پوءِ آس پاس جي زميندارن ٻڻ ڊپ مان پنهنجون رکيلون ۽ انهن جو اولاد پنهنجي حويلين مان ڪڍي پنهنجي جوءِ مان ئي ٻجائي ڇڏيو ته متان اهي ڪامريڊ انهن کي اڳيان آڻي اسان جون زمينون هڙپ نه ڪري وڃن.

هڪ ڏينهن آئون ٽنڊوالهيار ناڪي تي بس جي انتظار ۾ بيٺو هئي ته هڪ پوڙهي عورت ڊوڙي منهنجي سامهون آئي ۽ چيائين ته قلاٽي وڏيري منهنجا ٻار غائب ڪري ڇڏيا آهن ۽ مون کي حويلي مان ٻاهر تڙي ڇڏيائين. ڪافي ڳولا ڪئي سين پر اهي نه مليا ۽ اها عورت ٽنڊي الهيار، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد جي رستن تي ڌڪا کائيندي رهي ۽ آخرڪار فوٽ پاٿ تي ئي پنهنجي زندگي جو سفر ختم ڪري ويس. اهڙيون ڪيترين ئي ڪهاڻيون پنهنجي اکين سان ڏٺم ۽ ان مان جنهن عذاب جو احساس ٿيندو هو اهو ئي عذاب مون کي محنت ڪش طبقي جي سفر ۾ اڳتي ڌوڪيندو رهيو.

گذريل مضمون ۾ هارين جي حالت بابت ڏور ماضي ڏانهن هليا ويا هئا سين، هارين ۽ مزدورن تي ظلم ان دور ۾ ٻڻ هو پر هاڻ ته اهو ظلم گهٽجڻ جي بدران ويتر وڌيو آهي ۽ وڏي ڳالهه اها آهي ته اڳ ۾ انهي ظلم خلاف ڪٿي موثر ته وري ڪٿي نالي ماتر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحريڪ يا جدوجهد جو وجود ضرور هوندو هو پر هاڻ اهي دڳ پڻ بند ٿي چڪا آهن. مون کي ياد آهي ته حيدرآباد ۾ زيل پاڪ فيڪٽري جي ورڪر فيڊريشن جي حمايت يافته ٽريڊ يونين مزدورن جي جدوجهد ۾ تمام گهٽي اڳيري هئي. ڪجهه جماعتي ماڻهو پڻ هئا جيڪي هر سال ٽريڊ يونين جي اليڪشن ۾ بيهندا هئا پر ڪين ڪڏهن پڻ ڪاميابي نصيب نه ٿي. مزدور سياست ۾ انهن کي سرڪاري ڪارندا سمجهيو ويندو هو ۽ حقيقت ۾ پڻ ايئن ئي هو انهن همراهن کي اصل قوتن توڙي پوليس ۽ سي آءِ ڊي جي حمايت هوندي هئي. 1967ع واري دور ۾ آئون حيدرآباد ۾ پڻ ڪافي سرگرم هئس. ان وقت ورڪر فيڊريشن ۾ سرگرم ڪردار ڪامريڊ خاموش گل ختڪ جو هو پر بعد ۾ اهو همراهه پڻ ڌڙابندي جو شڪار ٿيو ۽ پنهنجي الڳ يونين ٺاهي ويهي رهيو. هاڻ پڌو اٿم ته ڪامريڊ تمام گهڻو سولو ۽ خوشحال آهي. هڪ واقعو ياد اچي رهيو آهي ته هڪ ڀيرو زيل پاڪ جي مزدورن جو جلسو ٿي رهيو هو ۽ ان وقت حڪومت پمفليٽن ۽ لائوڊ اسپيڪر تي پابندي جا حڪم جاري ڪيا هئا پر مزدورن جي جدوجهد تي اهي حڪم اثر انداز نه ٿي سگهيا. ڪامريڊ رات وچ ۾ پوري شهر ۾ پمفليٽ هٽي ايندا هئا. اهڙن موقعن تي وري منهنجا آئيڊياز ڪم ڏيکاري ويندا هئا. جيتوڻيڪ آئون فيڊريشن جي مرڪزي باڊي ۾ هوندو هئس پر مزدورن جي ڪنهن فيڪٽري واري ٽريڊ يونين ۾ ڪم مهل پهچي ويندو هئس. اسان جو زيل پاڪ وارو جلسو منجهند جو شروع ٿيو ۽ اسان فيصلو ڪيو ته مزدورن ۾ پنهنجي طاقت جو احساس محسوس ڪرائڻ لاءِ مزاحمتي طريقو اپنائجي سو مزدورن پوليس کي پنهنجي طاقت جي زور سان زيل پاڪ جي حدن ۾ داخل ٿيڻ ئي نه ڏنو ۽ انتظاميه بيوس بڻجي وئي ته ٻي طرف جلسي کي منتشر ڪرڻ لاءِ جماعتي همراهه پڻ سرگرم ٿي ۽ انهن سوزڪين ۾ لائوڊ اسپيڪر لڳائي اعلان ڪرڻ شروع ڪيا ته حڪومت لائوڊ اسپيڪر تي پابندي لڳائي رکي آهي پر ورڪر فيڊريشن ان جي خلاف ورزي ڪري سرعام لائوڊ اسپيڪر جو استعمال ڪري رهي آهي. ڪل جوڳي ڳالهه اها ته اهي همراهه پڻ لائوڊ اسپيڪر تي اهي اعلان ڪري رهيا هئا. اسان جي ڪجهه دوستن وري اها اٽڪل ڪئي جو عام مزدورن جي روپ ۾ وڃي سي آءِ ڊي وارن کي چيائون ته اهي سوزڪين تي ورڪر فيڊريشن خلاف پروپيگنڊا ڪندڙ حقيقت ۾ ورڪر فيڊريشن جا ئي همراهه آهن سو شهر ۾ پوليس ۽ سي آءِ ڊي وارن انهن جون گاڏيون ۽ ماڻهو گرفتار ڪرڻ شروع ڪيا ۽ سوزڪين وارا پڻ انهن کي ڇڏي ڀڄڻ تي مجبور ٿيا. جماعت وارا همراهه ڏاڍا ڊسٽرب ٿيا هڪ طرف اهي جلسي کي منتشر ڪرڻ واري ٽارگيٽ کي حاصل ڪري نه سگهيا ته ٻي طرف غلط فهمي ۾ انهن جا ماڻهو ئي پوليس جي ور چڙهي ويا، ڪين سٽت ئي ڇڏيو ويو پر انهن گرفتارين

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

جو انهن کي اندازو پڻ نه هو ۽ ڏاڍو الجهي پيا. ٻي طرف ورڪرز فيڊريشن جو جلسو رات دير تائين جاري رهيو.

حڪمران توڙي رياستي ادارا پڻ ان دور ۾ مزدورن جي جدوجهد کان ڏاڍو چرڪيل هوندا هئا ڇاڪاڻ ته ڪي عام مسئلا ۽ جلسا پڻ ڪڏهن ڪڏهن وڏي تحريڪ جو رخ وٺي ويندا هئا ۽ اها تحريڪ پوري ملڪ ۾ ڦهلجي مزدورن کي منظم ڪري ويندي هئي. ان ئي دور ۾ هڪ کان وڌيڪ اهڙيون هڙتالون ٿيون جنهن ۾ سيني ڪارخانن ۽ ادارن جي مزدورن حصو ورتو ۽ پورو سماج جام ٿي ويندو هو. ٽنڊو مير محمد کي ان وقت ڊيڊ ڪالوني پڻ سڏيو ويندو هو ڇاڪاڻ ته اهو علائقو تمام پوئتي پيل ۽ غريب مزدورن جو علائقو هو ۽ وري جو مير برادران جي پڻ مزدور تحريڪ سان همدردي هوندي هئي ان ڪري اها ڪالوني انقلابين جي لاءِ محفوظ جنت جيان هئي. جيتوڻيڪ ٽنڊو ميرمحمد ۾ پوليس، سي آءِ ڊي ۽ ملٽري وارن جا اتالا مزدور اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ايندا رهندا هئا پر ان ڪالوني جي ماڻهن جي ڪامريڊن سان وڏي همدردي هوندي هئي ۽ انهن کي پناهه ڏيڻ ۽ اهلڪارن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي خاص مهارت پڻ منجهن موجود هئي.

ان دور جي ان اثرائتي مزدور جدوجهد جي ايار ۽ پوءِ وري زوال تي ڪافي ڪجهه لکجي پڻ رهيو آهي پر اسان اهي ئي ڳالهيون پنهنجي يادگيرين جي سلسلي ۾ ڪندا سين جن مان پاڻ گذريا آهيون ۽ يا پنهنجي اکين سان ڪجهه ڏٺو يا محسوس ڪيو آهي.

ان وقت ڪجهه سرگرم رهندڙ ڪارڪن آخرڪار مايوس ٿي گهر ويهي رهيا ۽ انهن مان اڪثريت ڪڏهن پڻ ردانقلابي قوتن جي ساٿاري نه بڻي پر ڪجهه اهڙا به همراهه هئا جيڪي اصل قوتن سان سمجهوتو ڪري ٻاهرئين ملڪ هليا ويا ۽ اتي اڄ ڪلهه وڏي ڪاروبار جا مالڪ آهن. اهو رجحان نه صرف اسان جي ملڪ ۾ پر سموري دنيا جي ٽريڊ يونينن جي اڳواڻن ۾ هو، آفريڪا جي ٽريڊ يونينن جا اڳواڻ ته هاڻ وڏا سرمائيدار بڻجي چڪا آهن ۽ اهو ئي حال اٽلي سميت مغربي ملڪن جي ڪامريڊن جو هو. اسان وٽ ڪميونسٽ پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪن ۾ خليج شروع کان وٺي قائم رهيو، امام نازش تي ڪٽي ڪيتري تنقيد ڪجي پر هن کان وڌيڪ ردانقلابي ڪردار اسان جي ڪرتا ڌرتا ۽ ڪميونسٽ پارٽي ۾ اچي ڪاري جو مالڪ پروفيسر جمال نقوي جو هو جنهن کي اسان ڪميونسٽ پارٽي ۾ ڪامريڊن کي قاسائڻ ۽ پڇائڻ جو ماهر سمجهندا

هئا سين. هن امام نازش سميت ڪيترن ئي اڳواڻن کي روپوشي تي مجبور ڪري ڪميونسٽ پارٽي ۽ انهن جي زيلي ورڪر فيڊريشن سميت مڙني ادارن تي پنهنجي هڪ هٽي قائم ڪري ورتي ۽ افسوس جو اڄ اهو همراهه ڪاپي ڏر جي پاليسين ۽ نظرين تي پراسچت ڪري رهيو آهي ۽ پڇتاءُ تي پڌل ڪتاب تحرير ڪري رهيو آهي. ڪميونسٽ پارٽي 1970ع کان پوءِ پڃ ڏاهه جو شڪار تي هڪ طرف ان کي ڏڙن ۾ ورهايو ويو ۽ ٻي طرف سرڪاري ماڻهن اچي ڪميونسٽ پارٽي جي قيادت تي قبضو ڪيو ۽ اهو اڄ تائين جاري آهي.

مون کان ڪچهرين ۾ دوست اهو پڇن ٿا تہ جڏهن ڪميونسٽ پارٽي جو ايترو اثر هوندو هو جو هو حڪمران طبقي ۽ رياست جا ڏند کٽا ڪري وجهندي هئي تہ پوءِ اهو ڪيئن ممڪن ٿيو جو اڄ اها حڪمرانن لاءِ ڪو بہ خطرو محسوس نٿي ٿئي تہ منهنجو عرض اهو ئي آهي تہ ڪميونسٽ پارٽي جي خلاف حڪمران طبقن هڪ ڪان وڏيڪ محاذن تي جنگ جاري رکي ان کي سوڙهو ڪيو، هڪ طرف رجعتي ڏر پاهران حملا ڪري رهي هئي پر ان ڪان وڏيڪ قيادت جون ذاتي ڪمزوريون پڻ هڪ وڏو محرڪ هيون. هي اها ئي پارٽي هئي جنهن حڪمران طبقي کي هڪ طرف شاگرد جدوجهد ذريعي للڪاريو تہ ٻي طرف مزدورن جي جدوجهد ۽ هارين جي بغاوت سبب حڪمران جون وايون بتال ڪري رکيون هيون، ان ئي ڪميونسٽ پارٽي ۾ شهيدن جون قربانيون پڻ شامل هيون. ڪنهن مفڪر جو قول آهي شايد ڪارل مارڪس چيو هو تہ جڏهن حڪمران طبقا منظم هوندا تہ غريب ۽ استحصال جو شڪار طبقا بري طرح منتشر هوندا آهن ۽ جڏهن اهي غريب ۽ محنت ڪش طبقا منظم ٿيندا آهن تہ پوءِ حڪمران طبقا بوکلائٽ جو شڪار بنجي منتشر ٿيڻ شروع ٿيندا آهن. ان وقت بلڪل ايئن ئي هو حڪمران طبقا انتهائي بوکلائٽ جو شڪار هئا پر انهن اسان جي ڪمزورين مان فائدو وٺي هر محاذ تان وار ڪرڻ شروع ڪيا، هڪ طرف ان طبقي ئي پاپولر سياست ذريعي عام ماڻهن کي پنهنجي سحر ۾ گرفتار ڪيو ۽ جيتوڻيڪ اها سياست ۽ پاپولر پروگرام بلڪل انقلابي پروگرام جو ڏيکاءُ ڏيندو هو پر اڄ تائين عام ماڻهن جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪامياب ناهي ٿي سگهيو. ان ئي پاپولر ڏر جي ڪاميابي حقيقت ۾ ڪاپي ڏر جي شڪست هئي، ڪاپي ڏر جي قيادت اسٽيٽسڪو کي برقرار رکڻ چاهيندي هئي. دانشور نالي مخلوق جيڪا مڊل ڪلاس مان هئي، ان قيادت تي قبضو ڄمائي رکيو هو، مون کي ياد آهي تہ بلوچستان ۾ هڪ همراهه هوندو هو جنهن جي ذات ڪا ٻي هئي پر هو ميمڻ جي نالي سان مشهور ٿيو اهو بلوچستان ڪميونسٽ پارٽي انچارج هو ۽ اهو ئي محاذ هو جنهن تان روبل نازل ٿيندا هئا، توڙي جو اهي مزدورن جي جدوجهد کي تيز

ڪرڻ جي مقصد لاءِ هٿا پر هن همراهه پنهنجي ذات کي مضبوط ڪرڻ شروع ڪيو ۽ ٻاهرين اخلاقي توڙي سياسي مدد پارٽي جي ڪم اچي نه سگهي. قيادت کان مقصد ڇڏائجي ويا ۽ ايستائين جو ڪميونسٽ پارٽي تي بندش دوران حيدرآباد ۾ نعپ جو هڪ اجلاس ٿيو جنهن ۾ قيادت گرمين جو عذر ڏئي سنڌ ۾ ڪم کي محدود ڪرڻ ۽ ٽين علائقن ۾ سرگرميون ڪرڻ جو حماقتي فيصلو پڻ رکيو. ان وقت ئي اسان جهڙن ڪارڪنن واضع ڪيو ته اها پارٽي هاڻ مشڪل سان ئي هلي سگهندي ۽ اهو خال ٻيون ڌريون اچي ڀرنديون ۽ اڄ اهو ثابت ٿي رهيو آهي جو رجعتي ۽ انتهاپسند ڌريون ٿر، لاڙ ۽ ملڪ جي ڏورانهين علائقن ۾ مضبوط ٿي رهيون آهن پر اسان جون ڪاٻي ڌر جون تنظيمون مري ۽ آزاد ڪشمير ۾ مارڪسي اسڪول هلائي رهيون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڪينجهر تي پڪنڪ پارٽي جي آڙ ۾ اسان جا نازڪ نفيس سرخا انقلاب جي آبياري تا ڪن باقي سڀ خير آهي. منهنجو ذاتي خيال آهي ته ڪميونسٽ پارٽي جي زوال ۽ ڪاٻي ڌر جي پوئتي هٽڻ جي شروعات پاپولر ڌر ۾ ئي ٿي چڪي هئي، سويت يونين جي ختم ٿيڻ سان ان کي ڳنڍڻ صحيح نه ٿيندو. اسان عام ڪارڪن ئي هٿا سين ۽ اڄ تائين ڪميونسٽ اڳواڻ جي بدران پاڻ کي پرولتاري ئي سمجهون ٿا، اسان کي پورو يقين آهي ته انقلاب اهي ئي آڻيندا جن کي ان جي ضرورت آهي ۽ اهو پڻ ته انقلاب اسان جي حالتن ۽ سماجي رشتن سان ئي ڳنڍيل آهي پر اسان جي دوستن ڪڏهن ان کي ماسڪو ماڊل ته ڪن وري بيجنگ ماڊل طور پيش ڪيو جيڪو ڪڏهن پڻ شرمنده تعبير ٿي نه سگهيو ۽ نه وري ايئن ٿي سگهندو.

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي هاري حقدار تحريڪ يا سنڌ هاري ڪميٽي جي محاذ تان هارين کي ڪجهه حق مليا ۽ ٻي وڏي ڳالهه اها ته هارين کي پنهنجي طاقت جو احساس پڻ ٿيو پر اڄ اسان وٽ هاري طبقو ختم ٿي ويو آهي ان جي جاءِ ڪيت مزدور ورتي آهي، ڪيت مزدورن کي ته نالي ماتر هارين جا حق پڻ ميسر ناهن ۽ معمولي اجرتن تي هاري جو پورو خاندان ڏهاڙي مزدور بڻجي چڪو آهي. هن نظام ۾ هر شي جو بنياد منافعي تي هجي ٿو ۽ اسان، ان ترقي کي پڻ منافعي جو چار سمجهون ٿا جيڪا اسان تي مڙهي وئي آهي. ٽانگو ختم ٿيڻ سان نه صرف ٽانگي وارو بيروزگار ٿيو پر گهوڙا به ختم ٿيا ته ڳاهه پنو ڪرڻ وارا مزدور پڻ ختم ٿي ويا ۽ ڪيترن ئي ماڻهن جو روزگار ختم ٿيڻ الميو آهي پر ان جي جاءِ هڪ سي اين جي پمپ جي مالڪ ورتي آهي جيڪو وڏي آرام سان منافعو ڪمائي رهيو آهي. اهو ئي حال مزدورن جو آهي اڄ جيتوڻيڪ مزدورن جو وجود آهي پر اهو پڻ پنهنجي اجوري کان انتهائي گهٽ قيمت تي پنهنجو پورهيو يا پورهئي جي صلاحيت وڪڻي رهيا آهن. هزارين فيڪٽرين ۾ مزدورن کي ٽريڊ يونين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناھڻ جو حق ميسر ناهي ۽ اهو ئي سبب آهي ،جو هاڻ مزدور پنهنجي جائز حقن کان پڻ محروم آهن.

مزدورن جي تحريڪ ۾ مون کي انسپائيريشن نہ پئي ملي آهستي آهستي ٽريڊ يونين جي اڳواڻن جي درميان ڪشمڪش ۽ غدارين ۽ بيوفاين جي نہ ڪتندڙ سلسلي مون کي مايوس ڪري ڇڏيو. ڪافي دوست اهڙا بہ هئا جن انقلابي تحريڪ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو پر اهي پڻ وڪامي ويا، وڪاڻا بہ ٽڪي جھ"ي قيمت تي اهو پڻ انهن سان الميو هو. اڄ پڻ هڪ پراڻو ڪامريڊ ڏڪا ڪائي رهيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن خبرون اچن ٿيون تہ اهو ڦلاڻي گروپ ۾ ويو تہ ڪڏهن وري ڪنهن گروپ يا پارٽي ۾ وڃي ٿو. ان ہمراھ جي وڏي حيثيت هئي. ڪامريڊ آخر تئي ۽ پڇي پور تي ويا. جنهن همراھ جو پاڻ ذڪر ڪري رهيا آهيون ان جي حيثيت عالمي اڳواڻ پور مشهور ٿي وئي هئي پر پوءِ هو ويمي جي ڪمپنين جو پرچيون ڪٽي وڏيرن جي زندگي جي انشورنس ڪرڻ تائين پڻ لهي آيو هو تہ حڪمران جماعت ۾ خيراتي صلاحڪار پڻ ٿيو. اها ذاتي تنقيد نہ پر اسان جي تاريخ جو هڪ الميو آهي. هڪ پيو همراھ پڻ هو جيڪو بعد ۾ سرخن جي مخبري ڪرڻ ۽ ٽريڊ يونين جي تحريڪ خلاف اصل ڏرين جو ساٿاري ٿي بيٺو ان جي اڄ پڻ حيثيت هڪ ايس پي واري آهي. اهي الميا ۽ ڪماٽيون جدوجهد جو لازمي جز آهن پر حقيقت ۾ اسان ماڻهن سان اهو مسئلو آهي تہ اسان ايڊوينچر، خوشفهمين ۽ رومانس جو شڪار بنجي ويندا آهيون ۽ اهي خواب جڏهن شرمنده تعبير نہ ٿيندا آهن تہ پوءِ جلد ئي پڇي پري پڻ ويندا آهيون.

هڪ ڪميونسٽ کي وڏي حد تائين صبر ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن بہ شارٽ ڪٽ ۽ مصلحت جو شڪار بنجڻ پنهنجي موت کي دعوت ڏيڻ جيان آهي پر اسان جي ساٿين کي اها خوشفهمي هئي تہ انقلاب ڪنهن اسر جي فقير جيان اوچتو اسان جي در تي دستڪ ڏيندو ۽ اها خوشفهمي اسان کي ڪجھ وقت ڪٺن ترين حالتن ۾ اڳتي وڌڻ جي قوت تہ مهيا ڪندي هئي پر ان خوشفهمين جو جڏهن سراب ٽٽي پوندو هو تہ پوءِ مايوسين جا نوان داستان پڻ رقم ٿيندا هئا. مٿي جيئن ذڪر ڪري آيا هئا سين تہ ڪامريڊن پنهنجو روزو تاڪ منجهند جو صرف پاڻي تي ئي ٽوڙي ڇڏيو، نہ خدا ملا نہ وصال صنم.

مشهور انقلابي ناول (قافلہ هائي شهيدون ڪا) جي مهاڳ ۾ نوجوانن جو گيت ذيل آهي:

رڻ جي راهہ ڏاڍي ڪٺن آهي ساٿي،

وقت پڻ ڳنڀير آهي،

ڏکيائين سان اکيون ملائي اڳتي وڌندا وڃو اي سرڪش جوانو،

۽ ها جيسين محنت جو بول بالا ٿئي،

محنت دين ايمان ۽ قبيلو آهي،

آدم جي اولاد

قدم وڌايو نوجوانو،

مزدورو ۽ ڪسانو !!!

حقيقت اها آهي تہ مزدورن جي جدوجهد ۽ انقلاب جي اميد انسانن جي اکين ۾ اوس ٿي رهڻي آهي جيسين انسان ہي انسان هٿان جبر جو شڪار نہ بڻي. اها جدوجهد ڪنهن نہ ڪنهن طريقي ۽ نانءُ سان هلندي آئي آهي ۽ هلندي رهندي. منهنجو مقصد مايوسي ڦهلائڻ نہ پر اڳين غلطين مان سبق حاصل ڪرڻ ۽ اسان جي گذريل پيڙهي جي جدوجهد مان حوصلو وٺڻ آهي.

هڪ فصل جي غارت ٿيڻ سان ٻيو فصل پڻ پوکجي ٿو ۽ اهو پڻ لهي ٿو ۽ نيٺ تہ اميدن جو فصل پڻ لهندو، اسان کي بس پنهنجي حصي جي شمع جلائڻي آهي. مون کي خوشي آهي تہ جيئن هڪ وڏي زخم کان پوءِ آهستي آهستي اهو ڀرجي پڻ ويندو آهي ۽ انسان کي وري اٿڻ جي طاقت ۽ حوصلو پڻ ملندو آهي بلڪل اهڙي ريت اسان ڏکهي رد انقلابي دور کان پوءِ گهٽو ڪجهہ سکي پڻ ورتو آهي هاڻ پاپولر ڏر کان وٺي حڪمرانن جا هر حربا وائکا ٿي چڪا آهن نہ تہ اڳ ۾ پاپولرازم جو وڏو سحر ۽ ڪرشمو هوندو هو پر هاڻ اهو ناممڪن آهي. نسلي، علائقائي ۽ رجعتي ڌرين کي پڻ ماڻهن پرکي ورتو آهي اسان جي نجات صرف اسان جي ٿي طبقاتي جدوجهد ۾ آهي ۽ جڏهن اها وري اڀري تہ پوءِ حڪمرانن وٽ ان کي روڪڻ لاءِ اهي هٿيار پڻ نہ هوندا ۽ انهن پنهنجا سيئي هٿيار اسان تي آزمائي ڇڏيا آهن ۽ هاڻ حڪمرانن وٽ پنهنجي خودڪشي ۽ سچي مانداڻ کي پنهنجي هٿ سان ختم ڪرڻ کان سواءِ ٻي واهہ پڻ نہ بچي آهي. عوام وٽ وڃائڻ لاءِ هاڻ ڪجهہ بہ بچيو آهي پر حڪمران طبقن لاءِ دير يا سوير وڃائڻ کان سواءِ ٻي واهہ ٿي ناهي بچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مزدور جدوجهد جي جهيڙن جهتن کان تنگ اچي مون ڊاڪٽر اعزاز نذير کي چيو ته آئون هارين ۾ ڪم ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ پنهنجي ملازمت دوران مون هارين جي محاذ تي پڻ پنجاب، سنڌ ، سرحد ۽ بلوچستان ۾ ڪافي ڪم پڻ ڪيو هو. هارين ۾ ڪم ڪرڻ دوران اسان وري ڪڏهن مزدورن جي ٽريڊ يونين جي دنيا ڏانهن مڙي ناهي ڏٺو. هارين ۾ ڪم ڪرڻ سان اسان کي ڪيترائي سچا دوست پڻ مليا ۽ پوءِ ڪامريڊ خورشيد قائمخاني ۽ ان جي دوستن ڪامريڊ خديجه گوهر جي گروپ ۾ شامل ٿي اسان سماج جي هيٺئين طبقن ۽ پرتن ۾ ڪافي ڪم ڪيو.

اسان هارين جي جدوجهد ۾ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ويندا هئاسين، ڪجهه ڳوٺن تي هڪ يونٽ ڪوليو ويندو هو ۽ ڏسندي ڏسندي لڳ ڀڳ سموري سنڌ ۾ هارين جا ڪيترائي يونٽ کلي ويا. هارين جي حقن لاءِ جلسا ڪيا هئا. هڪ ڀيرو حيدرآباد ۾ حيدرچوڪ تي هارين جو جلسو جاري هو ۽ ان جي اختتام تي منهنجي ڊاڪٽر غلام قادر نظاماڻي جي معرفت خورشيد قائخاني سان ملاقات ٿي هئي. خورشيد قائمخاني سان هڪ مختصر ملاقات شايد 60 واري ڏهاڪي ۾ ٿي هئي پر اها ملاقات صرف رسمي ملاقات هئي. ٿيو ائين جو ڊاڪٽر اعزاز نذير جي قيادت ۾ سنڌ جي ڪامريڊن جو وفد لاهور پهتل هو ۽ اسان اتي ڪامريڊ خديجه جي دعوت تي ان جي گهر ويا سين اتي فلسطيني، آفريڪي ۽ ٻين ڪامريڊن سان گڏ هڪ نوجوان سان ملاقات ٿي جيڪو حاضر سروس هو، هن مون کان منهنجو ڳوٺ پڇيو ۽ پوءِ خديجه کي پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيائين "اري ! يه ڪامريڊ تو ميري گائون ڪا هي". مون ان وقت ڪڏهن به نه سوچيو هو ته لاهور ۾ انهن پنهي ڪردارن (ڪامريڊ خديجه گوهر ۽ ڪامريڊ خورشيد قائمخاني) سان 20 يا پنجويهه سالن کان پوءِ ايتري ويجهڙائي ٿي پوندي جو اهو رشتو موت به ڇني نه سگهندو ۽ اسان پاڻ ۾ سلهاڙجي ويندا سين. خورشيد کي مون جيئن محسوس ڪيو ته هو انتهائي ضدي ۽ پڪو ڪامريڊ هو، پنهنجي ملازمت واري دور ۾ هن حالتن سان سمجهوتو نه ڪيو، هو جيڪڏهن ائين ڪري ها ته پوءِ پنهنجي ٻائرن وانگر جنرل جي عهدي تان ٿي رٽائر ٿئي ها پر هو ته تمام گهڻو با صلاحيت ۽ نوجوان پڻ هو ۽ اڳتي هن جي لاءِ وڏو ڪيرئيئر پڻ موجود هو پر 37 سالن جي نوجواني ۾ ميجرَ جهڙي عهدي کي لت هڻي خانه بدوشن ۽ ڌرتي ڌڪاڌل ماڻهن ۾ موتي آيو. هو آسمانن تان هيٺ ڇا ڪريو ڪڏهن پڻ پنتي موٽ نه کاڌائين.

خورشيد قائمخاني ورهاڱي کي سرمائيدارانه سماج جي هڪ چالبازي سڏيندو هو ۽ حقيقت ۾ ائين ئي هو، خورشيد جو پورو يقين هو ته صرف مزدورن ۽ هارين جي هڪ

ڪامياب انقلابي تحريڪ ئي اسان جي لاءِ حقيقي آزاديءَ جي نويد آڻي سگهي ٿي ۽ ان سان ئي اسان وري هڪ قوم بڻجي ورهاڱي جي المناڪ تاريخ کي ميٽي سگهون ٿا. سندس اهي خيال اسان وٽ رائج قومي نصاب لاءِ تہ هڪ وڏي بغاوت هئا خير هاڻ تہ اسان وٽ ڏيپل لفظن ۾ انهن خيالن کي دهرايو وڃي ٿو پر حڪمران طبقا اڄ پڻ ان نرگسيت جو شڪار آهن ۽ اندران توڙي ٻاهران اها نرگسيت پنهجو دم توڙي رهي آهي. خورشيد قائمخاني کي پهرين ملاقات کان پوءِ پنهنجو استاد ۽ رهنما سمجهڻ لڳس. ڊاڪٽر اعزاز نذير کان پوءِ هي منهنجي زندگي ۾ داخل ٿيو ۽ اسان هڪ ٻئي جي سڃاڻپ بڻجي ويا سين.

خورشيد جو خيال هو تہ انقلاب اهي ئي آڻيندا جن کي انقلاب جي ضرورت هوندي يعني غريب هاري، مزدور ۽ سماجي طور استحصال جو شڪار طبقا ۽ اهو ئي سبب هو جو خورشيد انهن طبقن ۾ وڌ کان وڌ ڪم ڪيو. هارين ۾ ڪم دوران ڪامريڊ حسين بخاري بہ هوندو هو ۽ سماجي طور پوئتي پيل طبقن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ خورشيد انهن ماڻهن جي قديم تاريخ تي ڪم ڪيو ۽ انهن جي نفسيات تي گهرو مطالعو ڪيو ۽ پوءِ خورشيد جي اها ڪاوش سندس سڃاڻپ بڻجي ويئي اڄ جيتوڻيڪ خورشيد کي خانہ بدوشن تي تحقيق ڪندڙ ليکڪ طور سڃاڻپ مليل آهي پر خورشيد جي زندگي جو اهو هڪ رخ هو ۽ هو مڪمل طور انقلابي هو.

***

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانہ بدوشن ۾

يہ مظلوم مخلوق گر سر اٺائي
تو انسان سب سرڪشي بھول جائي
يہ چاھين تو دنيا ڪو اپنا بنالين
يہ آقائون ڪي ھڊيان تڪ چبا لين. (فيض)

هارين ۾ ڪم ڪرڻ دوران پڻ خورشيد جو ڌرتي جي حقيقي وارثن سان لهہ وچڙ وارو سلسلو جاري هو ۽ اتفاق سان غريب هارين جي هيٺئين پرت ۾ پڻ اهي ماڻهو شامر هوندا هئا ۽ سماج جو انهن سان رويو انتهائي منفي هو.

خورشيد انهن طبقن ۾ ڪم ڪيو ۽ اڄ تائين ٻي ڪنهن کي بہ همت ناهي ٿي تہ هو خورشيد وانگر تحقيق ڪري سگهي. جوڳين، ڪولهين، ڀيلن ۽ ڌرتي ڌڪاڻل ٻين گروهن ۾ ڪم ڪرڻ وڏي ۾ وڏو ڏکيو ڪم هو اهي ماڻهو انتهائي مشڪل سان گهرا ٿيندا آهن. پنهنجن تجربن جي روشني ۾ اهي ماڻهو ڪي جلد ئي سڃاڻي ويندا آهن تہ ڪير انهن جا ڏک سور ۽ مشڪلاتون محسوس ڪري ٿو ۽ ڪير شو بازي ۽ ڏيکاءُ جي بنياد تي ڪم ڪري رهيو آهي. ڪو بہ نمائشي محقق انهن ماڻهن جي زندگين ۾ داخل ٿي ئي نٿو سگهي. مون ۽ خورشيد پنهنجو پنهنجو ڪم ورهائي ڪنيو هو، خورشيد ڪي جوڳين، ڀيلن، ڪولهين ۽ ميگهواڙن سميت هندو برادري (جنهن کي دلت جاتيون پڻ چيو وڃي ٿو) جي تاريخ ۽ تهذيب تي قلم کڻڻو هو ۽ مون کي وري اتر سنڌ جي خانہ بدوش قبيلن (باگڙين، جنڊاوڙن، گرگلن، راوڙن) تي ڪم ڪرڻو هو. خورشيد مون کي گهٽو چوندو هو تہ تون انهن جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي تي قلم کڻ پر مون خورشيد جي زندگي ۾ لکڻ مناسب نہ سمجهيو ڇاڪاڻ تہ خورشيد مون کان بهتر انداز ۾ لکي سگهيو پئي ۽ ان انهن طبقن تي گهڻو ڪجھہ لکيو پڻ آهي. مزي جي ڳالهہ اها پڻ هوندي هئي جو آئون هميشہ خورشيد سان دوستي جي هجت ۾ مذاق ۽ شڪايت ڪندو هئس تہ تون جوڳين ۽ ٻين مارواڙي خانہ بدوش طبقن ۾ پنهنجي مارواڙي پس منظر سبب آساني سان رلي ملي ويندو آهين پر ڪڏهن باگڙين ۾ اچي ڪم ڪار ڪري ڏس تہ خبر پوندي. خورشيد جيئن تہ مارواڙي يا راجستاني پس منظر رکندڙ هو ان ڪري ڪيس مارواڙي زبان رواني سان ڳالهائي پئي سگهيو ۽ اها زبا ان جي مادري زبان پڻ هئي ۽ مادري زبان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهائڻ وارو ماڻهو پنهنجي هم زبان ماڻهن جي نفسيات سان پڻ چڱي ريت واقف هجي ٿو. ٻولي صرف لفظن جي مجموعي جو نالو نہ آهي پر ان جي گهرائي ۾ وڃبو تہ ماڻهن جي نفسيات، تهذيب ۽ ثقافتي قدرن جو اظهار پڻ ٻولي ذريعي نروار ٿيندو آهي. اسان وٽ سنڌي ۾ ”هلي اچڻ“ جو مطلب پڻ انتهائي گهرو آهي. صرف سنڌي ٻولي سمجهندڙ ئي ان ڪيفيت کي پڙهي سگهي ٿو جيڪا انهن ٻنهي لفظن ۾ لڪيل آهي. اهڙي ريت هر ٻولي جو پڻ ذخيرو هجي ٿو ۽ ان جي گهرائي ۾ صرف اهي وڃي سگهن ٿا جن جي اها مادري ٻولي هوندي آهي. خورشيد جي پڻ مارواڙي مادري زبان هوندي هئي ۽ ان ٻولي جي مناسبت سان هو ٻيلن، ڪولهين ۽ جوڳين ۾ جلد ئي رلي ملي ويندو هو. ٻولي جي پڻ پنهنجائپ هوندي آهي ۽ خورشيد کي جوڳي اڄ تائين ”امارو مارواڙي ڀائي صاحب“ ئي سڏي ياد ڪندا آهن. سو ڳالهہ پئي ڪئي سين تہ خورشيد انهن ماڻهن جي ٻولي ۽ انهن جو ئي انداز اختيار ڪري ڇڏيو هو ۽ آخر تائين هن جوڳي واري زندگي گهاري ۽ ان سان هن تي انهن مظلومن جي دلين جا دروازا کليا. هو جوڳين سان گڏجي شڪار تي ويندو هو ۽ انهن جي مدد پڻ ڪندو هو ۽ جوڳي پڻ ڪيس پنهنجو گهر ڀاتي سمجهندا هئا پر مون سان مسئلو اهو هو جو آئون باگڙين ۽ جنداوڙن ۽ گرگلن جي گهرن ۾ رهڻ جي بدران هوٽل تي رهندو هئس ۽ صبح جو اٿي انهن وٽ ويندو هئس. آئون اڄ تائين ڪنهن دوست سان گهرو نہ ٿيندو آهيان ۽ نہ ئي گهرن ۾ گهڙي اچ وڃ ڪريان سو مون لاءِ انهن ماڻهن ۾ ڪم ڪرڻ هڪ وڏو چيلينج هو پر مون اهو چيلينج پڻ قبول ڪري ورتو. باگڙين ۾ نظم و ضبط بلڪل نہ هئڻ جي برابر آهي جيڪڏهن انهن ۾ ڪو مسئلو ٿي پئي تہ پوءِ توهان نہ انهن کي پنهنجي ڳالهہ ٻڌائي سگهندا ۽ نہ ئي انهن جي ڳالهہ ٻڌي سگهندا. هڪ ئي وقت چئني طرفن کان آواز شروع ٿي ويندا ۽ ايڏو شور هوندو جو بس ڪنن تي هٿ ڏئي اتان ڀڄڻ ۾ ئي عافيت آهي. مون سان پڻ ايئن ئي ٿيو. عورتون، پارڙا توڙي ٻڍا منهنجي ڪپڙن کان ڇڪي قميص ليرون لير ڪري ڇڏيندا هئا پر جيئن تہ مون کي انهن ۾ ئي ڪم ڪرڻو هوندو هو سو پاڻ سان گڏ لٽ ڪٽي ويندو هئس پر اها پڻ منهنجي ڪم نہ آئي لٽ ڦري ڪو باگڙي پارن ۽ عورتن کي وهائي ڪيندو هو پوءِ تہ ماڳهين حشر برپا ٿي ويندو هو سو لٺ وارو تجربو پڻ ناڪام ويو پر مون ان جو آخرڪار حل ڳولي ڪڍي ورتو اچڻ شرط پنهنجي وات تي هٿ رکندو هئس تہ بلڪل خاموشي ڇانئجي ويندي هئي ۽ پوءِ هٿ جي اشاري سان سيني کي واري واري سان ڳالهہ ڪرڻ جو موقعو ڏيندو هئس ۽ پوءِ اهي پنهنجي ڳالهہ ڪندا هئا ۽ مس وڃي انهن جي ڳالهہ ٻڌي سگهبي هئا. باگڙي ننڍن ننڍن مسئلن تي هڪ ٻئي سان پيا وڙهندا هئا ۽ عورتون پڻ گهٽ نہ هيون انهن جا ٻہ پنهنجا ڏچا هوندا هئا. اڄ اسان وٽ باگڙي عورت کي هڪ مضحڪ خيز ڪردار جيان ڏٺو وڃي ٿو پر حقيقت ۾ اها هڪ خوددار ۽ آزاد حيثيت جي مالڪ آهي. باگڙي عورت کي مرداڻي شائونزم ۾ آساني سان دٻائي نٿو سگهجي. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو هو تہ

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

باگڙي عورتن ڪيترن ئي پوتارن کي پڻ سبق سيکاريو ۽ سندن پٽڪيون ڏوڙ ڪيائون. سنڌ جي پئي ڪنهن بہ قبيلي ۾ عورت ايڏي بي باڪ ناهي جيڏي باگڙين جي عورت بي باڪ هجي ٿي. اسان هت وٺي انهن جي تذليل ڪرڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي. اسان جا ٽي وي چينل باگڙياڻي نالي مزاحيہ سيريل هلائي انهن جو سماج ۾ جيئڻ جنجال ڪن ٿا پر حقيقت ۾ ايئن ناهي. باگڙين ۾ اڳي اهو رواج هو جو اهي پاڻ ۾ ويهي پنهنجا مسئلا حل نہ ڪري سگهندا هئا ۽ ميرن پيرن کي پنهنجا فيصلا ڏيندا هئا ۽ اهي مير پير وري انهن غريبن سان اهو ظلم ڪندا هئا جو باگڙين جي پنهي ڏرين کان سون جا زيور عيض ۾ وٺي پوءِ پنهنجا نام نهاد فيصلا صادر ڪندا هئا ۽ آخر ۾ اهي زيور وڏيرا پاڻ کٽي ويندا هئا اسان صرف هڪ سال جي فيصلن تي تحقيق ڪئي تہ رڳو ان سال تي ڪلو کان وڌيڪ سون وڏيرن فيصلن جي آڙ ۾ هڙپ ڪيو. سون امانت رکڻ کان سواءِ وڏيرا باگڙين جا فيصلا ڪين ڪندا هئا. اسان ان ناحق ۽ ڦرلٽ خلاف باگڙين ۾ شعور بيدار ڪيو ۽ هڪ بہ فيصلا مون پڻ اڪلايا پر حسب عادت باگڙين مون کي سون ڏنو جيڪو فيصلو ڪرڻ کان پوءِ مون باگڙين کي واپس ڪيو تہ باگڙي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پنهنجي مخصوص لهجي ۾ وٺي رڙيون ڪيائيون تہ ” چاچو مڪراڻي بنا سون جي رڳو ڌرم تي فيصلا پيو ڪري .هي . اي .... هئي ..... هي هي..... “.

اسان باگڙين کي ان آزار کان بچائڻ واسطي باگڙي پئنچ (پئنچائت) پڻ جوڙي جنهن ۾ حيدرآباد جي.پونم باگڙي کي سر پنچ ڪري رکيو ۽ باگڙين جا پنهنجا فيصلا باگڙي هاڻ پاڻ ڪري رهيا آهن. باگڙين جي ٻارن کي تعليم ڏيڻ لاءِ پڻ اسان ڪافي ڪم ڪيو. دادو ۾ باگڙين جي هڪ ڳوٺ ۾ سماجي تنظيم جي مدد سان باگڙين جو هڪ اسڪول کولرايو تہ آس پاس جا وڏيرا ناراض ٿي پيا ۽ وٺي باگڙين کي پڙڪايائون تہ توهان جي ٻارن کي تعليم ڏئي اهي همراهہ جهاز ۾ ٻاهر موڪلي ڇڏيندا سو باگڙين جا مرد اسان جي اڳيان هٿ جوڙي ويهي رهيا تہ پيلي اسان سان ناحق نہ ڪريو اسان جي ٻارڻن کي تعليم نہ ڏيو ۽ عورتون پڻ پڙڪي اٿيون پر جڏهن کين سمجهايم تہ انهن وڏيرن جا ٻار تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۽ انهن مان ڪيترا ٻاهر موڪليا ويا آهن؟ تہ انهن کي پڻ ڳالهہ سمجهہ ۾ آئي ۽ اسان جي اسڪول کي رهڻ ڏنو ويو ۽ مزي جهڙي ڳالهہ اها ٿي تہ جڏهن اهي وڏيرا اسان جي وڃڻ کان پوءِ وري باگڙين جي ڳوٺ آيا تہ باگڙي عورتن انهن جي ٺاهوڪي مرمت پڻ ڪئي. باگڙين جي ان اسڪول مان ڪيترن ئي باگڙي ٻارن تعليم حاصل ڪئي ۽ ڪجهہ سرڪاري نوڪرين سان پڻ لڳل آهن. هاڻ باگڙي برادري خود سمجهي ٿي تہ تعليم انهن جي نجات جو هڪ وڏو هٿيار آهي. مون کي خوشي ٿي تہ لاڙڪاڻي جي باگڙي ڳوٺن ۾ باگڙي پئنچائت پنهنجا اسڪول کولي پنهنجي ٻارڻن کي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سوچڻ شروع ڪيو آهي. ڪيترا ئي اسڪول پڻ کوليائون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي سرڪار جي روين تي افسوس ٿئي ٿو ته سماج ۾ وڏي آبادي رکندڙ انهن سنڌ جي حقيقي وارث قبيلن کي پوئتي رکڻ لاءِ وسان گهٽايو نه ويو آهي. انهن جي نمائندگي پڻ انهن جي هٿ ۾ آهي جيڪي انهن سان گڏ ڪائڻ ۽ هٿ ملائڻ پڻ پنهنجي توهين سمجهن ٿا.

باگڙي سخت جان ۽ محنت ڪش طبقو آهي ۽ ڪجهه قدر مزاحمتي پڻ آهي. هڪ ڀيرو ڪنهن چئنل وارا باگڙي نالي نام نهاد سيريز جي سلسلي ۾ باگڙين جي رهڻي ڪهڻي کي معلوم ڪرڻ جي مقصد سان سکر ويجهو باگڙين جي ڪالوني ۾ آيا. انهن سمجهيو ته باگڙي خوش ٿي ساڻن سٺو سهڪار ۽ دوستاڻو ورتاءُ ڪندا پر جڏهن اهي باگڙين جي گهرن ۾ داخل ٿيندي ڪئميرائن جو رخ انهن ڏانهن ڪيو ته باگڙي پڻ جاڳي اٿيا ۽ وري جڏهن اها خبر پئي ته اهي همراهه باگڙين جي نالي تي مسخريون ڪندا آهن ۽ ڪجهه ٽي وي جا چاتل سڃاتل چهرا (جن ۾ هڪ نالي وارو مسخرو ۽ هڪ اداڪاره پڻ هئي جيڪا باگڙياڻي جي نالي سان مشهور ٿي) ته پوءِ باگڙين کي ڪير جهلي. باگڙياڻيون مٿس ڪڙڪي پيون. ڪچين گارين جي ناشتي کان پوءِ هٿين پئجي ويون. پوليس کي گهرائڻ مان پڻ ڪو فائدو نه ٿيس. پوليس پڻ پاهران دهمان ۽ داپا ڏيندي رهي پر ويجهو اچڻ جي همت ساري نه سگهي تان جو عورتن ۽ مردن جا ڪپڙا ڦاٽي ويا ۽ ڪئميرائون وغيره پڻ ٽٽي پيون. ان ڏينهن ۾ آئون پڻ سکر ۾ هئس ۽ شام جو جڏهن باگڙين جي ڪالوني ۾ آيس ته جهيڙو ختم ٿي چڪو هو ۽ ان چئنل جي ٽيم پوليس ذريعي باگڙين کي هيسائي رهي هئي ته اسان جو ايترو نقصان ٿيو ۽ پوليس باگڙي مردن کي وڻ هيٺ زبردستي ويهاري ويٺي هئي. مون اچڻ شرط انهن کان خير خبر پڇي ته باگڙين ۾ ساهه پيو ۽ سمورو قصو مون کي ٻڌايائون ته مون کي پڻ ڪاوڙ آئي ته اسان جي نام نهاد چئنلن کي ڪنهن اهڙي اجازت ڏني آهي ته هو بنا ڪنهن اجازت جي گهرن ۾ داخل ٿي پارڙن جا فوٽو ڪڍن ۽ فلمبندي ڪن. اسان جي ماڻهن ۾ ڪا به اخلاقيات ناهي. جڏهن مون پنهنجو تعارف ڪرايو ته ان ٽيم مون کي چيو ته توهان اسان جو فيصلو ڪريو. اسان جو نقصان پڻ ٿيو آهي ۽ بدتميزي ڪئي وئي. مون انهن کي جواب ڏنو ته خورشيد ۽ آئون انهن ماڻهن ۾ ڪيترن ئي سالن کان تحقيق ڪري رهيا آهيون پر اسان ڪڏهن به انهن لاءِ مسئلو نه بڻيا آهيون ۽ نه ئي ڪڏهن انهن اسان سان اهڙو رويو اختيار ڪيو. ڏوهه توهان جو ئي آهي. جيڪڏهن توهان انهن جي غريبي ۽ پسماندگي جو ناجائز فائدو وٺي بغير اجازت گهرن ۾ وڃي مووي پريندا ته پوءِ اهڙا واقعا نه ٿيندا ته ٻيو ڇا ٿيندو؟ مون کي ٽيم جي ڊائريڪٽر چيو ته اسان جون قيمتي ڪئميرائون ٽوڙي ڇڏيائون ۽ اهي اسان هر صورت ۾ هنن کان ئي ڀرائيندا سين. پوليس پڻ ڳجهن وانگر پنهنجي شڪار جي تاڙ ۾ هئي ته اهي ايف آءِ آر داخل ڪرائين ته پوءِ باگڙين کي تنگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پڌ چوڙ ڪري مال او ڳاڙجي. پر مون ڊائريڪٽر کي ان ڳوٺ جي سامهون مسلم برادري جي گهرن ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ جيڪڏهن تون سامهون انهن گهرن مان فلمبندي ڪري ۽ انٽرويو ڪري اچ تہ پوءِ تو کي سمورو خرچ آئون پنهنجي کيسي مان پري ڏيندس. هن همراهہ انڪار ڪندي چيو تہ اهي پردي وارا آهن تہ پوءِ مون کي بہ ڪاوڙ آئي ۽ ڪيس پڌايم تہ باگڙين کي وٺي تنهنجي مالڪن خلاف احتجاج ڪرائيندس ۽ توهان تي ڪيس پڻ داخل ڪرائيندس تہ توهان غريب ماڻهن جي ذات جي بنياد تي توهين ۽ مسخري مچايو ويٺا آهيو. اها ڪشمڪش جاري ٿي هئي جو ان جي مالڪ جو فون آيو ۽ اهو چئنل مالڪ مون کي پڻ سڃاڻيندو هو. حيدرآباد جي صدر ۾ رهائش دوران اهي اسان جا پاڙيسري پڻ هئا. ڊائريڪٽر يا هدايتڪار نالي هن همراهہ جڏهن ان سان منهنجو ذڪر ڪيو تہ هڪ شيدي ڪامريڊي ڪري رهيو آهي تہ هن منهنجو نالو پڇيو ۽ مون سان ڳالهہ ڪئي تہ مون کي باهہ هئي سو وٺي هن کي ڳاريون ڏنم تہ سچو ڏوهہ ٿي توهان جي همراهن جو آهي انهن کي چئو تہ معافي وٺن نہ تہ پوءِ پاڻ آمهون سامهون آهيون. هن همراهہ فون تي وري پنهنجي ٽيم سان رابطو ڪيو ۽ چيائين تہ ڪامريڊ فيضو ۽ باگڙين کان معافي وٺي جلد پنهنجا پير ڊاهيو ۽ پنهنجا حساب پاڻ ۾ پيا ڪندا سين. سو همراهن باگڙين کان معافي پڻ ورتي ۽ شرمندا ٿي واپس ويا ۽ پوليس پڻ منهن ڦٽائي واپس هلي وئي ۽ باگڙين جي مس وڃي جان آجي ٿي.

اهڙو پيو واقعو پڻ ٿيو تہ هڪ وڏيرو باگڙين جي ڪنهن فيصلي ۾ آيو هو ۽ چيائين تہ توهان باگڙين جي پنچائت جي ڪا بہ حيثيت ناهي مون کي پئي ڌريون سون ڏين ۽ اهو فيصلو منهنجو آهي سو فيصلو مون کي ڏيو نہ تہ ڏسي رهندس. وڏيري جو ايترو چوڻ باگڙي عورتون مٿس ڪاهہ ڪري چڙهي ويون ۽ ان جا ڪمدار ۽ باڊي گارڊ ٽپا ڏئي پڇي ويا ۽ وڏيرو اڪيلو ڪٽبو رهيو سو مس وڃي ان جي جان آجي ڪرايم ۽ وري ڪڏهن ان وڏيري اڄ تائين باگڙين جي مسئلن ۾ ٽنگ اڙائڻ جي همت نہ ڪئي.

باگڙي ماڻهن کي منظر ڪرڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. مون ڪافي سالن تائين انهن سان ڪم ڪيو ۽ اڄ تائين پڻ رابطو آهي پر انهن مون سان ڪڏهن پڻ بدتميزي ناهي ڪئي باقي هجت ۾ ڪپڙا توڙي ڇڏيندا آهن. اسان هميشہ ان جي نياڻين کي پنهنجون نياڻيون سمجهيو ۽ انهن جي وڏن کي پنهنجي ماڻٽن جهڙي عزت ڏني ۽ جڏهن انسان کي عزت ۽ پيار ملي تہ پوءِ اهي توهان جا ٿي پوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خورشيد قائمخاني باگڙين جون ڪهاڻيون پڙهي مون کي چوندو هو تہ باگڙي ۽ توهان هڪ پئي کي سمجهي سگهو ٿا ۽ آئون پنهنجي مارواڙي جوڳين ۽ ڀيل ماڻهن ۾ رلي ملي ويو آهيان. اسان مارواڙي اهڙي ريت پڙهڪي نٿا پئون ۽ تمام خاموشي سان پنهنجو ردعمل ظاهر ڪندا آهيون ۽ ڪوشش ڪندا آهيون تہ جهيڙي جهٽي کي دعوت ڏيڻ بدران ان کان پاسو ڪجي.

سماجي طور پوئتي ماڻهن جي زندگين جا ٻہ رخ آهن هڪ اهو جيڪو ظاهري آهي پر سندن پيو لڪيل رخ پڻ آهي ۽ اهو ئي حقيقي رخ آهي. اهي ماڻهو پنهنجي تجربن جي روشني ۾ سماج کان باغي پڻ رهندا آهن ۽ اهي ڪنهن تي پڻ اعتماد نٿا ڪن. جڏهن سمورو سماج انهن کي انسان ئي نہ سمجهي ۽ خدا ڪارڻ تذليل جو رويو جاري رکي تہ پوءِ انهي سماج کي پڻ ڪانئن اعتماد جي توقع نہ رکڻ کپي. مون کي حيرت ٿيندي آهي تہ اهي ماڻهو سماج خلاف بغاوت ڪندي سماج لاءِ اڄ تائين مسئلو ڇو نہ بڻيا آهن. اهي ماڻهو صرف انهن تي اعتماد رکن ٿا جن کي هو پنهنجي تجربن جي روشني ۾ آزمائي چڪا هوندا آهن. خورشيد انهن وٽ هڪ محقق جي روپ ۾ نہ پر هڪ جوڳي جي روپ ۾ مليو. ڏينهن ۽ راتيون انهن سان گڏجي رهيو ۽ انهن جي ڏکن ۽ سورن ۾ سندن مدد پڻ ڪيائين ۽ اهو ئي سبب آهي جو جوڳي کيس اڄ پڻ دل سان ياد ڪندا آهن ۽ ان جون ڳالهيون پڌائي روئي ڏيندا آهن. جوڳين جا تہ پنهنجا الڳ محاورا ۽ روزمره جي شين جا لڳ مخصوص نالا پڻ رکيل آهن. هڪ مهيني کي اهي بک هڙتال جو مهينو سڏيندا آهن تہ هڪ شي کي اهي حور پڻ چوندا آهن ۽ هڪ رسم کي اهي ”چري کي پاٽي ڏيڻ“ سڏيندا آهن. خورشيد مون کي انهن جا اهي دلچسپ ۽ طنز سان ڀرپور محاورا ٻڌائي ڏاڍو کلندو هو. خورشيد کان اهي ڪي ڳالهيون نہ لڪائيندا هئا، انهن جي نظر ۾ خورشيد هڪ جوڳي ئي هو ۽ حقيقت ۾ پڻ ايئن ئي هو. خورشيد کي خبر هئي جوڳي ڪيئن پنهنجا مڙدا دفن ڪندا آهن. اهڙن واقعن جو ذڪر پڻ اڳتي ڏيندا سين.

ه.ڪ پيو طبقو يا قبيلو جنداوڙن جو پڻ آهي. جنداوڙ، باگڙين جي مقابلي ۾ گهٽ بي باڪ ۽ انتهائي مسڪين ۽ پوئتي پيل آهن. اهي پٿرن سان سڄو ڏينهن پيا مٿو ٽڪرائيندا آهن. جنداوڙن ۾ ڪم ڪرڻ پڻ منهنجي ذمي هو ۽ آئون انهن جي ريتن رسمن ۾ شريڪ ٿيندو هئس. مون محسوس ڪيو تہ اهي سماج کان انتهائي ويڳاڻا رهندا هئا جيئن تہ سماج انهن سان همدردي نٿو رکي ان ڪري انهن جي پڻ سماج سان گهٽي لهہ وچڙ نہ هوندي آهي. اهي حيران هوندا هئا تہ اسان (خورشيد ۽ آئون) انهن ۾ ايڏي دلچسپي ڇو ٿا رکون؟ جڏهن اسان کين پنهنجي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ چوندا هئاسين تہ پوءِ اهي يا تہ مڙئي رسمي طور هائوڪار ڪندا هئا يا وري پنهنجا مسئلا بيان ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳندا هئا ۽ انهن جا مسئلا پڻ انتهائي ڳنڀير هوندا هئا. اهي چوندا هئا ته اسان خانه بدوش ماڻهو آهيون ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي سو پنهنجي ٻارن کي ڪيئن تعليم ڏياري سگهندا سين. هاڻ ته اهي جنڊڻ جو ڪم ڇڏي حيدرآباد ۾ پرپاسي ۾ مزدوريون ڪري رهيا آهن ۽ هڪ جاءِ تي جهوپڙيون ٺاهي خانه بدوشي کي پڻ ترڪ ڪيو اٿائون سو مون ڪوشش ڪري انهن جي ٻارن کي تعليم ڏياري آهي پر اهي مشڪل سان ٿي تعليم جاري رکندا آهن. هڪ ته ننڍي عمر ۾ ٻارن جون شاديون ڪن ۽ ٻيو وري سماجي طور ايڏا پسمانده آهن جو تعليم بابت اهي هڪ لمحي لاءِ پڻ سوچي نٿا سگهن. 80ع واري ڏهاڪي ۾ اهي سيري ۾ هوسڙي کان الهندي جابلو علائقي ۾ رهندا هئا، خورشيد هڪ ڀيرو انهن وٽ ويو هو ۽ پوءِ آئون پڻ اوڏانهن وڃڻ لڳس. هنن ماڻهن وٽ پنهنجي شناخت ۾ قدر هوندا آهن ۽ ماڻهو جي ڪردار موجب ئي هو انهن کي پنهنجي نالن سان سڏيندا آهن. خورشيد جو نالو انهن ڀڳت رکيو جڏهن ته مون کي پٽيل سڏيندا هئا. خورشيد انهن لاءِ مٺن چانورن جي ديڳ ضرور پچرائيندو هو. ۽ شام جو اهي ماني کائي پچن وغيره ڳائيندا هئا ۽ ان دوران خورشيد جي لاءِ ڪيترائي موضوع کلي پوندا هئا. ان ڪري اهي خورشيد کي ڀڳتي جو رسيا سمجهندا هئا جڏهن ته آئون انهن جا سماجي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ انهن جي شهر ۾ روزگار وغيره لاءِ ڀڄ ڊڪ ڪندو هئس ۽ انهن سان ڪو مسئلو وغيره ٿيندو هو ته حل ڪرائي ڏيندو هئس ته مون کي وري هنن پٽيل جو لقب عطا ڪيو.

مون کي ماضي جون اهي رولاڪيون ۽ ڪهاڻيون ذهن اڳيان ڦرندي محسوس ٿينديون آهن جڏهن آئون انهن جي ديرن تي ويندو هئس. اهي ٽتل قاتل رلي ڪٽي مون کي وڇائي ڏيندا هئا، ڪڏهن ڪڏهن خورشيد به مون سان گڏ هوندو هو. اسان انهن جو پاڻي پيئندا هئا سين ۽ انهن جو ٺي پڪل ڪاڏو ڪائي ويندا هئاسين. اسان کي ان جي ڪا پرواهه نه هئي ته انهن جا پچايو آهي پر اسان لاءِ اها ڳالهه اهم هوندي هئي ته جيڪو هو پنهنجي پچن کي ڪارائيندا آهن اهو اسان کي به هر صورت ۾ کائڻ گهرجي. اسان جيتوڻيڪ شهر مان انهن لاءِ ڀاڄي ۽ چانور وغيره وٺي ويندا هئاسين پر اهو ان لاءِ نه ته اسان کي اها ئي ڀاڄي ٺاهي ڏين پر اسان هنن غريبن تي بار بڻجڻ نه چاهيندا هئا سين سو ان ڪري پنهنجي ڪاڏي پيتي کان ڪجهه وڌيڪ ڪٽي ويندا هئاسين ته اهي خوش ٿين ۽ اسان جي اچڻ مان بيزار نه ٿين. انهن قبيلن ۾ ڪم ڪرڻ وقت اخلاقي ڪردار جي بلندي پڻ هڪ اهم شرط آهي. جڏهن انهن اهو محسوس ڪري ورتو ته اسان جي انهن جي مائرن ۽ ڀيڻن ڏانهن ڪا به غلط سوچ ناهي ته پوءِ اهي پڻ اسان کي پنهنجو گهرياتي سمجهڻ لڳا. خورشيد سان ته اهي حد کان وڌيڪ محبت ڪندا هئا. جڏهن خورشيد انهن وٽ لڙي ويو ته ڄڻ انهن جو ڪو ويجهو مائٽ مهمان ٿي آيو هجي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عورتون توڙي مرد بيٺا هوندا هئا. خورشيد جي طبيعت ۾ رولاڪي ۽ بي چيني سمايل هئي سو هو شام ڏاري وري ويرانن ڏانهن نڪري ويندو هو ۽ انهي رولاڪي مان هو ڪا نہ ڪا تحقيق ڪري وٺندو هو. جنڊاوڙن ۾ وري بہ طبقا آهن. هڪ اهي جنڊاوڙ جيڪي عام طور پٿر ڪٽي جنڊ جي لاءِ موزون پٿر ناهين ٿا ۽ پيا وري ڪجھ ٽيڪنيڪل مزدوري ڪندڙ جنڊاوڙ آهن جيڪي وري پٿر ٽڪڻ واري جنڊاوڙن کان وري ڪجھ سولا آهن. انهن کي مزدوري پڻ پٿر ٽڪڻ وارن جنڊاوڙن جي پيٽ ۾ ڪجھ وڌيڪ ملي ٿي ۽ ڪم ڪار پڻ ايترو سخت ناهي جيترو پٿر ٽڪڻ وارن جنڊاوڙن جو آهي.

خورشيد قائمخاني هڪ آسٽريلوي محقق جيمس مائيڪ ڪلف جو ذڪر ڪيو ۽ ان سان پاڻ بہ شايد مليو هو ان جي تحقيق انتهائي مشڪل هوندي هئي. هو آفريڪي وحشي قبيلن تي تحقيق دوران هڪ طاقتور ٽيلي اسڪوپ ڪٽي تمام پري کان انهن جون تصويرون وٺندو هو جيئن جاگرافي چئنل وارا خونخوار درندن جون تصويرون ناهيندا آهن. پر اسان وٽ قصو ان کان گهڻو مختلف آهي. اسان جي قديم قبيلن کي هٿ وٺي پوئتي رکيو ويو آهي ۽ ذات پات جو هزارين سالن کان استحصال ئي ان پسماندگي جو سبب آهي. اها پڻ حقيقت آهي تہ انهن ئي پسمانده قبيلن جا وڏڙا پنج هزار سال اڳ ان وقت جي دنيا جا سينئي کان وڌيڪ مهذب انسان هوندا هئا. حيرت جهڙي ڳالھ اها آهي تہ ڪجھ سال اڳ جڏهن اقوام متحده طرفان دنيا جي انڊيجينيس ماڻهن تي هڪ بين القوامي ڪانفرنس ڪرائي وئي تہ انڊيا مان مقتدر اوچ ذاتين جي نام نهاد محققن نمائندگي ڪئي ۽ انهن ان حقيقت کي ان ڪانفرنس ۾ مڃڻ کان پڻ انڪار ڪري ڇڏيو تہ انڊيا ۾ دراوڙ قبيلا موجود آهن ۽ انهن جي ان رويي تي انڊيا جي پوئتي پيل ذاتين جي تنظيمن سخت احتجاج ۽ مذمت پڻ ڪئي.

جنڊاوڙن کان سواءِ هڪ ٻيو خانہ بدوش طبقو هڏاوڙن جو پڻ آهي اهي مسڪين سچو ڏينهن انتهائي خراب حالتن ۾ رهي مرده جانورن جا هڏا ميڙيندا رهن ٿا ۽ شهر کان پري ڪنهن ويران جاءِ تي انهن جي پڙي هوندي آهي جتي بدبوءِ ايتري هوندي آهي جو ماڻهو بہ منٽ بہ بيهي نہ سگهي ۽ وري الميو اهو آهي جو انهن هڏين کي ڪراچي ۾ وڪرو ڪيو ويندو آهي مگر انهن کي تمام گهٽ قيمت ڏني ويندي آهي ۽ اهڙي ڏيڊڪي ڪم جي باوجود انهن لاءِ بہ ويلا ماني ڪمائڻ بہ مشڪل اهي جڏهن تہ هڏين مان جيڪي شيون ٺهنديون آهن اهي تمام وڏي رقم ۾ وڪامنديون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انڊيا ۾ دلت پينٿر جي باني ۽ مشهور مزاحمتي شاعر نامر ديو ڍاسيل پنهنجي هڪ نظم ”ريپبلڪ ۽ ڪتي جو گيت“ ۾ انهن ماڻهن جي حالتن ۽ مشڪلاتن جي عڪاسي ڪندي لکيو آهي تہ:

اسين بي گهر ٿي رهيا آهيون،
اسين يتيم ٿي رهيا آهيون،
پنهنجي سڙندڙ گهرن جي اڏامندڙ خاڪ کي ڇڏي،
اسين شمشانن ڏانهن مُوٽي آيا آهيون،
جتي اسين پائيتاليهہ پيڙهين جون ڊڀيون کوٽي ڪيندا آهيون،
۽ انهن کي چار آنا سير جي حساب سان وڪڻي
پنهنجي ڍانچن جي بک اجهائيندا آهيون،
اها قوم جيڪا ”سون“ اپائيندي آهي،
پر هتي تہ هڏين جي بازار لڳل آهي،
ڪيڏو خوفناڪ هي دور آهي،
هي دور.......... چورن جو دور.

ساڳي ريت هي دور بہ چورن جو دور آهي، سماج جي پيڙهيل ۽ انتهائي پوئتي پيل طبقن جي فلاح ۽ انهن جي سماجي حيثيت کي مٿي آڻڻ لاءِ اسان جو سماج ڪنهن بہ ريت جوابداري محسوس نٿو ڪري ۽ الٽو انهن جي هيٺائي کي نظر ۾ رکندي مٿن ظلم ۽ ستم جا نوان المناڪ داستان رقم ڪري رهيو آهي.

اسان هڏاوڙن، جنڊاوڙن ۽ ٻين خانہ بدوش قبيلن جي خوشي ۽ غم جي موقعن ۾ خاص طور تي پنهنجيون ٻيون سرگرميون هڪ پاسي رکي شامل ٿيندا هئا سين تہ جيئن انهن کي احساس ٿئي جو اسان حقيقت ۾ پڻ انهن جي همدردي ڪريون ٿا. خورشيد قائمخاني جوڳين ۾ پنهنجي زندگي جو وڏو حصو گذاريو ۽ مون ان دوران ڪجهہ وقت ساڻس انهن رولاڪين ۾ گڏجي گهاريو ۽ عام طور تي اسان جو طريقہ ڪار اهو هوندو هو جو اسان مهيني ۾ هڪ ڀيرو گڏبا هئاسين ۽ پنهنجي پنهنجي ڪم ڪار بابت خيالن جي مٽا سٽا ڪندا هئا سين. مون محسوس ڪيو تہ جوڳين سان گڏ رهندي خورشيد جي بي چين روح کي ڪا اڻ ڏٺي راحت ملي وئي آهي. هو ماڻهن جي منافقي ڪان تمام گهڻو بيزار رهندو هو ۽ جوڳين ۾ تہ ڪيس ڪا بہ دوکيبازي ۽ نمائش پسندي ڏسڻ ۾ نہ آئي. جوڳين وهندڙ پاڻي جيان انتهائي شفاف ۽ اجرا هئا. خورشيد پڻ سماج کان هاڻ وڏي فاصلي تي گهارڻ لڳو ۽ ان اڪيلائي ۾ خورشيد جا جوڳي ساٿي هئا. خورشيد جي ان

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

رويي تيٰ سندس برادري شرمساري جي حد تائين خفا هوندي هئي. قائمخاني برادري ۾ راڄپوتي جو وڏو گهمنڊ آهي ۽ خورشيد جو جوڳين ۽ ڀيلن، ڪولهين، ميگهواڙن ۾ رلڻ ملڻ، هلڻ، کائڻ پيئڻ ان جي برادري جي نظر ۾ انتهائي شرم جوڳو عمل هو.

جيتوڻيڪ آئون پنهنجي پيدائش وقت پڻ انهن سماجي طور پوئتي پيل خانہ بدوش قبيلن سان ويجهو هئس پر خورشيد قائمخاني تہ مٿئين طبقي مان هو پر سندس بي قرار طبيعت هن کي اقتدار ۽ طاقت جي علامت سمجهيو ويندڙ ايوانن مان ڪڍي سماج جي انتهائي پوئتي پيل ماڻهن جي وچ ۾ آندو. خورشيد ان دوران پنهنجي تحقيق کي قلمبند ڪندو رهيو. خورشيد جي تحقيق جو انداز انتهائي منفرد هو. هن ڪڏهن پڻ ڊرائينگ روم ۾ ويهي لکڻ پسند نہ ڪيو پر پاڻ ماڻهن ۾ وڃي انهن جي حالت پنهنجي اکين سان ڏسي پوءِ ئي ان تي لکندو هو. هن جي جوڳين سان رابطي جو پڻ انوکو طريقو هوندو هو. هڪ ڀيرو هن کي مون اڏيرو لعل ۾ ڪجهہ هاري ڪامريڊن سان ميٽنگ جي دعوت ڏني ۽ هو حسب معمول وقت تي اسان جي ميٽنگ ۾ اچي شامل ٿيو. ميٽنگ کان پوءِ هن ڪجهہ وقت اسان سان ڪجهہ وقت ڪچهري ڪئي ۽ وري چانهہ جو دور هليو. جيئن تہ ان گڏجاڻي ۾ پاهر کان ڪافي دوست آيل هئا ان ڪري خورشيد سميت ٻين دوستن جي رهائش جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. شام جو هو واڪ تي اڪيلو ٻاهر نڪري ويو. رات جو دير تائين اسان ماني تي سندس انتظار ڪيو سين پر هو نہ آيو ۽ ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن اسان جي ملاقات ٿي تہ هن کان اوچتو گم ٿيڻ بابت پڇا ڪيم تہ هن چيو تہ يار گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿيس ۽ پوءِ آئون اڏيرو لعل باءِ پاس جي ويجهو پنهنجي جوڳي دوستن ڏانهن هليو ويو هئس.

ائين هڪ ڀيرو وري هن سان عجيب نموني ملاقات ٿي. آئون پنهنجي ڪنهن دوست جي شادي جي دعوت تي ٽنڊي ڏانهن وڃي رهيو هئس. هي پڻ رستي مان ان گاڏي ۾ سوار ٿيو هن مون کي ڏسي ورتو ۽ چيائين تہ ڪامريڊ آئون هتي پاراڏي برادري جي ماڻهن سان ملڻ وڃي رهيو آهيان ۽ اتان واپس اچي وري ٽنڊي ۾ جوڳين سان ملندس گهڻو ئي ڪيس چيم تہ تون ٽنڊي تائين مون سان گڏجي هل پر هن انڪار ڪيو. خورشيد جي اهڙي آزاد نموني زندگي گذارڻ تي رشڪ ٿيندو هو. هن کي ڪا بہ پرواهہ نہ هئي تہ ڪير هن جي باري ۾ ڇا سوچي رهيو آهي. هن کي پنهنجي زندگي گذارڻ جي معمول ۾ ٻي ڪنهن جي بہ مداخلت پسند نہ هئي توڙي جو ڪو ويجهو دوست پڻ هن کي قائل نہ ڪري سگهندو هو.

ٽنڊي الهيار ۾ موج درياءَ واري ڊبي تي خالي پلاٽ ۾ جنڊاوڙن جي هڪ بستي قائم هئس ۽ اهي ويچارا ڪيترن ئي سالن کان رهندا پيا هئا. ڪجهه مقامي قبضه خورن ان تي پڻ قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي غريب جنڊاوڙن کي لڏائڻ جي ڌمڪي ڏنائون پر خورشيد انهن جي ڀرپور حمايت ڪئي ۽ پوءِ مجبور ٿي انهن کي پوئتي هٽڻو پيو، هن وقت اها بستي قائم آهي يا نه.

خورشيد ۽ منهنجي ڪوشش هوندي هئي جو اسان پوئتي پيل ماڻهن جي بنيادي مسئلن کي پنهنجي وت آهر حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. انهن ماڻهن سان سماجي امتياز وارا مسئلا روز جو معمول هوندو هو. ڪڏهن انهن جي عورتن سان ڇيڙ ڇاڙ يا انهن جي مردن تي تشدد جا واقعا ٿيندا هئا ته ڪڏهن وري انهن جي مخصوص قبرستانن ۽ بستين تي قبضي جي نيت سان هلان ٿيندي هئي. ٽنڊو الهيار، حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ۾ اسان کي ڪيترن ئي اهڙن مسئلن جي ڪري انهن ماڻهن لاءِ وڙهڻو پوندو هو. نصرپور ۾ هڪ زميندار جي ڇاڙتن هلان ڪري جوڳين جون سوين جهوپڙيون پٽي ڪين لڏائي ڇڏيو ان ناحق ۽ ظلم خلاف خورشيد ذاتي طور مهاڏو اٽڪايو ۽ اخبار ۾ ڪالم پڻ لکيو ۽ ان جي نتيجي ۾ جوڳي وري پنهنجي بستي آباد ڪري رهي سگهيا.

هڪ ڀيرو آئون ۽ خورشيد چوهڙ جمالي واري پاسي پاراڌي (شڪاري قبيلو) جي ديري تي وڃي نڪتاسين. خورشيد پاراڌين کي پيار مان لاکيجا (لاکا چاچي) سڏيندو جڏهن ته آئون انهن کي پاپي سڏيندو هئس پر خورشيد جو چوڻ هو ته اهي شڪار شوق مان نه پر پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ ڪن ٿا ۽ لاکيجا (پکي) پڻ به ڊيڃ مان مڇي وغيره جو شڪار ڪندا آهن. پاراڌين جو وري هن (شڪار) واري ڪرت بابت انتهائي دلچسپ ڏند ڪٿائي قصو جڙيل آهي. اهي پاڻ کي سيتل ڳڙهه جو حڪمران سمجهن ٿا جن کي ڪنهن دور ۾ ڌارين قبضه خورن اتان تڙي ڪڍيو هو (پنجاب جي چولستان واري علائقي ۾ باوري ۽ سانسي قبيلا پڻ پنهنجو نسب سيتل ڳڙهه سان ڳنڍين ٿا.) دلچسپ ڳالهه اها آهي ته اهي زنده ۽ مرده جانورن کي به کائن ٿا پر ڪنهن به مجبوري ۽ انتهائي بک جي باوجود اهي ڪڪڙ (مرغي) ڪونه کائين. چون ٿا ته سيتل ڳڙهه ۾ حملي دوران انهن جي ڪنهن سردار جي ڇوڪريءَ کي چورن گڏهه تي چاڙهي ڀڄائي ويا هئا سو اهي گڏهه نه پالين ۽ نه ئي گڏهه گاڏي تي سواري ڪن. ڪڪڙ تي ان ڪري ڪاوڙ ڪندا آهن ته چورن جي انهي واردات ۾ اهو ويڙهو ڪڪڙ بانگ ڏئي گهرياتين کي جاڳائڻ ۾ ناڪام ويو ۽ اهي ڪڪڙ کي حرام ۽ غدار پکي سڏيندا آهن. ٻين شڪارين جي برعڪس پاراڌي ڪتا به ڪونه پالين ۽ انهي روايت کي پڻ اهي سيتل ڳڙهه سان ڳنڍين ٿا ته اسان جي سورمي وٽ ڪتا پڻ هئا پر اهي چورن تي حملو ڪرڻ کان قاصر

رهيا ۽ اسان ڪتي ڪي نہ پاليون ۽ نہ ئي ڪيس ماني ٽڪر ڏيون. پاراڌين جي برعڪس شڪاري ڀيلن وٽ وڏي تعداد ۾ ڪتا هوندا آهن. اهي پاراڌي پڻ پاڻ ڪي ڀيل قبيلي جو هڪ حصو سمجهندا آهن.

اسان پاراڌين جي ان ديري تي هئا سين ان وقت ڀيا شڪار ۽ مزدوري خاطر ٻاهر هليا ويا هئا ۽ گهر ۾ صرف ٻارڙا ۽ تمام پيرسن پوڙها موجود هئا. خورشيد جي عادت هوندي هئي تہ هو ٻارڙن لاءِ شيون ضرور وٺندو هو ۽ خانہ بدوشن جا ٻارڙا خورشيد ڪان انتهائي مانوس هوندا هئا. خورشيد ڪان جڏهن پڇيم تہ تون ٻارڙن سان ايترو پيار ڇو ٿو ڪرين تہ هن جو چوڻ هو تہ يار معصوم ٻار ئي حقيقي پيار ڏين ٿا انهن جي نظر ۾ آئون صرف انسان آهيان جڏهن تہ ڀيا مون ڪي منهنجي پس منظر ۽ خاندان يا نسل وغيره جي مصنوعي عينڪ سان ڏسندا آهن. خورشيد جو عورت جي ٻاري ۾ پڻ چوڻ هو تہ عورت ڀهرين نظر ۾ سڻي يا خراب ماڻهو ڪي يڪدم سڃاڻڻ جي صلاحيت رکي ٿي. ان ڏينهن بہ خورشيد ٻارڙن لاءِ شيون وٺي آيو هو ۽ ٻارڙا ياڻي ياڻي ڪري هن ڪي چهتي پيا ۽ پوءِ هڪ پوڙهي همراهہ اسان ڪي ڪيڪاريو ۽ اسان ڪي هڪ جهوپڙي ۾ وٺي هليو ۽ پاڻي وغيرهہ پيئڻ ڪان پوءِ خورشيد جو خيال هڪ ٻي جهوپڙيءَ ڏانهن ويو جتي هڪ معذور پوڙهو تمام پراڻو انڊين فلمي گيت ڳائي رهيو هو شايد گيت جا ٻول هي هئا : دور جاني والي وعده نبهانا،

اپني هوئي پرائي دشمن هوا زمانا
رات هوئي اندهيري چاند بن گيا بيگانہ ....

اهو گيت ٻڌي خورشيد جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي ۽ هن وڏي اشتياق سان چيو تہ هي تہ تمام پراڻو گانو آهي ۽ اسان پنهنجي ٻچپن ۽ نوجواني ۾ اهو ڳائيندا هئا سين، سو اسان جي ميزبان جنهن جو نالو پالو هو هن انهي پاراڌي کي سڏيو تہ اڙي اڄ تو ڪي مهراج سڏي پيو ۽ اهو پڻ پنهنجي جهوپڙيءَ مان گوڏن ڀر رڙهي اسان وٽ پهتو ۽ پوءِ تالهہ ڪي وڄائي خورشيد ۽ هو سڄو ڏينهن اهو گيت ڳائيندا رهيا تڏهن مون کي محسوس ٿيو تہ خورشيد خانہ بدوشن ۽ ڌرتي ڌڪاٽل ماڻهن سان ايڏي دلچسپي ڇو ٿو رکي شايد هن بہ پنهنجي بي چين دل کي قرار ڏيڻ لاءِ انهن ماڻهن ۾ ئي پناهہ ڳولي ورتي هئي.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

خورشيد کي پاراڏي وري مهراج جي نالي سان سڏيندا هئا. هر خانہ بدوش قبيلي وٽ هن جو الڳ نالو هوندو هو. خورشيد جي فارم تي هن جا پيل هاري ڪيس مجيري سڏيندا هئا، پارٽي ۾ اسان هن کي ڀائي جان جي نالي سان سڏيندا هئا سين جڏهن تہ جنڊاوڙ ڀڳت ۽ پاراڏي ڪيس مهراج چوندا هئا. جوڳين وٽ وري علي بابو جي نالي سان سڃاتو ويندو هو ۽ مڊل ڪلاس وري هن جي اڳوڻي عهدي جي سبب ميجر سڏيندو هو.

خورشيد قائمخاني جنهن پنهنجي سموري زندگي پنهنجن شرطن تي گذاري ۽ ان سان ايترو وڏو عرصو گڏجي هلڻ ڪا معمولي ڳالهہ نہ هئي مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو هو تہ هڪ زميندار جي خلاف مهاڏو اٽڪائڻ تي هن مون سان ڳالهائڻ ختم ڪري ڇڏيو هو ۽ آئون پڻ پنهنجي ضد تي قائم هئس تہ ڇا بہ ٿي پئي آئون پنهنجو ڪيس وڙهندس ۽ مون ايئن ڪري بہ ڏيکاريو. مون اُن وقت سمجهيو پئي تہ هاڻ منهنجا ۽ خورشيد جا رستا الڳ ٿي چڪا آهن ۽ اسين وري ڪڏهن نہ ملي سگهندا سين پر جڏهن مون اهو ڪيس کٽيو ۽ زميندار جي پٽن کي سندس حق ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويس تہ ٽنڊو مير محمد ۾ سڀ کان اڳ ڪامريڊ خورشيد ئي مون کي مبارڪباد ڏيڻ آيو هو ۽ اسان وري پاڻ ۾ ملي وياسين. خورشيد روز رسڻ ۽ پرچڻ وارن مان نہ هو. هن جڏهن بہ ماڳ مٽايو تہ پوءِ ڪڏهن ان ماڳ تي وري مڙي نہ ڏٺائين ۽ آئون پنهنجي ضد تي هر قسم جي نقصان برداشت ڪرڻ تہ قبول ڪندو هئس پر سمجهوتو منهنجي ڊڪشنري ۾ نہ هو پر شڪر ٿيو جو هن پنهنجو ضد ڇڏي مون سان وري دوستي ڪئي. آئون ان جي دوستي جي باوجود تمام گهٽي عزت ۽ نوڙت ڪندو هئس. مون ڪڏهن هن جي اڳيان بحث مباحثو نہ ڪيو ۽ ان جو هر فيصلو حڪم سمجهي قبول ڪيو پوءِ اها ڀي ڳالهہ هئي جو هو پنهنجي فيصلي کان اڳ نہ صرف دوستن کي اعتماد ۾ وٺندو هو پر ان تي ليڪچر پڻ ڏيندو هو.

هڪ ڀيري اسين ڪراچي کان حيدرآباد ڏانهن اچي رهيا هئاسين تہ منهنجي نظر بس ۾ سامهون واري سيٽ ويٺل ڪجهہ عورتن تي پئي تہ هن مون کي ڇڙٻ ڏيندي چيو تہ "سوئر آنکهين نيچي ڪر" تہ آئون سڄي واٽ تي هيٺ ڪنڌ ڪري ويٺو هئس. ان ڳالهہ تي اهي عورتون پڻ سڄي رستي ۾ مون تان کلنديون رهيون تہ ڪيئن هڪ ڇڙٻ سان منهنجو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو ۽ وري اکيون مٿي کڻي نہ ڏٺم. اها عزت ۽ محبت هئي جو هن سان چاليهہ سالن جي رفاقت جا پل پل اڄ مون کي ڏٻيي رهيا آهن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڀيرو اسان حيدرآباد ۾ لال بتي اسپتال تي هڪ هاري ڪامريڊ کي پڇڻ آيا هئاسين جيڪو ڏاڍو عليل هو ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ گذاري ويو ته ڳوٺ تائين سندس ميت نيڻ لاءِ ايمبولنس نه ملي رهي هئي. اسپتال جي انتظاميه اهو عذر ڏئي رهي هئي ته اسان حيدرآباد ضلعي کان ٻاهر پنهنجي ايمبولينس موڪلي نٿا سگهون ڇاڪاڻ ته ايئن ڪرڻ جو اسان کي اختيار نه آهي پر ان وقت هڪ پروفيسر ڊاڪٽر ايمبولنس پنهنجي ڪجهه دوستن سان گڏجي نرسن کي ڪينجهر ڏانهن گهمائڻ لاءِ وٺي وڃي رهيو هو ۽اسان هڪ ڊاٽسن ڪرايي تي ڪٽي ميت کي سانگهڙ پهچايو. خورشيد ان واقعي تي هڪ ڪهاڻي لکي جيڪا ان وقت ڪالا ادب پبليڪيشن ۾ شايع ٿي ان ڪهاڻي جو عنوان "زنده لاش ڪي تدفين" هو ان ڪهاڻي ۾ سجيل سينگاريل ۽ هلندڙ ڦرندڙ زنده لاشن جي مسئلن تي فوڪس ڪيو ويو هو.

هارين توڙي خانه بدوشن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ رولاڪ ماڻهو جو ئي جگر کپي ٿو. اسان کي پنهنجي مصروفيتن جي بدران انهن جي زندگي جو حصو بنجي ئي انهن تائين پهچڻو پئي ٿو. هي اهي ماڻهو آهن جن کي توهان جي پرواهه ناهي هوندي. اسان جو مڊل ڪلاس ته رڳو ڪنهن فائيو اسٽار هوٽل جي ڪارڊ ملڻ تي واڇون ٽيڙي ويهي ٿو ۽ ڪنهن ٽي وي ٽاڪ شو ۾ شامل ٿي سمجهي ٿو ته هن ڪو وڏو ميدان ماري ورتو آهي. ڪافي ماڻهو اخباري خبر، ٽي وي پروگرام ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وڏا وس ڪن ٿا. حيدرآباد ۾ منهنجو هڪ پاڙيسري آهي جيڪو ٻه منٽ ٽي وي چئنل تي ڳالهائي ايندو آهي ته پوءِ پنهنجي فون جو پئڪيج ڪري سڄي سنگت جو مٿو کائي ويندو آهي ته منهنجو پروگرام آن ايئر ٿي ويو آهي سو مهرباني ڪري ڦلاڻي چئنل ۾ ڦلاڻي وقت اهو پروگرام ضرور ڏسو ۽ پوءِ وري ان ٽائيم کان پوءِ فيڊ بيڪ پڻ گهرندو آهي ته ڪهڙا اُڪ ڪارا ڪيم پر خانه بدوش ماڻهو ان ڳالهه ۾ تر جيتري پڻ دلچسپي نٿا رکن. مون ڪيترن ئي عالمي ميڊيائي ادارن کي وٺي خانه بدوش قبيلن جا انٽرويو ڪرايا پر اهي ان کي فضول سمجهن ٿا ۽ جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

اسان وٽ ڀيو منفي يا فضول رجحان اهو آهي ته ميٽنگ جي سلسلي ۾ دعوتن جو دور شروع ڪيو ويندو آهي، آئون ان رجحان جي سخت خلاف هئس. ڪميونسٽ پارٽي جا ڪجهه همراهه پنهنجي هاري همدردن سان ملڻ لاءِ سجاول ويا ۽ پوري ڪامريڊن جي ٻتالين ساڻ ڪري جڏهن اهي هڪ ڳوٺ پهتا ته ميزبان پريشان ٿي ويو ۽ هٿ جوڙي انهن کي چيائين ته پيلي اسان ڪامريڊي مان هٿ ڪڍيا ۽ توبه ڪئي سين توهان مهرباني ڪري پنهنجا پير ڊاهيو. حقيقت ۾ اهو صحيح ردعمل هو. اسان ڪڏهن پڻ اهڙي قسم جي گڏجاڻين کان شروع کان وٺي پاسو ڪيو جو اڳ وارو دوست توهان جي

اڇڻ مان ئي بيزار ٿئي پوءِ ڪنهن قسم جي ڪاميابي جي توقع رکڻ ئي فضول آهي. توڙي جو اسان جي زندگي جو وڏو حصو انتهائي غريب ماڻهن ۾ گذريو جتي اسان انهن جي ماني پڻ کائيندا هئاسين پر ساڳي وقت اهي اسان مان بيزار نہ ٿيا. هي اهي ماڻهو هئا جن جا اڪثر ويلا پڻ ٽري ويندا آهن، اسان کي ان حقيقت جو ادارڪ هو ۽ اسان هميشه پاڻ سان گڏ ڪجھ کڻي ويندا هئاسين جنهن مان انهن جي پڻ چڱي خاصي ڪفالت ٿيندي هئي. هڪ ڀيرو اسان طئي ڪري ڇڏيو تہ هاري يا خانہ بدوش ماڻهن جي ماني نہ کائبي سو اسان هڪ ڀيرو ڪنهن هاري ڪامريڊ وٽ وياسين تہ خورشيد چيو تہ پاڻ کي هاڻ ڪنهن بہ هاري ڪامريڊ جي ماني ناهي کائڻي صرف ميٽنگ ڪرڻي آهي ۽ وڏ کان وڏ چانھ يا پاڻي جو ئي ان تي وزن وجھڻو آهي سو اسان ان جي پني ۾ ڦٽين جا گوگڙا پٽي کائڻ لڳاسين جيڪي مٺا هوندا آهن. ڪجھ ٿيلهي ۾ پڻ رکياسين تہ ان مان ئي گذارو ڪبو. اسان کي گوگڙا پٽيندي ڏسي يڪدم اهو هاري ڪامريڊ ڊوڙ ڪري اسان وٽ پهتو چي: هي ڇا پيا ڪريو تہ چيو سين ڪامريڊ اسان توهان دوستن جي ماني کائڻ ۽ اوهان تي وزن بنجڻ بدران انهن مان ئي گذارو ڪنداسين. اها ڳالھ ٻڌي همراھ کان کل نڪري وئي ۽ ٺيٺ ٻهراڙي واري انداز ۾ چيائين تہ اي خدا جا ٻندا ماني کان وڌيڪ تہ اهي ڏينا (گوگڙا) پٽي توهان اسان جو نقصان ڪريو پيا. سو اسان کي پڻ احساس ٿيو تہ همراھ جي ڳالھ بلڪل صحيح آهي سو هن وٽ ماني کاڌي سين. چانورن جون مانيون ۽ سرنهن جو ساڳ کڻي آيو هو ۽ ڏوٴ تي لسي پڻ پياريائين. هارين کي تہ پوءِ مسخري لڳي تہ "انهن چرين ڦٽين جي ڀيل ڪئي سو ڊڪ حوالي ڪبو" ۽ اسان پڻ ان واقعي تي ڏاڍو کلياسين.

بهرحال اسان جو طريقہ ڪار هوندو هو تہ هاري ڪامريڊن کي ڪجھ چوپايو مال وغيرھ وٺي ڏيندا هئاسين تہ جيئن انهن جي ڪفالت ٿئي. اهو چوپايو مال پيرائتو يا اڌ تي ڪجھ عرصي لاءِ ڏنو ويندو هو ۽ پوءِ وري اهو ٻيري ٻي ڪامريڊ جي حوالي ڪبو هو ۽ ايئن ڳاڏو پيو هلندو هو. هڪ ڪامريڊ کي خورشيد گهر جو ڳاڏو هلائڻ لاءِ ريزڪي دڪان کولي ڏنو تہ جيئن ان جي گهر جي ڪفالت ٿئي ۽ ڪامريڊ هاري تحريڪ جي سرگرمين کي پورو وقت ڏئي سگهي پر اهو ڪامريڊ هاري تحريڪ جي سرگرمين کي تہ وقت گهٽ ڏيندو هو ۽ پنهنجو ڪاروبار جمائي وڏو سيٺ بنجي ويو ۽ اڄ تہ هو رائيس ملن جو پڻ مالڪ آهي. اهي سڀ تجربا تحريڪ جو حصو هئا. خورشيد پڻ پنهنجي والد کان مليل حصي مان ڪجھ پيسا وٺي بس سروس شروع ڪئي. اها بس سروس عمرڪوٽ کان ڪراچي تائين هلندي هئي. ان بس سروس جو نالو ريگستان ٽرانسپورٽ هو ۽ وري جو ڪنڊيڪٽر بہ خورشيد ٿيو تہ پوءِ ڏاڍا پوڳ ٿيندا هئا، ڪنهن غريب غربي کان تہ هو ڪرايو وٺڻ پڻ پسند نہ ڪندو هو ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ هو الٽو

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

انھن کي بيماري يا ٻي ڪنھن مسئلي جي حل لاءِ خرچ پکو پڻ ڏيندو هو ۽ حالت اھا بيٺي جو ڪجھ سالن کان پوءِ اھي بسون پڻ وڪڻيون پئجي ويون. خورشيد پنھنجي تن چئن ايڪڙن وارو انبن جو باغ پڻ پنھنجي هارين کي ڏئي ڇڏيو هو ۽ انھن کان صرف پنھنجو معمولي خرچ پکو ئي وٺندو هو. بالو ڀيل ان جي فارم جو مکي هوندو هو.

اسان هر سال ٽنڊو مير محمد ۾ قوالي جو پروگرام ضرور ڪرائيندا هئاسين. ٽنڊو مير محمد ۾ منھنجو هڪ دوست ڇڄو ڀائي آهي ان جو والد مولوي هوندو هو سو اسان کي ان پروگرام تي ڪافي چنبڙيندو هو پر ان ڏاڪٽر صاحب کي خوش ڪرڻ لاءِ اسان شروع ۾ ڪجھ نعتون ۽ ڪربلا جي شھيدن جي ياد ۾ مرثيا ھلرائيندا هئاسين تہ ويچارو ڪجھي نہ سگھندو هو ۽ پوءِ پوري رات قوالين جو دور هلندو هو. اسان جي ان پروگرامن ۾ ساقي بلوچ ۽ منھنجو مائٽ عبدالڪريم بلوچ (ريڊيو پاڪستان جو ڊائريڪٽر)، ڪامريڊ خديجہ گوهر، لاهور جي سنگت جنھن مان ڪئي ڀيرا نيلام گھر وارو طارق عزيز پڻ خصوصي طور حيدرآباد آيو هو. اڄ تائين آئون ٽنڊو مير محمد ۾ هر سال قوالي پروگرام جاري رکندو اچان پيو جنھن ۾ اردو توڙي سنڌي ڳالهائڻ وارن سميت اسان جي پراڻي سنگت ۽ حيدرآباد جا جوڳي ۽ ٻيا خانہ بدوش ماڻھو روڊ ڪناري تي سپ پٽ تي گڏجي ويھندا آهيون تہ وچڙي ويل يارن جو يادون تازيون ٿي پونديون آهن.

❋❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيمو جوڳي جي ڏکوئيندڙ پڇاڙي

جوڳين سان گڏجي گهارڻ دوران مون کي پڻ انهن جي زندگين جي ڏکن جو احساس ٿيو، هڪ جوڳي جنهن جو نالو ڪيمون هوندو هو ان سان منهنجي تمام گهري دوستي هوندي هئي ان جو اڪثر اچڻ وڃڻ پڻ حيدرآباد ۾ ٿيندو هو ته رات جو مون وٽ ضرور ايندو هو. ان جي عمر تقريبن سو سال جي لڳ ڀڳ هئي، ڪنن ۾ وڏا وڏا والا پاتل هئس ۽ مٽڪن جو وڏو وزن پڻ ڳچي ۾ لٽڪائي پيو هلندو هو. جڏهن ڪيس پڇيم ته ته اهي جادوگري وارا ناٽڪ ڇو ٿا ڪريو ته ان جيڪو جواب ڏنو سو مون کي اڄ پڻ ياد آهي. چيائين يار هن دنيا ۾ جوڳين کي تحفظ ۽ روزي روٽي بس ان مٽڪن ۽ توهم پرستي جي مفروضن جي ڪري ئي ته ملي ٿي. اهي اسان سان ڪي به ڳالهيون نه لڪائيندا هئا ان جو هڪ پٽ پڻ نانگ جي شڪار دوران ڪڪجڻ سبب فوت ٿي ويو هو پر جڏهن عام ماڻهو ان کان پڇندا هئا ته جواب ڏيندو هو ته اسان نانگن کي جادو جي زور تي پڪڙيندا آهيون ۽ هڪ عرصي تائين اهي اسان جي وچن ۾ هوندا آهن. مگر اهو سڀ ڪجهه فرضي قصو هوندو هو اصل حقيقت اها هئي جو هنن جو نانگ شڪار ڪرڻ وارو طريقه ڪار پڻ اهو ساڳيو آهي جيڪو اسان جاگرافي جي چئنلن تا پيشه ور شڪارين کي شڪار دوران ڏسون ٿا.

ڪيمي جوڳي جو موت پڻ المناڪ طريقي سان ٿيو، بدين ويجهو هو هڪ ڳوٺ ۾ ڪجهه جوڳي ديرو ڄمائي ويهي رهيا انهن ۾ ڪيمون پڻ هو جيڪو سخت بيمار ٿي پيو، حيدرآباد ۾ هن جو پٽ مون وٽ آيو ۽ ان ڪجهه دوا درمل لاءِ مدد گهري ۽ پوءِ ان کي ڪرايو وغيره ڏئي چيم ته پٺمين کي حيدرآباد وٺي اچ ان جو هتان علاج ڪرائينداسين سو اهي حيدرآباد ۾ پڻ هن کي ڪٽي آيا پر ڊاڪٽرن چيو ته هن جا ڦڦڙ بلڪل ختم ٿي چڪا آهن سو هي ڪجهه ڏينهن جو مهمان آهي ۽ پوءِ هو وري پنهنجي ديري تي وٺي هليا ويا. ڪيمون سڄو ڏينهن پنهنجي جهڳي ۾ ڪرڪندو رهندو هو ۽ اهي جوڳي پرپاسي مان خيرات پني رات جو ان ديري تي رهندا هئا. هڪ ڏينهن آئون ان جي طبيعت پڇڻ لاءِ بڊين ويس مون کي ان جي ديري جي خبر نه هئي سو بدين شهر ۾ پئي چڪر لڳايم ته ڪو جوڳي نظر اچي ته ان کان ان ديري جو ڏس معلوم ڪريان ۽ ايئن ڦرندي هڪ جوڳي تي نظر پئي ان به مون کي سڃاتو ۽ پنهنجي ديري تي وٺي آيو اهو ديرو ڳوٺ جي ويجهو هو. ڪيمون صبح جو گذاري ويو هو، جوڳي خيرات واسطي پر پاسي جي ڳوٺن ۽ شهر ۾ پنڻ لاءِ نڪري ويا هئا. ان ديري ۾ حيريت جهڙي ڳالهه اها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي جو روح راڙو بلڪل نہ هو، ڪيمي جا گهر ڀاتي سڀ مون کي سڃاڻيندا هئا ان جي گهرواري پڻ لڙڪ لڪائي جهڳي ۾ منهنجي ڳچي ۾ ٻاڪر پائي سڏڪندي رهي * چوندي رهي "تمارو هاتي (ساٿي) ڏور رمي گيو ٻايا" يعني ٻائو تنهنجو ساٿي تمام پري هليو ويو. انهن کي پنهنجي ميت تي روئڻ جي پڻ آزادي نہ هئي ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ سان پر واري ڳوٺ جي ماڻهن کي خبر پئجي ها ۽ اهي لاش کي دفنائڻ نہ ڏين ها ۽ وڏو مسئلو پيدا ٿئي ها. اهي غريب ايتري بہ پهچ نٿي سنيالي سگهيا جو پنهنجي پيارن جي ميت کي عمرڪوٽ واري قبرستان ڏانهن کڻي وڃن. ان لاءِ گاڏي وغيره جي بندوبست لاءِ هزارين روپين جي گهرج هئي. مون ان جي گهرواري ۽ پٽن کي چيو تہ جيڪڏهن توهان چاهيو تہ ان جو لاش پاڻ عمرڪوٽ ڏانهن کڻائي هلون مگر ان جي گهرواري مون کي واسطا ڏئي رهي هئي تہ خدا جي واسطي ايئن نہ ڪر هي جيو (روح) سڄي عمر تنهنجي احسان هيٺ هو ۽ مرڻ کان پوءِ هن کي وڌيڪ قرضي نہ بڻاءِ. مون پڻ انهن جي مرضي ڏسي ماٺ ڪئي. ڪيمي جي ڀاءُ مون کي مذاق مان چيو تہ ادا ويهي اسان جي رسم ڏسجين پر پڙڪ ٻاهر نہ ڪيجان. حيرت جهڙي ڳالهہ اها هئي جو ننڍڙا ٻار ۽ ان جون بہ ڏيڙون جيڪي ساڻس گڏ هيون اهي پڻ روئڻ پٽڻ جي بدران بي دلي سان صبح جو ڳوٺ ۾ ڦيرو ڏئي آيون تہ جيئن ڪنهن کي شڪ نہ ٿئي تہ انهن جوڳين ۾ ڪو واقعو ٿي چڪو آهي جو اڄ اهي ٻاهر بہ نٿا نڪرن. ڪيمي جا پٽ پڻ ان ڏينهن شهر ۾ مرليون وڄائي خيرات وٺندا رهيا. منهنجي لاءِ اهو ڏينهن زندگي جو تمام ڏکيو ڏينهن هو منهنجي اکين مان سڄو ڏينهن لڙڪن جو قطارون وهنديون رهيون. ننڍڙا ٻار جيڪي راند روند ڪرڻ جي عمر جا هئا اهي پڻ اداس ۽ اٻاڻڪا ويٺل هئا. ديري جي اڳيان وات هئي ۽ انهن ڏانهن جيتوڻيڪ ڪنهن جو ڌيان نٿي ويو پر جوڳين وڏو احتياط پئي ڪيو. ڪيمي جو لاش جهڳي ۾ پٽ تي پيل هو مٿس ٽوال ايئن ويڙهيو ويو جڻ هو اگهور ننڊ ۾ ستل هجي. ڪيمي جي پوٽي ميران، جنهن جي عمر ست يا اٺ سال مس هئي ان پنهنجي ڏاڏيءَ جي چوڻ تي مون لاءِ سليماني چانهہ تيار ڪئي پر منهنجي لاءِ تہ اها چوڪري پڻ هڪ عذاب هئي جنهن جي اکين ۾ پڻ لڙڪ لارون ڪري رهيا هئا. چلهہ ٻاريندي هن اوچنگار ڪئي تہ منهنجا سڏڪا پڻ بند نہ ٿيا ۽ آئون پڻ روئڻ لڳس. هڪ معصوم ٻارڙو ڏاڏا چئي روئي رهيو هو تہ پئي معصوم ٻار ان جي وات تي هٿ پئي رکيو تہ روءِ نہ ٻائو اهي ڳوٺ وار ڏسي ويا تہ ڏاڏا جي لاش کي ڏاڍو ماريندا تہ هن ٻارڙي پڻ سڏڪندي روئڻ بند ڪيو. مون کي ان ڏينهن پنهنجي وجود سان ئي نفرت ٿيڻ لڳي. هي تہ شايد آفريڪي شيدين جي غلامي کان پڻ وڏي غلامي هئي جن کي انساني منڊي مان خريد ڪيو ويندو هو ۽ پيڙن ۾ مرڻ جي صورت ۾ سمنڊ ۾ انهن جا لاش اڇلايا ويندا

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

هئا. هنن غريب ماڻهن ڪهڙو ڏوهہ ڪيو جو اهي روئي بہ نٿي سگهيا ۽ ۽ نہ ئي ڊرتي انهن کي پنهنجي پيٽ ۾ سمائي پئي سگهي. اهو سوچيندي مون وڏي عذاب ۾ اهو سمورو ڏينهن ڪٽيو. شام تي تہ سڀ جوڳي گڏ ٿيا ۽ اسان ڪچهري ڪري رهيا هئا سين. ان موقعي تي هنن پنهنجي پين پيارن جي وڇوڙن جا پڻ اچي قصا ڇيڙي تہ آئون حيران رهجي ويس مون کي اڳ ئي خورشيد ٻڌايو هو تہ جوڳين سان اهي واقعا پڻ پيش ايندا آهن. مون ان ڏينهن پنهنجي اکين سان اهو سڀ ڪجهہ ڏٺو. رات جو جوڳين پنهنجون هڙون ٻڌڻ شروع ڪيون. سياري جي موسم هئي، رات جو سخت سيءُ لڳي رهيو هو ۽ اڌ رات جو ڪجهہ جوڳين هڪ جهڳي ۾ مانيون اٿلائڻ وارا چمٽا کنيا ۽ آهستي آهستي قبر کوٽڻ شروع ڪئي مون پڻ ان ۾ حصو ورتو ۽ اسان هٿن سان وڏي قبر کوٽي ورتي ۽ ان جي مٽي هڪ پاسي رکندا وياسين. پوءِ کيمي جا ڳچي ۾ مٽڪا ۽ پٿر لاهي بگري ۾ وڌا سين، سندس بدن تي صرف هڪ گوڏ ئي رهڻ ڏني وئي ۽ پوءِ ان کي غسل ڏنوسين ۽ وات ۾ پاڻي جا ٻہ ڍڪ وجهي هڪ ٿامي جي تند جو ٽڪرو پڻ سندس وات ۾ رکيو ويو. ان کي پوءِ گيڙو پڳڙي جنهن کي جوڳي بيک چون، جو ڪفن پارايو سين ۽ پوءِ رام رام گورڪنات چئي کيس قبر ۾ سمهاريو ويو ۽ ان مٿان ڪجهہ مٽي وڌي وئي پوءِ ديوين ۽ ٻيرن جا ڍنگر ان مٿي مٿان وڌا ويا تہ جيئن ڪو جانور لاش کي کوٽي ڪڍي نہ وجهي ۽ ان مٿان ورِي مٽي وڌي وئي. هڪ ٿيلهي ۾ مٿيل ماني ۽ پن جون پيڙيون ان قبر ۾ رکيون ويون ۽ پوءِ قبر کي مڪمل طور لٽيو ويو پر مٿان اپريل مٽي جي ڍير کي ڪجهہ وقت اتي رهڻ ڏنو ويو ۽ اسان سڀ خاموشي سان اتي سڏڪي رهيا هئا سين ۽ پوءِ ڪجهہ نوجوان جوڳي ڇوڪرن اتان بچيل مٽي کي ٽوال ۾ کڻي پريان پاڻي جي ڍبي ۾ احتياط سان ڦٽو ڪيو ۽ قبر کي فرش جيان هموار ڪيو ويو ۽ هڪ جوڳياڻي ڏينهن جو پسايل مٽي جو ڳارو کڻي ان تي راڳو ڪيائين تہ جيئن ڪنهن کي بہ شڪ نہ پئي تہ جوڳين هتي لاش دفن ڪيو آهي ۽ پوءِ ورِي ان مٽي تي سڪل مٽي پکيڙي وئي ۽ مٿي ڪجهہ ڍنگر پکيڙي جهڳي کي پٽيو ويو. اسان هاڻ ڪجهہ وقت انتظار ڪرڻ لڳاسين ۽ ڪجهہ ڪلاڪن جي انتظار کان پوءِ اسان جي قافلي اتان پنهنجو ديرو پٽيو سڀ هڙون کڻي ڳوٺ کان ٻاهر نڪتا سين. آئون پڻ انهن سان گڏ هئس ان وقت شايد رات جا ساڍا ٽي يا چار ٿي رهيا هئا. بدين شهر ۾ اسان پنج وڳي پهچي وياسين تہ ڪجهہ روشني پڻ ٿيڻ لڳي ۽ اذان پئي آئي. ساڍي پنج وڳي اسان حيدرآباد ويندڙ هڪ پراڻي وين ۾ سوار ٿيا سين حيدرآباد جي فتح اسٽاپ تي جوڳين کي مون چانهہ پياري ۽ ناشتو ڪرايو ۽ بہ ٽولا ٿيا هڪ نوابشاهہ ڏانهن ويو ۽ هڪ ٽولو ميرپورخاص کان ٿي ٿر ڏانهن

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

راهي ٿيو ۽ پوئتي رهجي ويون صرف ڪجهه يادون ۽ ڪيمي جوڳي جي گمنام بڻي ۽ اها بڻي اتي ئي ناهي وئي جتي هن پنهنجا آخري ساهه کنيا هئا.

جوڳين ٻڌايو تہ اسان هاڻ ڪجهہ سال ان تر ۾ ئي نہ ويندا سين ۽ ان جاءِ تي وري ڪڏهن بہ اسان ديرو نہ ناهيندا سين ۽ اهڙي ريت آئون جوڳين جو پڻ ڪانڌي ٿيس. هاڻ اهو واقعو ان ڪري لکي رهيو آهيان تہ جوڳي هاڻ خانہ بدوشي ترڪ ڪري پنهنجون بستيون ناهي ويهي رهيا آهن ۽ انهن جي وڏن جي ئي لالچ ۾ وڏيرن مٿس هٿ رکڻ پڻ شروع ڪيو آهي ۽ نئون ڪوٽ، ٽالهي، عمرڪوٽ ڏي انهن جا پنهنجا قبرستان پڻ آهن جتي پنهنجي مڙدن کي دفن ڪندا آهن. مون پنهنجي باگڙي، ڪولهي، ڀيل ۽ ميگهواڙ دوستن کي پڻ چيو آهي تہ اهي ڪنهن جوڳي کي پنهنجي قبرستانن ۾ دفن ٿيڻ کان نہ روڪين، حيدرآباد ۾ غريب اقليتي جاتين جي قبرستانن ۾ پڻ جوڳين جا مڙدا دفن آهن. الميو اهو پڻ آهي تہ اهي اسپتالن ۾ پنهنجي بيمار ماڻهن کي ان ڊپ کان داخل نٿا ڪرائين تہ مرڻ جي صورت ۾ لاش کي دفنائڻ بہ مسئلو هجي ٿو. ماتلي ۾ خانہ بدوش قبيلن جو هڪ قبرستان پڻ آهي جتي خانہ بدوش قبيلن جا ماڻهو پنهنجي پيارن جا مڙهہ دفن ڪندا آهن.

جوڳين جي لاءِ موت کان پوءِ بہ عذاب هوندو آهي، ڪافي سالن کان پوءِ ڪيمي جو پٽ مليو جنهن ٻڌايو تہ اسان بہ مهينا اڳ ان جو مارڪو (آخري رسمون) ادا ڪيون ۽ قرض کڻي ويهہ پنجويهہ هزار ماني تي خرچ ڪياسين. چاڪاڻ تہ برهمڻ مهراج جو چوڻ آهي تہ توها جوڳين جا لاش ڪڏهن پڻ مڪتي نٿا پائين ۽ ان آخري رسم جي ادائگي سان ان کي وري نئون جنم ملي ٿو. مون کي ذهني ۽ جسماني غلامي ۾ وڪوڙيل انهن ماڻهن جي پسماندگي ۽ بدحالي تي ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. انهن ماڻهن کي پسمانده رکڻ ۾ پوري سماج ڪنهن بہ ريت ڪا ڪسر ناهي ڇڏي.

❋❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوئتي پيل طبقن ۾ شعوري ڪم

خانه بدوشي جي به پنهنجي دنيا هئي، مون ۽ خورشيد فيصلو ڪري ڇڏيو ته خانه بدوشن کي سماج جي حاشي مان ڪڍي سماج ۾ برابري وارو مقام عطا ڪرڻ لاءِ ڪم ڪيو وڃي. انهي مقصد لاءِ خورشيد، خانه بدوش طبقن جي تاريخ ۽ ثقافت تي قلم کنيو ۽ انهن ۾ جاڳرتا جو احساس ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائين. جيتوڻيڪ خورشيد جي لکڻين جو خانه بدوش طبقي تي حقيقي اثر تڏهن ئي ٿي سگهندو جڏهن اهي ماڻهو تعليم حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويندا پر اسان جي پڙهيل لکيل طبقي جي اڳيان خورشيد صاحب سنڌ جي قديم ماڻهن جي تهذيب ۽ تاريخي ورثي جو ذڪر ڇڏي ويو آهي ۽ اسان جو هر ماڻهو اهو احساس ڪري ٿو ته اهي خانه بدوش قبيلا ئي سنڌ جا حقيقي وارث آهن. بدقسمتي سان اسان جي مورخن دراوڙ تهذيب کي جاٽي واٽي نظر انداز ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن سر جان مارشل موئن جو دڙو دريافت نه ڪري ها ته اسان اڄ تائين ويدن ۽ پراڻن جي بولي ئي ڳالهايون ها ته آرين کان اڳ هتي جهنگلي ۽ وحشي ماڻهو رهندا هئا پر موئن جي دڙي جي کوٽائي کان پوءِ نه چاهيندي پڻ اسان جي مقامي مورخن کي پڻ حقيقتون تسليم ڪرڻيون پيون آهن.

خورشيد قائمخاني جي جدوجهد ضرور مستقبل ۾ رنگ لائيندي ۽ اسان تاريخ جي سچائي تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ويندا سين. خانه بدوشي ۾ خورشيد جو ساٿ ڪامريڊ خديجه گوهر پڻ ڏنو. مون کي ياد آهي ته ڪامريڊ خديجه آفريڪا جي دوري کان پوءِ لاهور پهچي مون کي خط لکيائين ته آئون سنڌ ۾ موجود آفريڪي ماڻهن (شيدين) تي تحقيق ڪرڻ چاهيان ٿي ۽ تون اسان جي ان سفر جو بندوبست ڪجان. مون پنهنجي ٽنڊي باگي جي ماڻهن ۽ عبدالباري ايڊووڪيٽ سان ڳالهه ڪئي انهن پڻ خوشي سان پنهنجو وقت ڪڍي برادري ۾ گڏجاڻيون رکرايون ۽ ڪامريڊ خديجه ۽ خورشيد ڪئي هفتا شيدين ۾ رهيا ۽ انهن جي زندگي جو جائزو ورتائون. ڪامريڊ خديجه ان تحقيق جو ذڪر پرڏيهي اخبارن ۽ رسالن ۾ لکيل آرٽيڪلز ۾ ڪيو جنهن کي پوءِ خورشيد ترتيب ڏئي هڪ ڪتاب جي شڪل ۾ پڌرو پڻ ڪيو. خديجه اهي مضمون ”ساحل کان ڏور“ جي عنوان سان لکيا هئا. اڄ پڻ اسان جي شيدين ۾ آفريڪي دهل (مگرمان) جي ٿاپ تي رقص ڪيو ويندو آهي، اها ريت بلڪل آفريڪي ثقافت جو حصو آهي. حيرت جهڙي ڳالهه اها آهي ته وڄت پڻ بلڪل ساڳي آهي جيڪا آفريڪا ۾ رائج آهي. دهل وڄائڻ سان گڏ رقص پڻ ساڳيو آهي خاص ڪري باهه تي رقص ۽ دهل وڄائڻ جو انداز. ان سفر ۾ خورشيد پڻ گڏ هو. هڪ ڀيري جڏهن ٽنڊو باگو ويجهو شيدين جي ڳوٺ ۾ رات جو باهه تي مگرمان ۽ رقص جي محفل پنهنجي عروج تي هئي ته خديجه گوهر پڻ شيدياڻين سان گڏجي رقص ڪرڻ تي مجبور ٿي ۽ آئون پڻ ان رقص ۾ شامل ٿيس پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خورشيد ڏاڍي مزي سان پٽ جي ٽيڪ ڏئي ان مان مسرور ٿي رهيو هو تہ مون سٽ ڏئي ڪيس اٿاريو ۽ نچڻ تي مجبور ڪيو. مون خديجہ کي چيو تہ هن راجپوت کي ڏس اسان جي رقص کي مجرو سمجهي نوابن وانگر پٽ جي ٽيڪ ڏئي ويٺو آهي. خورشيد گهٽو ئي نتايو تہ هن کي نچڻ کان شرمندگي ٿئي ٿي پر خديجہ ۽ سڀ شيدي ڪيس پاڻهن مان جهلي رقص ڪرايائون ۽ ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ هو پڻ رقص ڪرڻ سکي ويو. ان وقت خورشيد سمجهيو تہ رقص ۽ مجري ۾ وڏو فرق آهي ۽ اها ڳالهہ هن پنهنجي ڪتاب ۾ پڻ لکي هئي.

خديجہ سنڌ جي سفر کان پوءِ مون کي اترئين علائقن جي شيدين ۾ گهمڻ جي دعوت ڏني. اهي شيدي عام طور پٺاڻ شيدي سڏيا ويندا آهن. پهريون ڀيرو پٺاڻ شيدي جو لفظ ٻڌي مون سميت ٻيا شيدي پڻ حيران ٿيا پر اڳئين سال مون سيف الملوڪ ڍنڍ جي ڀرپاسي ۾ شيدي برادري جي ماڻهن سان ملاقات ڪئي تہ مون کي ڏاڍو مزو آيو. اهي شيدي رنگ جا پٺاڻن وانگر ڳاڙهسرا ۽ سفيد فام آهن پر نڪ، چپ ۽ وارن جي بناوت هوبهو اسان جهڙي آهي. سيف الملوڪ ۽ درويش ڍنڍ جي باري ۾ پرين جو آکاڻيون مشهور آهن پر مون کي اتي پهچي اندازو ٿيو تہ پرين نالي ڪا آسماني مخلوق هتي نٿي هجي پر هتي جا ماڻهو ئي ايڏا خوبصورت آهن جو ماڻهو ان کي پريون ۽ آسماني مخلوق سمجهندا آهن. مون وٽ اڄ پڻ اتان جي هڪ نينگري جي ڪئميرا مان ورتل تصوير بہ شايد موجود هوندي جيڪا سيف الملوڪ ڍنڍ جي ڪناري تي بيٺل هئي تہ ڪامريڊ خديجہ سندس تصوير ورتي. اها تصوير جڏهن آئون هتي پنهنجي دوستن کي ڏيکاريندو هئس تہ اهي ان کي ڪنهن مصور جو شاهڪار سڏيندا هئا ۽ اعتبار بہ نہ ايندو هئن تہ اها ڪا حقيقي تصوير آهي. انهن ماڻهن جي جهڙي سونهن ۽ جسماني بيهڪ آهي اهڙي ئي سندن پوشاڪ ۽ وري اهڙا ئي سندن ملڪ جا نظارا آهن جو ماڻهو حيران رهجيو وڃن.

اترئين علائقن ۾ پختون بيلٽ کان سواءِ ٻيا ماڻهو امن پسند آهن. پختون قبيلا شروع کان ونئي ويڙهاڪ رهيا آهن. اسڪردو سميت پوري گلگت بلتستان جا ماڻهو انتهائي مهذب ۽ پيار ڏيندڙ آهن.

اسان کي ايڊز خلاف مهم دوران اهو تجربو حاصل ٿيو تہ اسان جي سماج ۾ ماڻهو اجتماعي سوچ ۽ اجتماعي ذميواري جي احساس کان خالي آهن. ايڊز هڪ خطرناڪ ۽ وچڙندڙ بيماري آهي ۽ اسان جهڙن تباهہ ٿيل سماجن ۾ تہ اها خطرناڪ انداز سان وڌي رهي آهي پر اسان جا ماڻهو انتهائي لاپرواهہ آهن، قدرتي آفتن ۽ اهڙين بيمارين کي اجتماعي طور ئي انسان منهن ڏئي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

شاگردن ڪان سواءِ اسان انساني حقن جي اداري سان گڏجي پڻ ڪم ڪيو هو پر جلد ئي ڪجهہ اصولي اختلافن سبب مايوس ٿيڻو پيو. ڪامريڊ خديجہ گوهر ۽ خورشيد قائمخاني پڻ عاصمہ جهانگير جي دعوت تي انساني حقن جي ڪميشن ۾ شامل ٿيا هئا. هي ان دور جي ڳالهہ آهي جڏهن سنڌ ۾ لساني فساد ٿيا هئا. اسان ان فسادن کي غريب طبقي کي ورهائڻ جي هڪ چال سمجهيو هو ۽ حقيقت ۾ پڻ ايئن ئي هو. ان دور کان پوءِ هر ميدان ۾ سنڌ جو سماج پاڻ ۾ ورهائبو رهيو ۽ نوان تضاد شروع ٿيا.

انڊيا جي مشهور دانشور وي ٽي راجشيڪر جو چوڻ آهي تہ انڊيا ۾ بادشاهن جي دور کان پوءِ ڪڏهن پڻ هڪ قوم بنجي نہ سگهي آهي ۽ هن وقت پڻ هڪ قوم ناهي پر جڏهن اسان هڪ قوم بنجڻ ڏانهن سفر ڪريون ٿا تہ پوءِ ڪي اهڙا تضاد ۽ فساد شروع ٿين ٿا جنهن سان اڳئين پوئين محنت ختم ٿي ويندي آهي. هن جو اشارو هندو مسلم فسادن ڏانهن آهي ۽ اسان وٽ پڻ ٿوري گهٽي فرق سان اهڙي ئي صورتحال اهي. سنڌ ۾ لساني فسادن جو آئون اکين ڏٺو شاهد آهيان. اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ غريب ۽ معصوم ماڻهن کي پنهي پاسن کان لسانيت جي چڪي ۾ پيڙهيو ويو ۽ ان تضاد سان هتي جي ڪجهہ ماڻهن جي سياسي دڪانداري چمڪڻ لڳي پر وڌ کان وڌ فائدو اسان جي اصل ڌر کي ٿيو جنهن قومي ۽ طبقاتي استحصال خلاف عوام جي متحد ٿيڻ جي آخري اميد کي پڻ ختم ڪري ڇڏيو. پنهي ڌرين جو قاتل هڪ ئي هو ۽ ٻين صرف ڪرايي تي مزدوري ڪئي هئي. حيدرآباد جي انهن غريب ماڻهن جو ڏوهہ ڪهڙو هو جيڪي بي موت ماريا ويا ۽ اهڙي ريت ڪراچي ۾ پنهنجي پچن جي روزگار لاءِ ڪم ڪندڙ غريب محنت ڪش ماڻهن کي ڳولي ڳولي ماريو ويو ۽ پوءِ اسان جي نصيبن ۾ بدترين لساني سياست جي اڏي تي ڪنڌ ڌرڻ ئي لکجي ويو ۽ اهو تضاد هاڻ جيتوڻيڪ پنهنجي اڳيون عروج وڃائي چڪو آهي پر پوءِ بہ پنهي ڌرين جي سياسي زندگي لاءِ اهو تضاد آڪسيجن جهڙي حيثيت رکي ٿو.

اردو ڳالهائيندڙ آبادي ورهاڱي کان وٺي لڳاتار پٽڪي رهي آهي، انهن وڏي پئماني تي ڪٽي وري لڏپلاڻ نہ ڪئي هجي پر سياسي حوالي سان انهن هتي پڻ لڏپلاڻ ڪئي. آئون ڪنهن بہ طبقي کي ان جي ڪردار سان ڏسڻ جو عادي آهيان. سنا ۽ خراب هر طبقي ۽ گروهہ ۾ موجود هجن ٿا ۽ اهو پڻ تہ ڪنهن جي انفرادي ڪردار کي گروهي ڪردار سان گڏ مڏ ڪرڻ پڻ صحيح ناهي. اردو ڳالهائيندڙ طبقي مان وڏا وڏا انقلابي ۽ ترقي پسند پڻ هئا. ڪامريڊ شهيد حسن ناصر، ڊاڪٽر اعزاز نذير، حسين بخاري، سلام بخاري، خورشيد قائمخاني سميت ڪيترائي ئي اهڙا ڪردار هئا جن پنهنجي ويجهو لساني تعصب واري سياست کي اچڻ نہ ڏنو ۽ ساڳئي وقت اردو ڳالهائيندڙ توڙي سنڌي ڳالهائيندڙ طبقي مان ڏوهاري ۽ سماج دشمن ڪردارن جي موجودگي پڻ هڪ حقيقت آهي. اسان وٽ لساني سياست رڳو نفرتن ئي جنم ڏنو آهي. اردو ڳالهائيندڙ طبقي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي لڏپلاڻ جو جيڪو مٿي ذڪر ڪري رهيا آهيون ان بابت وضاحت ڪندس ته اردو ڳالهائيندڙ ڪميونٽي جي اڪثريت محنت ڪش طبقي مان هئي پر انهن وقت ۽ حالتن اڳيان سمجهوتو ڪري ورهاڱي واري دور ۾ دقيانوسي ۽ رجعتي ڌرين جو ساٿ ڏنو هو. الشمس ۽ البدر تنظيمن جي لاءِ پارٽ پڻ اردو ڳالهائيندڙ طبقو بڻيو. اردو نوابن ۽ جاگيردارن جماعت اسلامي سان ويجهڙائي قائم رکي ۽ جماعت اسلامي صرف وو ٽن تائين اردو عوام جي ويجهو رهندي هئي ۽ عملي طور اردو ڳالهائيندڙ مٿيون طبقو ئي جماعت اسلامي ۾ شامل هو. لساني فسادن سان هٿ وٺي اهڙيون تنظيمون ٺاهيون ويون جيڪي شروعات ۾ ته اصل سرڪار جي ڪمداري ڪنديون هيون پر اهي هاڻ پنهنجي سائيز ۾ تمام گهڻو وڌي وڃڻ تي چڪيون آهن ۽ اهي اصل سرڪار جي پڻ آقائن (عالمي سامراج) جي آشيرواد سان پنهنجو ڪارو ڪاروبار ڪري رهيون آهن. بهرحال اسان جي سياست جو اهو هڪ وڏو الميو آهي. اسان منڍ کان وٺي انهن رجحانن جي وڏي چڙهي مخالفت ڪئي هئي. حيدرآباد ۾ ان ئي دور ۾ فاران هوٽل تي هڪ سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن ۾ لساني سياست چمڪائيندڙ پنهي ڌرين جا اڳواڻ پڻ پتڪا پڌي شريڪ ٿيا هئا. ان سيمينار ۾ مون جذباتي انداز ۾ انهن ڌرين جي سامهون عاصم جهانگير کي چيو ته اسان سمجهيو هو ته توهان اهي فساد ختم ڪرڻ لاءِ سنجيده آهيو پر هتي ان فسادن جي ذميوارن کي گهرائي توهان ٻي دردي سان مارجي ويل انسانن جي خون سان مذاق ڪري رهيا آهيو. هتي آخر انهن ماڻهن کي گهرائڻ جي ئي ڪهڙي ضرورت آهي جيڪي انهن فسادن جا جوابدار آهن پوءِ پلي ڪٿي اهي ڪهڙي به گروهه سان تعلق رکندا هجن.

انساني حقن جي ڪميشن سان اها منهنجي آخري نشست هئي ان کان پوءِ مون ڪڏهن پڻ هيومن رائيٽس ڪميشن جي پروگرامن ۾ نه ويس. جنهن نظام جو بنياد ئي انسانيت جي قدرن کي تهس نهس ڪرڻ هجي ان نظام کان انساني حقن جي خيرات گهري نٿي سگهجي. اسان هر مسئلي کي ان نظام جو تحفو سمجهيو آهي پوءِ پلي مذهبي بنيادن تي ورهاڱو هجي يا وري لساني يا قومي بنيادن تي انسانن جو ڪوس.

اسان وٽ هتي نظام کي سمجهڻ بدران پنهنجي توانائي شخصي ڪردار تي لڳائي ويندي آهي. شخص جو ڪو ڪردار نه هوندو آهي پر سماج جي بنيادي محرڪن ۽ لاڙن جو ئي وڏو ڪردار هوندو آهي. ڪراچي ۾ ڪميونسٽ پارٽي جا پوسٽر لڳائيندڙ هڪ ڇوڪرو انهي ڪم لاءِ هڪ يا ٻه روپيه وٺندو هو ۽ پوءِ سڄي رات پٽين تي مزدور يونين جا پوسٽر لڳائيندو هو پر موجوده وقت ۾ ان همراهه جو وڏو ڇوپول آهي ۽ اهو لنڊن ۾ ويهي سڄي ڪراچي کي ڪنٽرول ڪري رهيو آهي. سماج جي زوال پذيري جا داستان تمام طويل آهن. مون پنهنجي زندگي ۾ اهڙا ڪيترائي ڪردار ڏٺا جيڪي

books.sindhsalamat.com www.sindhsalamat.com

رات وچ ۾ ڪروڙپتي بنجي ويا. سياست جي ميدان ۾ هر ڪنهن پنهنجو وڪر ڪپايو ۽ ان ڪري ماڻهن جو سياسي ڌرين تان اعتماد ئي ختم ٿي ويو.

ورهاڱي جي دور کان ستت ئي پوءِ اسان عملي زندگي ۾ پير پاتو ۽ ان وقت هر جاءِ تي ۽ هر لمحي ورهاڱي جا زخم چڪندا رهيا ۽ اسان سمجهيو هو ته جلد ئي هن صدمي مان ٻاهر نڪري ايندا سين پر ڪجهه سياڻن جو چوڻ هو ته هي ورهاڱو هزارين پيڙهين ورهاڱن کي جنم ڏيندو ۽ پوءِ جي دور ۾ اسان ڏٺو ته هر جاءِ تي ويڇا ۽ تفاوتون وڌي وڻ ٿيڻ لڳيون. هڪ مارڪسوادي جي نقط نظر سان اسان اميد ٿا ڪريون ته اهو سڀ ڪجهه انسان جو مقدر نه آهي ۽ محنت ڪش طبقن جي جڙت ۽ ڪاميابي سان اهي فرق ختم ٿي سگهن ٿا باقي ٻي ڪنهن به طريقي سان اهي زخم ڇٽي نٿا سگهن.

اسان جي سماج ۾ هڪ وڏو الميو اهو آهي ته اسان جو حڪمران طبقو بنيادي نا اهل طبقو آهي جنهن رياست جي ئي مدد سان پنهنجي حڪمراني هلائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ رياست پاران ان مزدوري جي وڏي رقم ۽ مراعت ورتي وئي اڄ اها وچي صورتحال بيٺي آهي جو اصل حڪمران طبقو پڻ اهو آهي جيڪو رياست جو حصو آهي ۽ رياست ئي حڪمران طبقي جي جاءِ ورتي آهي جڏهن ته ٻين سماجن ۾ ڪلاسيڪل سرمائيدار ئي حڪمران طبقو هوندو آهي. اسان وٽ وري ان جي جاءِ جنرلن ورتي آهي. نالي ماتر جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقو پڻ رياست جي طاقت سان حڪمراني ڪري رهيو آهي ۽ رياست وقت بوقت انهن کي پنهنجي حدن ۾ رهڻ لاءِ مجبور ڪندي آهي جيئن هن وقت ٿي رهيو آهي.

عوام انهي ڪشمڪش ۾ ٻنهي ڌرين جي رحم و ڪرم تي آهي ۽ ٻئي ڌريون عوام کي پيڙهنديون رهن ٿيون. ايندڙ وقت تمام آزمائش وارو ۽ تلخ آهي پر عوام جي نجات صرف عوام جي ئي ايڪار سان ممڪن آهي.

منهنجو پورو پختو يقين آهي ته برائي جي رات ڪيڏي نه طويل هجي پر سچ جو صبح نيٺ ايرندو. انسان پيڙائن جو سفر ڪري ڪري آخر اٿي پوندو. اسان وٽ جيتوڻيڪ ويجهي مستقبل ۾ اهي آثار نظر نه ڪٿي اچن پر استحصالي طبقن جون ڪمزوريون پڻ حوصلي کان گهٽ نه آهن. جڏهن اڄ ڪابه ڏر ئي ختم ٿي وئي آهي پوءِ به عوام ۾ بي چيني هڪ خاموش طوفان کي پيدا ڪرڻ جي سگهه رکي ٿي ۽ اهو طوفان جيڪڏهن ايريو ته حڪمرانن لاءِ ان کي روڪڻ لاءِ ڪي به وسيلا ۽ هٿيار ميسر نه هوندا.

مون جڏهن پنهنجن دوستن جي اسرار تي پنهنجي يادگيرين جا ورق کولي انهن کي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڪافي يادگيريون ذهن جي پردي تي اڇي ويون. مون پنهنجي دوستن ۽ استادن کان اهو ئي سکيو ته ڪنهن به حالت ۾ ورچي ويهڻ يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مايوس ٿيڻ سچائي کان انڪار ڪرڻ جي مترادف آهي. مون کي اهي دوست پڻ ياد اچي رهيا آهن جيڪي تمام ڪٺن حالتن ۾ رياستي جبر جي باوجود پنهنجي مقصدن تان پوئتي نہ هٽيا. ڪيترن دوستن تہ پنهنجي جان جا نذرانا پڻ ڏنا.

خورشيد قائمخاني پنهنجي آخري ڏهاڪي ۾ تيزي سان لکڻ شروع ڪيو. انگريزي جي بدران هن سنڌي اخبارن ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ ان ڏس ۾ ان جو ساٿي اسحاق مگريو هوندو هو، جنهن جي معرفت ڪاوش ۽ هلچل اخبارن ۾ خورشيد جا آرٽيڪل شايع ٿيندا هئا. ان دوران هن پنهنجي يادگيرين کي فرضي نالن سان ڪهاڻين جو ڪتاب لکيو. خورشيد قائمخاني جي آٽوبايوگرافي ايتري تہ سخت آهي جو هن وقت پڻ پبلشر اها شايع ڪرڻ لاءِ دل نٿا ٻڌن.

منهنجي زندگي ۾ ڪيترائي موڙ آيا جن کي آئون موقعو سمجهي ذاتي فائدو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ها تہ پين ساٿين وانگر مٿئين طبقي ۾ شامل هجان ها پر اسان ڪڏهن پڻ آدرش کي وکر سمجهي وڪڻڻ پسند ناهي ڪيو ۽ مون کي جڏهن پنهنجا پراڻا دوست تحسين لاهوري ۽ سليمان ابڙو اهو طعنو ڏيندا آهن تہ تو کي تنهنجي جذباديت ڪٿي جو بہ ناهي ڇڏيو جيڪڏهن تون پاڻ کي سنڀالين ها تہ ڪروڙپتي هجين ها. مون کي اهڙن دوستن تي ڏک ٿيندو آهي جنهن جو نظريو ۽ معيار ئي پئسو هجن. آئون سمجهان ٿو تہ جيڪا محبت غريب ماڻهن جي دلين ۾ توهان لاءِ موجود آهي اهو دنيا جو سڀ کان وڏو سرمايو آهي. وڏا بنگلا، گاڏيون ۽ ڪاروبار حقيقت ۾ انسانن جي نفس ۽ حوس جي پورائي جو سامان تہ ٿي سگهن ٿا پر اعتماد، اعتبار ۽ آدرش جي سودي ۾ انهن جو ملهہ ڪجهہ بہ ناهي. مون خورشيد کان اهو ئي سکيو تہ آسمانن تان بہ هيٺ لهي آدرش کي پنهنجي زندگي ارپي سگهجي ٿي ۽ مون پنهنجي عظيم ساٿي شهيد حسن ناصر کان پڻ اهو ئي سبق سکيو تہ عياشين کي ڇڏي پنهنجي مقصد لاءِ اذيت خانن ۾ پڃرڻ جي لذت ئي ڪجهہ ٻي آهي، شهيد حسن ناصر انڊيا ۾ ڪاٽن جون بہ ملون ۽ محل نما گهر ڇڏي هتي آيو هو ۽ ٻي دردي سان ماريو ويو. عياشين لاءِ تہ دنيا پٽڪي ٿي ۽ ضمير کان وٺي عزت نيلام ڪرڻ تائين پڻ لهي اچي ٿي پر خورشيد ۽ حسن ناصر تہ سڀ ڪجهہ ڇڏي آيا هئا.. ڪامريڊ خديجہ گوهر پڻ مٿئين طبقي مان هئي ۽ پنهنجي پوري عمر انقلاب جي رومانس ۾ گذاري ڇڏيائين.

مون اهو پڻ محسوس ڪيو تہ مٿئين طبقي مان جيڪي ماڻهو انقلابي قافلي جو حصو بڻجن ٿا تہ پوءِ دنيا جي ڪا بہ طاقت انهن کي خريد نٿي ڪري سگهي ۽ نہ ئي موت جو خوف ئي سنڌس راهون روڪي سگهندو آهي. مٿئين طبقي مان اهي ماڻهو جن پنهنجي طبقي کان بغاوت ڪري هيٺئين طبقي ۾ پهتا انهن جي ڪردار کي وسارڻ هڪ وڏي نا انصافي آهي. ساڳئي جاءِ تي اهڙا پڻ مثال آهن جو مٿئين طبقي جي ماڻهن غريبن ۽

مظلومن جي حقن جي ڳالهہ ڪري اقتدار ماڻيا ۽ پاپولر سياست جي زور تي هنن عوام جي ارمانن جو نت خون ڪيو ۽ ڪري رهيا آهن.

مون کي اهڙا موقعا ڪيترائي مليا. ذوالفقار علي ڀٽو سميت ولي خان ۽ بيگم نسيم ولي خان ذاتي طور مون کي سڃاڻيندا هئا پر مون ڪڏهن پڻ ڪنهنجي اڳيان جهولي نہ جهلي ۽ نہ وري پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ پاڌايو جڏهن تہ پين ڪجهہ دوستن جا پڻ داستان مون کي ياد آهن جن پنهنجي روزي کي استحصالي طبقن اڳيان توڙي ذاتي زندگي ۾ سرخرو ٿيا. ايئن بہ نہ هو تہ مون کي پنهنجو وجود ياد نہ هوندو هو جڏهن ڪو ساٿي وڇڙيو تہ پوءِ مون ايئن سمجهيو تہ منهنجي جسم مان ڪو حصو ڪوري ڪپي ڌار ڪيو ويو آهي.

حيدرآباد ۾ سوئي گئس جوائن ڪرڻ واري زماني ۾ منهنجي رهائش صدر واري علائقي ۾ هئي. ان وقت پنهنجي پاڙيسرين سان چڱي خاصي دعا سلام پڻ رهندي هئي. ڪجهہ چڱا ماڻهو پڻ هئا. انيتا غلام علي کي مون پنهنجي ڀيڻ چيو. ان جو ياءُ مشتاق جنهن کي اسان مشو يا مچو سڏيندا هئاسين ان جو گهر پير غلام رسول جيلاني جي گهر جي بلڪل سامهون هوندو هو.

مون ڪان ڪڏهن پڻ چاپلوسي ۽ ڊپلوميسي نہ ٿي سگهندي هئي. جيڪو دل ۾ هوندو هو اهو منهن تي چئي ڏيندو آهيان. هڪ ڀيرو ميرپور خاص جي هڪ روحاني شخصيت سکر ۾ پنهنجي بنگلي تي موجود هئي. آئون پڻ اتي هئس تہ منهنجي ماڻٿن مون سان ان جو ذڪر ڪيو تہ مون چيو اهو پنهنجو دوست آهي ۽ پوءِ اسان شام جو ان سان ملڻ وياسين. بنگلي جي ٻاهر باغيچي ۾ پلاسٽڪ جو پہ ڪرسيون رکيل هيون جن مان هڪ تي صاحب ويٺل هو ۽ ٻي خالي پئي هئي ۽ سو ڏيڍ سو جي لڳ ڀڳ ماڻهو پٽ تي ويٺل هئا، منهنجا همراهہ پڻ پٽ تي ويهي رهيا پر آئون سڌو وڃي ڪرسي ڇڪي ان جي پر ۾ رکي ويٺس ۽ ويٺي ويٺي ان کي هٿ ڏنم تہ سائين ڪهڙا حال آهن؟ همراهہ کي ڪٽي مئيان لڳي هوندي ۽ منهنجي ان طرح سان گڏجي ويهڻ کي ان ناپسند بہ ڪيو هوندو پر منهن تي ڪجي نہ سگهيو ۽ ڪلندي چيائين تہ يار فيضو تون هتي ڪيئن پهتين؟ چيم تہ هنن همراهن تنهنجو ذڪر ڪيو تہ دل چيو تہ پاڙيسري آهيون ملي اچون. چانهہ پيئندي مون ان کي چيو تہ سائين اهي ماڻهو پٽ تي ڇو ويهاريا اٿئي؟ تہ جواب ڏنائين تہ اهي ڪي ماڻهو ٿورئي آهن جو پر ۾ ويهاريان. هي تہ منهنجا ڪتا آهن. مون کي پڻ موقعو ملي ويو ۽ منهن تي انهن سيني ماڻهن جي سامهون کيس چيم تہ سائين تون تہ انهن ڪتن ۾ وري سوئر پيو لڳين.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

اهو جواب ٻڌي پٽ تي ويٺل ماڻهن تہ ڪيئن بہ ڪري پنهنجي ڪل روڪي ڇڏي پر سائين پاڻ جيڪو ان وقت مگ مان چانهہ سپ ڪري رهيو هو سو اچي ڪل ۾ ڇتڪيو تہ اتڙي پيو ۽ چانهہ نڪ مان وهڻ لڳي. سائين کي کلندو ڏسي ٻيا ماڻهو پڻ کلڻ لڳا.

مون کي هڪ پراڻي ياد اچي رهي آهي اهو شايد 1970ع وارو زمانو هو. ان وقت منهنجي ڊيوٽي نوابشاهہ ۾ هئي. ان وقت مون وٽ هڪ جلباڻي ڇوڪرو ڪم ڪندو هو، سندس نالو شمشاد جلباڻي هو جيڪو دريا خان جلباڻي جو ڀائيٽو هو جيڪو ان وقت اليڪشن ۾ حصو وٺي رهيو هو. دريا خان جلباڻي کي جڏهن ان جي ڀائيٽي چيو اسان وٽ سوئي گئس ۾ هڪ ڪامريڊ آفيسر آهي تہ هو مون سان ملڻ آيو ۽ ماني جي دعوت پڻ ڏنائين. حاڪم علي زرداري ۽ دريا خان جلباڻي گڏجي چونڊ وڙهي رهيا هئا. پهريان قومي اسيمبلي جون چونڊون ٿيون ۽ حاڪم زرداري ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ ڪراچي هليو ويو باقي جلباڻي صاحب پنهنجي سيٽ لاءِ اليڪشن مهم اڪيلي سر هلائي. انهن ڏينهن ۾ هو پنهنجي ڀائيٽي شمشاد جلباڻي سان گڏجي مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ ڪامريڊ گاڏيون کپن منهنجا يار تہ ڪم نڪرڻ کان پوءِ ڀڄي ويا سو ان کي پنهنجي ڪمپني جون گاڏيون ڏنم بس اهو ئي عرض ڪيم تہ گاڏين جون نمبر پليٽون لاهي ۽ ريڊنگ ميٽر جي تار الڳ ڪري پوءِ ورڪ ڪجو. همراهہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اليڪشن مان ڪامياب ٿيڻ کان پوءِ مون وٽ آيو ۽ چيائين تہ ڪامريڊ متان سمجهين تہ اسان ڀڄڻ وارا آهيون حڪم ڪر جيڪو ڪجهہ کپئي پر مون ان کان ڪا بہ مدد نہ ورتي پر هڪ ڀيرو نوابشاهہ جي سرڪاري پلاٽ تي آباد ماڻهن کي اها زمين خالي ڪرڻ جا نوٽيس مليا اهي محنت ڪش طبقي جا غريب ماڻهو هئا ۽ انهن مون کي چيو تہ آئون جلباڻي وٽ هلي ويس ۽ هن پڻ دوستي نڀائيندي انهن سڀني ماڻهن کي مالڪاڻا حق ۽ سندون وٺرائي ڏنيون. ذاتي طور هو تمام ملنسار ۽ يار ويس ماڻهو هوندو هو.

مون کي زندگي ۾ سچن دوستن جو وڏو ساٿ مليو، ڪامريڊ شهيد حسن ناصر، ڊاڪٽر اعزاز نذير، ڪامريڊ خورشيد قائمخاني، ڪامريڊ خديجہ گوهر اهي ساٿي هئا جن منهنجي زندگي کي مقصد عطا ڪيو، شهيد حسن ناصر تہ آڳاٽو اسان کان کسيو ويو ۽ اعزاز نذير پڻ نئين صدي جي ابتدا ۾ ئي اسان کان وڇڙي ويو. خديجہ ۽ خورشيد پڻ هڪ ٻئي پويان اڻ ڇاتل ديس ڏانهن اسهيا. خديجہ گوهر جي وڇوڙي کان پوءِ خورشيد تمام گهڻو اداس رهندو هو. هميشہ اها ئي واڻي هوندي هئس تہ يار اب همين ڀي چلنا چاهيي. آئون سدائين کيس آٿت ڏيندو هئس. ڪامريڊ خديجہ ئي هئي جنهن خورشيد جهڙي بي چين ۽ بي قرار روح کي پيار سان رکيو.

خديجہ جي وڇوڙي کان پوءِ خورشيد هڪ بہ ڀيرا ٻاهر ويو هو پر اتي بہ سڪون نہ آيس. هو انتهائي حساس ۽ معصوم انسان هوندو هو سچي عمر پنهنجي پيدائشي ڳوٺ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪ سانڍي هلندو رهيو ۽ جڏهن اتي ويو تہ تمام گهڻو پيار پڻ مليس پر هو ٿورو مايوس ٿي ويو تہ زمانو ڪيئن نہ بدلجي ويو. ظاهر آهي تہ اهي ساٿي ۽ اهو وقت تہ سدائين ناهي رهڻو ۽ وري ورهاڱي ڪان پوءِ تہ اسان جي سماج ۾ هر جاءِ تي ناڪاري اثر پڻ پيا آهن. آئون پڻ هڪ ڀيرو انڊيا ويو هئس. انڊيا جيتوڻيڪ هڪ وسيع ملڪ اهي ۽ ان کي ننڍو کنڊ پڻ چيو ويندو آهي ان ڪري هر علائقي جي پنهنجي پنهنجي ثقافت ۽ الڳ الڳ روايتون ۽ قدر آهن پر پوءِ بہ مون کي اهو ملڪ دنيا جي ٻين ملڪن ڪان وڌيڪ مانوس لڳو. جيڪڏهن ورهاڱو نہ ٿئي ها تہ پوءِ ننڍو کنڊ هڪ عظيم قوم ۽ طاقت بنجي ها.

خديجہ گوهر جو آخري سفر تمام شاندار رهيو. خديجہ پنهنجي زندگي جا آخري ڏهاڪا اسڪردو ۾ گذاريا هوءَ اتي جي مقامي عورتن جي لاءِ فلاحي ادارو هلائيندي هئي جنهن ۾ عورتن جي صحت، تعليم ۽ روزگار لاءِ ڪم ڪيو ويندو هو. اتي ان جي آفيس جو دفتر پڻ هو ۽ ان سان گڏ هڪ رهائشي گهر پڻ هو. خديجہ جي آخري ڏينهن ۾ خورشيد ساڻس گڏ هو. هن جي طبيعت خراب ٿيڻ تي خورشيد ان خاتون جي ڏيئرن ۽ پٽن کي پڻ گهرائي ورتو. رات جو وڌيڪ طبيعت خراب ٿيڻ تي خورشيد ڪار اسٽارٽ ڪري اسپتال ڏانهن ويو. رستي ۾ ئي خديجہ جو روح جسم ڪان جدا ٿي ويو ۽ سيٽ تي ئي هو آرام سان ويٺل هئي اهڙي ريت خورشيد کي هو سفر ۾ اڪيلو ڇڏي وئي ۽ پوءِ آخر تائين ئي ان جي تات هوندي هئس. خديجہ گوهر جو هن ملڪ ۾ ڀيو ڪير بہ نہ هو هن ڪرنل علي گوهر سان پيار جي شادي ڪئي هئي جڏهن ڪرنل گذاري ويو تہ خورشيد ۽ ان جهڙن ٻين ساٿين خديجہ کي سنڀالي ورتو ۽ ان جي ٻارن جي پرورش ڪان وٺي انقلابي ڪم ڪار تائين سندس ساٿي ٿي بيٺا ۽ جڏهن خديجہ لاڏاڻو ڪري وئي تہ خورشيد جي زندگي ۾ وڏو خال پيدا ٿيو. خديجہ ان جي وک وک تي رهنمائي ڪئي هئي. سڄي دنيا ۾ انقلابين سان سندس ڏيٺ ويٺ خديجہ جي ڪري ئي ٿي هئي.

اسان ان ڪان پوءِ محسوس ڪيو تہ خورشيد اوچتو پنهنجي گهر ويهي رهيو. هڪ اردو شعر آهي:

وہ میخانہ کو جگانے والا، وہ راتوں کی نیند اڑانے والا،
آج کیا اس کی جی میں آئی کہ شام ہوتے ہی گھر گیا وہ.

اهڙي ريت خورشيد بہ آخري سفر جي تياري ڪرڻ لڳو ۽ پوءِ اسان ڪجهہ دوستن ان وٽ وڃي ڪيس آٿت ڏني ۽ حيدرآباد ۾ علي نواز گهانگهرو جي بڪ اسٽال تي اسان جي بيٺڪ هوندي هئي. اسحاق مگريو، علي نواز گانگهرو، آئون، عرفان ملڪ (هيرآباد وارو)، پروفيسر حميد انجم (ڪوٽڙي وارو) تہ اتي باقائدگي سان هر ڇنڇر جو پهچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا هئاسين، ڪچهريون هونديون هيون، زماني جون ڳالهيون هلنديون هيون ۽ خورشيد جي لک پڙهه جو پڻ ڪم حل ڪيو ويندو هو. خورشيد اخبار لاءِ آرٽيڪل اسحاق مگريي جي حوالي ڪندو هو ۽ ڪتابن ۽ رسالي وغيره جو مواد وري گانگهري کي سونپي منجهند جو ريل گاڏي ۾ تنبي الميار واپس ويندو هو. ان دوران هن مني جي هڪ دلت دوست سان گڏجي "دلت ادب" نالي رسالو پڻ شايع ڪيو جنهن ۾ انڊيا جي دلت مفڪرن جون لکڻيون ۽ انٽرويوز سنڌي ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيا ويندا هئا. خورشيد مني ۾ پنهنجي دلت دوستن سان ملڻ لاءِ مهيني ۾ هڪ چڪر ضرور لڳائيندو هو.

انڊيا ۾ هڪ مثبت رجحان اهو اڀريو آهي جو قديم ديو مالائي ۽ پراڻن ۽ پوٿين جي تاريخي قسن ۽ رزمين جي جاءِ تي سماجي لاڙن ۽ سائنسي اصولن کي نظر ۾ رکندي نئين تاريخ لکجي رهي آهي. ان عمل جي ابتدا ته امبيڊڪر صاحب کان ٿي ۽ پوءِ وارن ليکڪن ان موضوع تي ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. خورشيد صاحب وٽ باقائدگي سان ان موضوع تي لٽريچر انڊيا کان پهچندو هو. اهو ڪم هڪ نوجوان ليکڪ يوگيندر سڪند (يوگي سڪند) جي حوالي هو ۽ هو اسان کي انڊيا جو ترقي پسند ۽ تخليقي ادب موڪليندو هو. يوگيندر سڪند اسلامي اسٽيڊيز ۾ پي ايچ ڊي ڪئي آهي. هي تمام با صلاحيت نوجوان آهي. خانداني پس منظر سان هو بينگلور جي سک گهراڻي سان تعلق رکي ٿو ۽ هن هڪ مسلمان ڇوڪريءَ سان پيار جي شادي پڻ ڪئي آهي. سکن جي روايتي لباس بدران هو مونو سک آهي ۽ ڪيترائي ڀيرا هتي پاڪستان ۾ پڻ آيو ۽ حيريت ٿيندي هئي جو اهو همراهه جڏهن خورشيد سان گڏ هلندو هو ته ماڻهن کي هو ڪنهن به ريت انڊين نه لڳندو هو ۽ خورشيد کي اهي هندستاني سمجهي ويهندا هئا. يوگي اسان کي اهو پڻ ٻڌايو ته ڏکڻ انڊيا جي ماڻهن جي شڪل شبيهه ۽ رنگ بلڪل سنڌ جي لاڙ ۽ ٿر وارن ماڻهن سان ڏاڍو ملي ٿو ۽ منجهن صرف ٻولي جو فرق آهي. يوگي سڪند ڪيترن ئي ڪتابن جو ليکڪ آهي ۽ هن وقت جامعه اسلاميه دهلي ۾ پروفيسر جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو آهي.

***

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪامريڊ عاصم

دونون جهان تيري محبت مين هار ڪي
وه جا رها هي ڪوئي شبِ غم گزار ڪي. (فيض)

خورشيد کان ڪجهه وقت اڳ مون کان هڪ پيو دوست پڻ موڪلائي ويو، حيدرآباد واري گهر ۾ ويٺو هئس تہ منجهند جو هڪ همراهہ گهنٽي وڄائي. هاڻ تہ پنهنجي گهر ۾ ڪي انقلابي دوست تہ وارد نہ ٿيندا آهن. ڪير وارو يا بجلي ٽيليفون جي بل وارو ڪو ماٺو ئي گهنٽي وڄائيندو آهي پر اها گهنٽي هڪ ڪوريئر سروس جي ڇوڪري جي هئي هن مون کي هڪ خط ڏنو ۽ اندر وڃي مون اهو کوليو تہ اها چٺي ڪامريڊ عاصم جي هئي.

خط تمام مختصر هو ۽ اڳ تہ هو طويل خط لکندي هئي جنهن ۾ مير، غالب، فيض ۽ ساحر جا وڏا وڏا نظم پڻ لکي موڪليندي هئي پر اهو ڇو هڪ ئي ننڍي چٽ تي بي ربط ۽ ڏڪندڙ هٿن سان لکيل خط......

ڪامريڊ فيض

سرخ سلام...... مون کي معاف ڪجين ۽ اميد ٿي ڪريان تہ تون پنهنجي باقي زندگي خوشي سان گذارين. آئون تنهنجي مشڪور آهيان تہ تو سموري زندگي انقلابي سفر ۾ منهنجو ساٿ ڏنو. جيڪڏهن ملڻ چاهين تہ آخري وقت اٿئي. مون کي سدائين پاڻ سان گڏ سمجهجان. آئون تو کي پيار مان ڪنهن شعر جو تحفو ڏيڻ ٿي چاهيان پر منهنجي ساهن جيان شعر پڻ مون کان رسي ويا آهن. مون کي هزارين شعر ياد هوندا هئا پر تو کي پڙايان ٿي تہ اڄ اهي سڀ مون کان رسي ويا آهن.

فقط تنهنجي ڪامريڊ عاصم فيض

مون اهو پنو اٿلايو تہ واقعي ڪو شعر لکيل نہ هو صرف ٽيڪا هئا شايد هن شعر لکڻ لاءِ قلم کي پني تي رکيو ۽ وري ڪنيو هوندو ۽ اهڙي ريت ڪئي ٽيڪا نهي ويا. مون انهن ٽيڪن جي هيٺان ميرا پائي جو اهو دوهو لکيو تہ:

نديا ڪناري دونمان انهي مين جاٿون ڪچهہ هوءِ،

جس ڪارڻ مين جو گڻ بڻي ڪهين وه نہ جلتا هوءِ.

عاصمہ ۽ مون پاڻ ۾ شادي ڪرڻ تي چاهي پر اها شادي نہ ٿي سگهي، جڏهن شرمندگي مان عاصمہ ڪي پنهنجي ڳوٺ ڪان واپسي تي پڌايم تہ ڪامريڊ مائٽن منهنجي شادي ايئن ڪرائي ڇڏي جيئن سماج ۾ بنا رضامندي جي مائٽ پنهنجي نياڻين جون شاديون ڪرائيندا آهن تہ عاصمہ ڏک ڪرڻ ۽ رسڻ جي بدران ۽ بي وفائي جي طعني ڏيڻ بدران منهنجي هٿ ڪي جهلي چيو تہ ڪامريڊ پاڻ هن سماج ۾ ريتن ۽ رسمن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيون جيئن تنهنجو نالو فيض محمد رکڻ تي تنهنجو اختيار نہ هو ۽ نہ وري تنهنجو عقيدو پڻ تو ڪي ورثي ۾ مليو اهڙي ريت تنهنجي شادي پڻ تنهنجي مرضي خلاف ٿي آئون تو کي ڪا شڪايت نٿي ڏيڻ چاهيان. اها شادي تو ڪي مبارڪ هجي ۽ آئون تنهنجي پيار ۾ وري ڪنهن سان شادي نہ ڪنديس ۽ اهڙي ريت هن پنهنجي پوري عمر شادي نہ ڪئي. هو اڪثر ڪري منهنجي گهر پڻ ايندي هئي ۽ منهنجي گهرواري کي چوندي هئي تہ هاڻ منهنجو هن تي ڪو بہ حق نہ آهي هي تو کي مبارڪ هجي.

عاصمہ سان آئون ڪراچي ۾ آخري ڀيرو ملڻ ويس هن جي ڪمري ۾ پراڻا ڪتاب ۽ رسالا ٽڙيل پکڙيل پيا هئا هن هٿ جي اشاري سان مون کي چيو تہ اهي ڪتاب ڪٺي وچ ۽ تو وٽ وڏيڪ محفوظ هوندا مون سندس ڪتابن جا بئگ هڪ پاسي رکيا تہ هن چيو تہ نہ اهي ڪڻ ان ۾ منهنجون يادون آهن ۽ هٿ اکر لکيل آهن. سو آئون اهي ڪتاب ڪٺي خورشيد وٽ ويس تہ هن چيو تہ هاڻ اهي ڪتاب پاڻ ڪان وڏيڪ نوجوانن وٽ محفوظ رهندا سو اهي ڪتاب اسان پنهنجي هڪ نوجوان دوست جي حوالي ڪيا.

❋❋❋

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوئي گئس مان رٽائرمينٽ

مون سئي گئس مان 2003ع تي رٽائرمينٽ ورتي، سوئي گئس جي ملازمت دوران مون قطعي پڻ ايئن نه سمجهيو ته ايترو ڊگهو عرصو آئون اها ملازمت ڪري سگهندس. مون کي ياد آهي ته قاسمي صاحب جي شربت جي گاڏي تي ڪم ڪرڻ دوران هڪ جيپ آئي جيڪا ملازمن جي ڳولا ۾ هئي. اهو اتفاق هو ۽ مون کي اهي ڪم تي وٺي ويا ۽ پوءِ آئون ان شعبي سان سلهاڙجي ويس. ان ڪاتي ۾ ڪم ڪرڻ دوران مون کي پوري ملڪ جو سفر ڪرڻو پوندو هو ۽ پارٽي پڻ منهنجي مقرري ۾ ڪم ڪرڻ واري جاءِ کي نظر ۾ رکندي ڪم منهنجي حوالي ڪندي هئي. ان شعبي ۾ ڪم ڪنديءَ مون تمام گهٽيون موڪلون ورتيون. منهنجو طريقو هوندو هو ته ڏينهن رات چار يا پنج مهينا لڳاتار ڪم ڪندو هئس ۽ پـﻪ مهينا پگهار سميت موڪل وٺي پارٽي جو ڪم ڪبو هو. آخري سالن ۾ ته مون صرف نالي ماتر ڊيوٽي ڪئي. جيتوڻيڪ موڪل جي مد ۾ مون کي رعايتون پڻ ملنديون رهيون ۽ مون پنهنجي ڪمپني جي وسيلن کي پنهنجي پارٽي لاءِ ڀرپور استعمال پڻ ڪيو هو ايستائين جو دوستن جي پڻ اوکي ويل مدد پڻ ڪمپني ذريعي ڪبي هئي. مون ڪيترن ئي پورهيت جدوجهد جي ساٿين ۽ گذاري ويل ساٿين جي اولاد کي پڻ نوڪرين ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. ساڳئي جاءِ تي مون ڪڏهن پڻ پنهنجي فرض ۾ ڪوتاهي نه ڪئي. ڪمپني جو ڪم ترجيح جي بنياد تي ڪيو هو ۽ رٽائرمينٽ تي مون کي سوئي گئس پاران هڪ تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو ويو. سوئي گئس جي ملازمت دوران اسان کي وچ ايشيائي ملڪ گهمڻ جو موقعو پڻ مليو. آذر بائيجان، قزاقستان ۽ تاجڪستان گهميا سين. اڳ ۾ گئس لاءِ اسٽيل جا پائيپ ڪتب آڻيا هئا پر پوءِ ڪمپني پلاسٽڪ جي پائيپن کي استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ان لاءِ سوئي گئس ڪمپني پنهنجي ملازمن کي تربيت لاءِ فرانس موڪليو جنهن ۾ آئون پڻ هئس. فرانس ۾ وري هڪ دلچسپ صورتحال تڏهن پيدا ٿي جڏهن اسان جي تربيتي ٽريننگ دوران هڪ ٻيهرو وقفو ڪيو ويو ۽ ان جو سبب اهو هو ته اتي جي ڪجهه مزدور يونينن پنهنجن مطالبن لاءِ هڙتال شروع ڪئي ۽ ورڪشاپ ۾ تربيتي سيشن هلي نه سگهيو ته منهنجي دوستن مذاق مان چيو ته هتي پڻ فيضو شيدي جهڙا موجود آهن ۽ انهن مزدورن ورڪشاپ ۾ تقريرون ڪيون ته مون پڻ مزدورن جو جلسو سمجهي انهن جي ڪئمپئين ۾ حصو ورتو ۽ يڪجهتي جو پيغام ڏنو ته فرينچ مزدور اڳواڻ ڏاڍا خوش ٿيا

آخري لفظ

عشق سي طبيعت ني زيست ڪا مزا پايا

درد ڪي دوا پائي، درد بي دوا پايا (غالب)

مون کي تامس مور جيان هن دنيا جي پاڇي ۾ ٻي دنيا جي موجود هئڻ بابت يقين ناهي ۽ نہ ئي جنت جو فڪر يا دوزخ جو ڊپ اٿم. هي دنيا تمام حسين آهي پر شرط اهو آهي تہ انسان نالي مخلوق ۾ انسانيت هجي ۽ برابري سان اهو هڪ ٻئي کي صرف انسان جي ناتي سان رشتو رکي نہ تہ اها مخلوق خونخوار وحشي جانورن کان بہ خطرناڪ آهي. طبقاتي نظام انسان کان انساني سڃاڻپ ئي کسي ڇڏي آهي ۽ ان جو انجام تباهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي.

ڪنهن مشهور مفڪر جو قول آهي تہ ڪو بہ آفريڪي جڏهن قلم کڻي پنهنجي ڪهاڻي لکي ٿو تہ اهو وڏو انقلابي ڪم هوندو آهي آئون اهو چوندس تہ ڪو بہ محنت ڪش جڏهن قلم کڻي پنهنجي ڪهاڻي لکي تہ اهو انقلابي ادب هوندو. منهنجي زندگي سچن انقلابي ساٿين جي مرهون منت آهي جن منهنجي زندگي کي ڪنهن مقصد سان آشنا ڪيو. اڄ پڻ سندن يادون منهنجي سيني ۾ دفن ٿيل آهن. مون کي ڪي تلخ يادون پڻ لکڻ گهرجن ها سنگت جي بي وفاين ۽ غدارين جا پڻ ڪئي قصا هن دل ۾ دفن آهن پر مون ان باب کي ڇيڙيو بہ ناهي مون کي ڪنهن سان شڪوہ ڪرڻ بدران پنهنجي سفر سان ئي سروڪار هو. مون پهنجي پر سفر سڄايو ڪيو. پنهنجي جاءِ تي پختگي سان بيهي رهڻ ئي منهنجي لاءِ اهم ڪم آهي. ڪئي راتيون سڄايون ويون ۽ ڪن ڏينهن ڏيل ڏکويو پڻ هو. پنهنجي ويجهن ساٿين جا رت هاڻا مڙهہ پڻ کنيا سين تہ مزدور ۽ هاري طبقي جي ڏکن ۽ اذيت جهڙي زندگي کي پڻ ويجهي سان ڏسي ۽ محسوس ڪندا رهيا سين. ڪيترائي موڙ آيا ۽ انساني المين جو تجربو پڻ ٿيو پر زندگي جو اهو سفر هو ۽ وڏي حد تائين ڪتجي پڻ ويو پنهنجي وطن جي برن پٽن تي رولاڪيون پڻ ڪيون سين. بس اهو ئي ڪافي آهي جو پنهنجي ڪشڪول ۾ پلي ڳوڙها ئي هجن ۽ دامن چاڪ هجي پر مقصد ۽ منزلن ۾ پهاڙن جهڙا پختا عزم ۽ ارادا ۽ يقين ئي زندگي گذارڻ جو ثمر هو. جيڪڏهن ٻيهر زندگي گذارڻ جو موقعو ملي تہ بہ زندگي جو سفر اتان ئي شروع ڪبو جتان ڇڏيو ويو آهي پر استاد بخاري جي بقول؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر خدا حافظ، ملڻ مشڪل وري،

پنھنجو پھرينءَ پر جيئڻ مشڪل وري.

سو ست ڪان موڪلاڻي ڪجي تہ بھتر آھي. سنڌ ايڪسپريس جي پڙھندڙن جو آئون خاص طور تي شڪر گذار آھيان جن منھنجي يادگيرين جو سلسلو وڏي وقت تائين نہ صرف پڙھيو پر ھر ھنڌ کان فون ڪري سارا ھيو ۽ منھنجي حوصلي افزائي ڪئي.

ڪافي يادون اوريم تہ ڪن ھمراھن کي تڪليف پڻ ٿي ٿوٽي جو مون انھن تي ڪجھ لکيو بہ ناھي. ڪين خدشو ھو تہ آئون ڪي پراڻا راز کولي ويھي رھندس ھاڻ تہ اھي ڏاڍا خوش بہ ھوندا جو تہ مون صرف پنھنجي سفر جي ئي ڳالھ ڪئي چاھڻ جي باوجود انھن کي ڇيڙيو بہ نہ اٿم مون کي دوستن جي غدارين ۽ بيوفاين تي پڻ لکڻ گھربو ھو ۽ مقدس بڻيل انھن ڏڀين تي پڻ قلم کڻجي ھا پر ھاڻ ان مان ڪو بہ فائدو ناھي مجموعي طور عوام تلخ تجربن مان اھو شعور حاصل ڪري چڪو آھي جو ھو چڱي يا بري جي سڃاڻپ ڪري سگھي ٿو پر لڳي ٿو تہ انھن يارن سان اھا حالت آھي بقول فيض احمد فيض جي :

وہ بات سارے فسانے مين جس ڪا ذڪر نہ تھا،

وہ بات ان ڪو بھت ناگوار گذري ھي.

پر مون سان اھو مسئلو ھو تہ اھي پڻ يادون اورجن ۽ اھي ڦٽ پڻ کولجن ھا جيڪي ھاڻ رسجي پچي غلاظت پيا ڦھلائين پر انھن کي اڄ ڪلھ وري تقدس جي غلافن سان ڍڪيو ويو آھي ۽ سماج پڻ انھن تي ھڪ حرف تنقيد برداشت ڪري، اھو ئي اسان جو الميو آھي:

جو ڪھني گئي تھي جان صدقہ ڪئي،

ان ڪھي سي رہ گئي وہ بات سب باتون ڪي بعد.

مون کي پورو يقين آھي تہ ڪاپي ڏر جو اپار وري اڀرڻو اھي ۽ اھا لھر اڳ کان پڻ اڳري ثابت ٿي سگھي ٿي. اڳ ۾ لمحن جي خطا کي صدين سزا طور ڀوڳيو ھاڻ ضرورت ان ڳالھ جي آھي تہ اڳوڻن تجربن مان سبق سکجي ۽ ڪاميابين مان اتساھ وٺي اڳيون غلطيون نہ دھرائجن تہ ماڳ پري ناھي. ھاڻ تہ حال في الحال ڪاپي ڏر جو اڳوڻو عروج پڻ رسي ويو آھي ۽ ان دور جا ساٿي پڻ آھستي آھستي پنھنجي ماڳ ڏانھن روانا ٿي ويا اھن جتان ڪير بہ واپس نہ موٽيو آھي.

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

ڪب ٺهري گا درد اي دل، ڪب رات بسر هو گي،

سنتي تهي وه آئين گي، سنتي تهي سحر هو گي.

سو ڪافي ڪهاڻيون ذهن جي ڪينواس تي ٿوهر جيان پاڙون هڻي بيٺيون هيون پر قلم جي جنبش سان انهن کي سلي نہ سگهيس. ڪافي اهم واقعا ۽ دوستن جا احوال پڻ هاڻ ياد نٿا رهن ۽ پنهنجي ڪهاڻي پڻ مڪمل طور لکڻ کان قاصر آهيان. ڪافي يادون وڃائجي پڻ ويون آهن ۽ ڪافي وقت ملڻ دوران اهي يادون پڻ مس مس ذهن تي تري آيون ۽ هڪ بي ربط ڪهاڻي لکڻ ۾ ڪامياب ويس.

ساغر صديقي جو هڪ شعر آهي:

اب اپني حقيقت بهي ساغر بي ربط ڪهاني لگتي هي،

دنيا ڪي حقيقت ڪيا ڪهيي ڪچهہ ياد رهي ڪچهہ بهول گئي.

اها منهنجي ڪهاڻي هئي جيڪا ڪنهن عام مزدور جي جدوجهد جو هڪ معمولي قصو آهي مون کي مبالغہ آرائي ۽ شهرت جي ڪا بہ ضرورت ناهي بس اهو قصو يادگيري طور لکيم، مون ايئن نہ سمجهيو هو تہ اهو هڪ طويل مضمون تي پوندو. بس جيڪو ڪجهہ لکڻو هيم سو لکندو ويس. آئون ذاتي طور پنهنجي پراڻي ساٿي اسحاق مگريي ۽ نوجوان ساٿي ارشاد لغاري جو احسانمند آهيان ۽ گڏو گڏ سنڌ ايڪسپريس جي سموري سٽ جو، جن پنهنجي قيمتي صفحن ۾ اسان کي جاءِ ڏني.

(پورو ٿيو)

فيضو شيدي هڪ اداري طور ڪم ڪندو رهيو آهي.هن نہ رڳو پنهنجي جيون ڪٿا کي ڪتابي صورت ۾ لکي، پنهنجو قصو بيان ڪيو آهي، پر اها ڪهاڻي جڻ هڪ دور جي تاريخ بہ آهي.

هن جهڙي ريت دلچسپ پيرا ۾ مدرسي مان ڀڄي نڪرڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي آهي، اها تمام گهڻي دلچسپي واري آهي . جو مدرسي جي مولوي جي پٽ کي کوهہ مان ان عيوض ڪڍيو تہ کيس مدرسي مان ڀڄڻ ۾ رڪاوٽ نہ بنبو ۽ مولوي پٽ جي عيوض ان لاءِ تيار بہ ٿي ويو.” ان کان پوءِ هو پيءُ جي خوف کان گهر وڃڻ جي بدران حيدرآباد جي روڊ تي سمهي گذاريو ۽ جنهن کان پوءِ صدر جي جامع مسجد وٽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي وٽ شربت وڪڻن جو ڌنڌو ڪرڻ لڳو ۽ حڪمت جي ڪم سان لاڳاپيل قاسمي صاحب کي شربت جي نسخي ۾ تبديلي لاءِ قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن جي ڪهاڻيءَ ۾ دلچسپ قصو اهو بہ هو تہ هو ان کان پوءِ فرانس هليو ويو ٿو. هن جي زندگي ۾ حيرت ناڪ قصا بہ آهن ۽ هن جي جستجو جي ڪهاڻي بہ آهي.اهوئي سبب جو هن جي جيون ڪٿا ۾ ڪئين پهلو ملن ٿا. هڪ طرف هو شيدين جي غلامي واري درد ناڪ ۽ تڪليف ڏيندڙ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو.تہ ٻئي طرف هو ان ڪيفيت مان جنهن بهادري سان نڪرڻ جي ڳالهہ ٻڌائي ٿو ، اها وڏو حوصلو ڏيندڙ آهي. مونکي فيضو شيدي جي بي باڪي ۽ همت سان ڳالهہ ڪرڻ تي حيرت بہ ٿيندي آهي. هن جي جيون ڪٿا ۾ هڪ طرف 60 سال اڳ واري ملڪ جي سماجي ۽ سياسي ڪهاڻي جو بہ ذڪر ملي ٿو . هن جي جيون ڪٿا ۾ سياسي هلچل ، سماجي سرگرميون، مزدور تحريڪ، ڪميونسٽ تحريڪ ۽ سنڌ جي هيرو هوشو شيدي جي قبر ڳولڻ وارو تحقيقي ڪم. هن جو مثالي ڪمن ۾ شامل آهي.هن هوشو جي قبر جي ڳولا جديد تاريخي گهرجن جي بنياد تي ڪئي. اها سڄي مهم تاريخي نوعيت واري آهي. هن ڪميونسٽ پارٽي ۽ مزدور تحريڪن ۾ پڻ سرگرم ورڪر طور ڪم ڪندو رهيو آهي.هن جي جيون ڪٿا ۾ ڪامريڊ حسن ناصر کي سنڌ ۽ بلوچستان ۾ مختلف هنڌن تي روپوشي جي حالت ۾ لڪائڻ وارو قصو پڻ هڪ دور جي تاريخ سان شناسائي وارو آهي. هن پارٽي جي ٽٽڻ کان پوءِ شيدين ۾ سجاڳي وارو ڪم هٿ ۾ ڪنيو. جنهن کي ئي هن بنياد بنائي ڪٿا لکي آهي.جيڪي اڳم هو اسان سان ذاتي ڪچهرين ۾ ٻڌائيندو رهيو آهي.

اسحاق مگريو.

HIMMAT PRINTERS HYD: 022-2786029

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حساب سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چوي چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book